# ناهي مَستن تي ڪا مَيار

[ڪليات]

شاعر

حاجي مصري ڪاڪا 'مائل سروري'

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ناھي مَستن تي ڪا مَيار

## [ڪليات]

حاجي مصري ڪاڪا 'مائل سروري'

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2020ع

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

ڇاپو پهريون جولاءِ 2020ع

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: ڇهه سؤ رپيا

(Price: Rs. 600-00)

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب حاڪم پرنٽرس اينڊ پبلشرز حيدرآباد مان سيد سڪندر علي شاهه سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

سُونهاري سنڌ جي مردم خيز سرزمين هالا شريف شروع کان ئي علم و ادب ۽ شعر و شاعري لاءِ ڪوشان رهندو پيو اچي. هِن ڀونءِ تي ڪيئي اهڙا عالم، محقق، شاعر ۽ اديب تولد ٿيا، جن پنهنجي خدمتن جي عيوض هالا جي سرزمين کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. اهڙين نالي وارين شخصيتن مان حاجي مصري ڪاڪا 'مائل سروري' بہ هڪ آهي، جيڪو قبلا مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' جي بزم جو شاعر ۽ سندن ساٿي رهيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي ڪوشش رهي آهي تہ، معياري شاعري کي اوليت جي بنياد تي شايع ڪري منظرعام تي آندو وڃي. بورڊ پنهنجي روايتي نميواري نڀائيندي، هالا جي عظيم ڪافي-گو شاعر حاجي مصري ڪاڪا 'مائل سروري' جي مڪمل ڪلام جي ڪليات "ناهي مَستن تي ڪا مَيار" جي اهميت کي مدنظر رکندي، اُن کي شايع ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. هِن ڪليات ۾ نہ فقط شاعر جو مڪمل ڪلام شامل آهي؛ بلڪ يادگار تصويرون بہ شامل ڪيون آهن، جيڪي هڪ دؤر جي تاريخي حيثيَت رکين ٿيون.

سنڌ جي اهڙي يگاني شاعر جي هيءَ ڪليات "ناهي مَستن تي ڪا مَيار" آءٌ بورڊ جي مانائتي چيئرمين جناب مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' صاحب جن جي خصوصي دلچسپي ۽ رهنمائيءَ ۾ شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.

توقع آهي ته، اسان جي هيءَ ڪاوش شاعريءَ سان دلچسپي رکندڙن ۽ پڙهندڙن وٽ مڃتا ماڻيندي.

06- ذوالحج 1441هہ
28- جولاءِ 2020ع

سيد سڪندر علي شاهہ
سيڪريٽري

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ٻه اکر | ـ مخدوم جميل الزمان | 07 |
| مائل مٺيادار | ـ محمد رمضان مسڪين سروري | 08 |
| مصري جي ٻاٽري | ـ ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي | 13 |
| خوبصورت جذبن وارو شاعر حاجي مصري ڪاڪا مائل سروري | ـ نور محمد عرف نور سنڌي | 15 |
| حاجي مصري ڪاڪا: هڪ شاعر ۽ سماجي ڪارڪن | ـ ڊاڪٽر نواب ڪاڪا | 26 |
| انگريزي قافين جو ديسي شاعر | ـ سهيل ابڙو | 31 |
| موسيقي شناس شاعر "مائل سروري" | ـ سوز هالائي | 38 |
| ناهي مستن تي ڪا ميار | ـ ڊاڪٽر حبيب الله صديقي | 41 |
| مصري جو ميناج | ـ عبدالغفار صديقي | 44 |
| قادرالڪلام شاعر: حاجي مصري ڪاڪا | ـ نصير مرزا | 50 |
| جلال ۽ جمال جو شاعر | ـ نظام الدين ڪاڪا | 55 |
| ناهي مستن تي ڪا ميار | ـ ڊاڪٽر الهچايو ڪاڪا | 58 |
| سخن شناس شاعر | ـ سيد عيدن شاهه | 60 |
| منهنجي سوانح حيات | ـ حاجي مصري ڪاڪا 'مائل سروري' | 63 |
| 1. ڪافي | ........................ | 65 |
| 2. نظم | ........................ | 135 |
| 3. بيت | ........................ | 141 |
| 4. غزليات | ........................ | 271 |
| 5. قطعات | ........................ | 307 |
| شاعر جي زندگيءَ جو احوال | ـ بقلم خود | 311 |

# ٻه اکر

حاجي مصري ڪاڪا جي ڪافي زندگي حضرت قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحه جي حاضريءَ ۾ گذري، وٽن وقت بوقت ٿيندڙ مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو رهندو هو ۽ شاعرن جي ڪلام کي ٻڌندي شاعريءَ جو شوق پيدا ٿيس. حضرت قبله طالب المولىٰ سائين رحه جن کيس ”مائل سروريءَ“ جو تخلص ڏنو جيڪو اڄ ڏينهن تائين استعمال ڪندو آهي.

پاڻ سنڌي ۽ اردو غزل، بيت، ڏهر، قطعه ۽ ڪافين وغيره تي طبع آزمائي ڪئي اٿس ۽ بحر ۽ وزن جي به سٺي ڄاڻ رکي ٿو.

مطالعي سان معلوم ٿيندو ته ”مائل سروريءَ“ پنهنجي ڪلام ۾ جابجا نواڻ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ الفاظ ۾ جدت آندي اٿس، تنهنڪري کيس صاحبِ طراز شاعر چئجي ته بجا ٿيندو.

حاجي مصريءَ سال 1998ع ۾ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جي لائبرريءَ ۾ طالب المولىٰ ڪارنر قائم ڪرايو جنهن ۾ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، شاهه لطيف ڪلچر سينٽر جي ڪتابن جا مڪمل سيٽ وٺي ڏنائين ۽ گڏوگڏ حضرت قبله طالب المولىٰ سائين رحه جن جي تصنيفات جو سيٽ پڻ وٺي ڏنو هئائين، اهو سندس قابلِ تحسين آهي.

سندس ڪتاب ”ڪليات مائل سروري“ منظرِعام تي اچي چڪو آهي، اُميد ته دوستن، احبابن ۽ پڙهيل حلقي وٽان کيس مانائتي موٽ ملندي.

**مخدوم جميل الزمان**
چيئرمين
طالب المولىٰ اڪيڊمي

# مائل متيادار

طالب المولىٰ طرفان ڪان توکي 'مائل' مليو مان،
خلوص مان خدمت سبب توکي داتا بخشيو دان،
مهر سان 'مسڪين' چئي توتي آڪي ڪيو احسان،
صاحب رب سبحان، توکي ساچهہ ڏني سرير ۾.

سنڌ ڌرتي جي هڪ معروف ڳوٺ پليڏنو ڪاڪا تعلقي سعيدآباد ضلعي متياري جي عوامي ۽ موزون شاعري ڪندڙ نالي حاجي مصري ڪاڪا 'مائل سروري' مون کي پنهنجي شعري مجموعي ڪُليات ڪتاب بنام "ناهي مستن تي ڪا ميار" بابت لکڻ لاءِ چيو ان ڪري ڪتاب تي چند سِٽون لکڻ لاءِ ڪوشش ڪئي اٿم، پر شاعري تي ڪجهہ لکڻ کان اڳ سندس شخصيت بابت لکڻ ضروري ٿو سمجهان. 'مائل' صاحب قبلہ طالب المولىٰ صاحب جن جي حاضري ۽ خدمت ۾ هي سيڪجهہ پرايو. قبلہ سائين عوام جي سرڪاري ڪمن وٺڻ لاءِ کيس پنهنجو سيڪريٽري مقرر ڪيو. هن پنهنجي فرائض کي بخوبي ادا ڪيو. پاڻ نهايت ئي ذهين، حق سچ جو حامي، بيباڪ، دوانديش، سٺو منظم، سياسي، سماجي، فراخدل، مهمان نواز طبيعت جو مالڪ آهي. جڏهن بہ ساڻس ملاقات ٿيندي آهي تہ سچ پچ دل کي بيحد سُڪون ملندو آهي. دل نہ چاهيندي آهي تہ مائل صاحب جي ڪچهري کي ڇڏي ۽ ڪنهن ٻي دنيا جي ڪمن کي لڳي وڃجي. پاڻ ننڍين سان ننڍين ۽ وڏن سان وڏو ٿي ڪچهري ڪندو آهي. آئون ان شخصيت کان وڌيڪ متاثر ان ڪري بہ آهيان جو هي منهنجي پياءَ مشهور فنڪار مصري فقير 'مخمور' سروري جو مهربان دوست آهي. ان حوالي سان پاڻ مصري فقير جي گهراڻي تي اڄ تائين مهربان آهي. پاڻ پنهنجي ڪچهري ۾ ڪجهہ حصو برادرم فقير جي ذڪر کي ارپيندو آهي. هر انسان پنهنجي سٺي ڪم ۽ ڪردار جي ڪري هميشہ خرسرو رهندو آهي. توڙي جو ڪيترائي مخالف

ان جي ڪم ۽ ڪردار کي مختلف بهانن ۽ بهتانن سان ميٽڻ گهرندا. پر اهي ميٽي نہ سگهندا آهن. سچن کي ۽ سٺن ڪردارن کي مختلف بهانن ۽ بهتانن سان ميٽڻ گهرندا، پر اهي ميٽي نہ سگهندا آهن. سچن کي ۽ سٺن ڪردارن کي وقت جا وڏا وهڪرا ۽ شهنشاهہ بہ متائي نہ سگهندا آهن. مائل صاحب پنهنجي ٻهراڙي جي ڳوٺ ۾ هاءِ اسڪول، اسپتالون، بجلي، روڊ ۽ آسپاس جي ڳوٺن کي روڊ، اسڪول، ڪاليج ۽ بجلي مهيا ڪري وڏا ڪارناما ڪيا اٿس. پنهنجي ڳوٺ جي روزمره جي زندگي کي گهربل سهولتون هجن سي سيئي مهيا ڪيون اٿس. بهرحال مائل صاحب جي زندگي جا ڪيترائي رخ آهن، سي سيئي ساراهڻ جوڳا آهن. انهن سيني رخن جي ساراهہ لاءِ هي چند جملا بلڪل گهٽ آهن. شاعري جي رخ جي حوالي سان مائل صاحب شاعري جي سيني صنفن تي شاعري ڪئي آهي، پر خاص طور تي ڪافي ۽ بيت وڌيڪ لکيا آهن، جيڪا سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعري جي علامت آهي. هڪ ڳالهہ عيان آهي تہ مائل صاحب ڪافيون سُر ۽ راڳڻين تي لکيون آهن. سُرن ۽ راڳڻين تي اهوئي شاعر لکندو آهي، جنهن کي موسيقي سان لڳاءُ هوندو آهي ۽ موسيقي جي ڄاڻ رکندو آهي. مائل صاحب حضرت مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ صاحب جن جي مريدي ۽ خادمي ۽ علم عروض جي سکيا ۽ صحبٽ هيٺ رهيو آهي. پڌري پٽ ڳالهہ آهي تہ جنهن ماڻهوءَ کي مخدوم صاحب جهڙو عظيم رهبر ۽ استاد ملي وڃي تہ ان جي شاعري ڪيئن نہ پڪي پختي هوند. مائل صاحب جتي پنهنجي ڏکن، دردن، تنهاين، پيڙائن جو ذڪر ڪيو آهي اتي لوڪ داستانن کي بہ نہ واريو آهي. مثال طور عمر مارئي، سسئي پنهون، مومل راڻو ليلان چنيسر مائل صاحب جو اهو درد جنهن وَڍ وڇوڙي سان وڌيو آهي، اهو مائل صاحب کان هن قسم جا پردرد ۽ تاثير شعر لکائي سگهيو آهي، تڏهن چوي ٿو:

تنهنجي يار وڇوڙي ڪيس چري، مل محب منٺار نہ تہ ويندس مري.

اها پُرسوز ڪافي مشهور ڪافي مصري فقير اي ايم. آئي ڪمپني ۾ ڪيسيٽ ۾ ڀري جيڪا نهايت مشهور ٿي. ائين تہ مائل صاحب جي

شاعري حمديہ ڪلام، نعتيہ ڪلام، عارفاڻہ ڪلام، قصيده، ڪافيون، نغمہ ۽ قومي تنظيمن تي نظر وڌي آهي. هڪ هنڌ تي مولا جي وحدانيت ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي رسالت واضح ڪئي اٿس، چوي ٿو:

چوي قلب پيو لا اِلٰہ اِلااللهُ، سبحان الله سبحان الله.
پيو شافع محمّد رسول الله، سبحان الله سبحان الله.

ان مان معلوم ٿيو تہ مائل صاحب هڪ روح روان شاعر بہ آهي، وري مرشد جي مان ۾ چوي ٿو تہ:

مائل رمزون مرشد جون سمجهي تي سُڄاڻ،
اکيون پٽي اندر جون، اُن سڄڻ کي سڃاڻ.

مائل صاحب جي شاعري روايتي سنڌي ڪلاسيڪل شاعري پنهنجي موضوع ۾ يڪسانيت رکي ٿي. شاعر جو ڪمال ان ۾ آهي تہ هو پنهنجو نرالو انداز پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃي ۽ موضوعن جي تسلسل ۾ نوان رخ ڏئي سگهي. ان ۾ اندران اندر شاعر جو الڳ رجحان هن جي الڳ اهميت جو سبب بڻجي ٿو. هن سفر ۾ گهڻن جا سفينہ سِير تري نہ سگهندا آهن. لوڏا لما اوس اچڻا آهن. ان لحاظ کان مائل صاحب جي هڪ قسم جي پنهنجي ڇاپ ۾ آهي. ان طرح سان دل جي درد کي دنيا کي لڪائي رکندڙ مائل صاحب جو جڏهن انهن جو اظهار ڪري ٿو تہ هيئن چوي ٿو:

دردمندي دل دلبر سائين پيار مان پيئي پڪاري،
اچ تون انهي ڏي قرب ڪري ڪي واڳ وصال جي واري،

مائل صاحب جي شاعري پڙهڻ مان هي عجيب ڳالھہ ڏسڻ ۾ آئي تہ جلدي جلدي رابطي لاءِ چوي ٿو:

فورن آهي فون لئہ ماڻهن ملاقات،
ڪري ڪال بُڪ سي بلڪل ڪن ٿا بات.

مائل صاحب اردو ۾ بہ شاعري ڪئي آهي، چوي ٿو:

جب دل میں میرے تو آئے خدا، سبحان اللہ سبحان اللہ،
حیران ہوں میں، مجھ پہ عطا، سبحان اللہ ۔ سبحان اللہ۔

اڳتي هلي چوي ٿو تہ پنهنجي ئي اندر اوري چوي ٿو:

قلب واري ڪورٽ ۾ تي وحدت جو وڪيل،
الله سائين جي اُلفت جو مثبت ڏج دليل،
تہ جل جلاله جليل، ڇڏائيندو ڇيهن ڪان.

وري ڪٿي قومي تنظيمن کي ڏسي چوي ٿو:

ميٽنگن مان مُون ماڻهو نہ ٿهن ملڪ ۾،
جيسين نہ ڪيبو قلبن مان فتنو ۽ فتور،
ايندو نہ ڪنهن جي قلب کي، سچو ڪو سُرور.

مائل صاحب پنهنجي شعر جي لکڻ جي تاريخ ۾ هنڌ جو نالو بہ مڪمل طور لکيو آهي. اهي تاريخي ڳالهيون آهن. ڪتاب جي مطالعي ڪرڻ مان محسوس ٿيو جيڪا عجيب ڳالهہ ڏسڻ ۾ آئي، چوي ٿو:

عشق ڪيو انجنيئر، محبت واري ماپ ڪرڻ لئہ
ريگيولر رُوحي ڪنٽرول ڪيون ٿا،
گيج گوندر سيڪنڊ سيڪنڊ ڏسون ٿا،
پرت پاڻي نہ وڃايون پاءُ سيرُ،
ڏنئين ڊيوٽي اسان کي ان جي ورهائڻ لئہ

وري اڳتي هلي چوي ٿو محبوب کي منٿون ڪندي:

ڏسڻ سان مست ڪن جيڪي پيئڻ سان پرت ڪن پُوري،
ڇُميا جن تنهنجا لب ساقي اهي پئمانا گهرجن ٿا.

ڪٿي ڪٿي وري مستي واري ملڪ جو هيئن ٿو حال ڪري:

محبت جي مستيءَ ۾ جو مچي ٿئي مست،
سو مور نہ ٿئي ماڻهن جو زوري زيردست،
جو قدرت ان جي قلب کي ڪيو زبردست،
جو ان کي روز الست، قادر ڪيو قلندري

بهرحال مائل صاحب مون ناچيز کي حڪم ڪيو تہ منهنجي ڪتاب بابت ڪجهہ لکي ڏيو ان حڪم جي تعميل ڪندي ڪجهہ لکيو آهي. آئون اهڙو ڪو وڏو اديب، شاعر ۽ محقق نہ آهيان جو اهڙي وڏي

باصلاحيت ماڻهو ۽ وڏي شاعر جي شخصيت ۽ شاعري تي لکي سگهان، پر جهڙو حال حبيبان، پيش پرِيان.

## سلام

محب مائل آهي تنهنجي يار عزمن کي سلام
تنهنجي عظمت ۽ اصولن جوش جذبن کي سلام.
تون ڪچهري جو آهين بس يار ڪوڏيو قربدار
تنهنجي محفل جي ئي گوهر آهي گفتن کي سلام.
رهبري حاصل ڪئي تو طالب الموليٰ وٽان
هي مبارڪ توکي آهي تنهنجي تن من کي سلام.
ذات توکي هي ملي شعر و سخن جي خوب تر
تنهنجي ڪافي، بيت، غزل و گيت نظمن کي سلام.
ڳوٺ پنهنجي کي بنايو تو ادارو علم جو
تنهنجي اهڙي يار کي آهي ڪارنامن کي سلام.
مهل مشڪل ۾ مجاهد ڪين تو گهبرايو
ٿيا چست تنهنجا حوصلا تنهنجي طريقن کي سلام.
جنهن سان ناتو تو رکيو تنهن سان نڀائيندو اچين
رهي هي آهي تنهنجي، تنهنجي رغبن کي سلام.
هي دعا دل ساڻ آهي تنهنجا ويڙها شل وسن
مرحبا مرحبا تنهنجي انجمن کي سلام.
ڪل ڪني سپ تو ڪيا هي قرب وارا قربدار
تنهنجي رغبت تنهنجي شفقت تنهنجي قربن کي سلام.
جستجو جاکوڙ ڪنهن جي ڪين ويندي رائگان
مرحبا مسڪين تنهنجي آهي قدمن کي سلام.

**محمد رمضان 'مسڪين' سروري**
2 سيپٽمبر 2014ع/6 ذوالقعد 1435هه
سرهاڙي

# مصري جي ڊائري

توهان جي ادبي سوکڙي "ناهي مَستن تي ڪا مَيار" مليو ان لاءِ شڪرگذار آهيان. هن ضخيم ادبي جريدي ۾ توهان جا مصري ڪان منا ٻول پڙهي گهڻي خوشي ٿي. حضرت طالب المولىٰ پنهنجو ذاتي قلم توهان کي تحفي طور ڏئي جڏهن اهو تاڪيد ڪيو تہ توهان لکندا ئي رهو جنهن تي توهان ڪاربند آهيو. مون سمجهيو ٿي تہ توهان فقط ڪافي لکي ۽ ڳائي سگهو ٿا. مگر هن ڪتاب پڙهڻ سان مون کي گهڻي خوشي ٿي تہ توهان سيني اصنافِ سخن تي طبع آزمائي بهتر نموني ڪري سگهو ٿا. حضرت قبلہ مخدوم طالب المولىٰ جي صحبت ۾ رهڻ ڪري ۽ حضر ۽ سفر ۾ ساڻ گڏ رهڻ جي ڪري توهان جي ڪلام تي بہ اهڙو بهتر اثر پيو آهي، ان ۾ سنجيدگي ۽ پختگي ۽ ميٺاج پڙهندڙن کي ۽ ٻڌندڙن کي موهي ڇڏيو آهي.

آئون توهان کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو توهان جي ڪلام ۾ ديسي توڙي عروضي شاعري جا چيدا مثال موجود آهن. هن ڪتاب ۾ نہ صرف توهان جون ڪافيون ۽ ديگر اصنافِ سخن تي مواد موجود آهي. پر ان سان گڏ توهان جا سائين طالب المولىٰ سان گذاريل ڏهاڙا ۽ انهن جو دلڪش بيان پڻ موجود آهي. توهان کي شابس هجي توهان پنهنجي فرزند راجا سهيل جي تعليم لاءِ بہ مناسب بندوبست ڪيو آهي.

سڀ کان وڌيڪ خوشيءَ جي ڳالهہ تہ ڪتاب ۾ ڪيترين ناياب تصويرون شامل ڪري توهان هن ڪتاب کي هڪ بهترين ۽ معياري ڪتاب بنائي ڇڏيو آهي ۽ ان ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

غالب جو شعر مون کي ياد ٿو اچي تہ:

چند تصویر بتاں، چند حسینوں کے خطوط،
بعد مرنے کے میرے گھر سے یہ ساماں نکلا۔

هي دراصل ڪو اشعار جو ڪتاب نہ پر ائين ڪٿي چئجي تہ "مصري جي ڊائري" آهي، جنهن ۾ اعليٰ درجي جا انڪشاف ملندا.

خدا ڪري توهان خوش هجو.

ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي
سٽيزن هائوسنگ سوسائٽي
قاسم آباد حيدرآباد

# خوبصورت جذبن وارو شاعر حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري"

حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري" مشهور سياسي، سماجي شخصيت سان گڏ خوبصورت شاعر ٻه آهي ساڻس تمام گهڻي ويجهڙائپ رهي آهي ڏسڻ جو شوخ طبيعت پر دل جو صاف اُجرو نيڪ نيت مخلص انسان آهي، ساڻس پهرين ملاقات تقريباً 1982ع ۾ مخدوم سعيدالزمان "عاطف" صاحب جن وٽ ٿي ان بعد ملاقاتن جو سلسلو وڌندو ويو ڪڏهن سروري تنظيم جي گڏجاڻين ۾ ڪڏهن مخدوم هائوس تي مخدوم طالب المولي وٽ ۽ سائين مخدوم امين فهيم، سائين مخدوم رفيق الزمان، مخدوم شفيق الزمان ته ڪڏهن مخدوم سعيدالزمان "عاطف" جن وٽ ڪڏهن ڪنهن آفيس ۾ ڪڏهن ڪنهن پروگرام ۾ ڪڏهن ڪنهن دعوت ۾ حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري" ڳالهائڻ جو ڀڙ جيڪو ڳالهائي مختصر پر ڪم واريون ڳالهيون ڪندو آهي، سامهون وارو ڪير ٻه هجي منهن تي چئبو سچ پوءِ ڀلي ڪير ڪاوڙجي پوي، ساڻس وڌيڪ حجت ان وقت وڌي جڏهن مخدوم سعيدالزمان "عاطف" ميونسپل ڪميٽي هالا جو چيئرمين ٿيو ۽ ان مون کي هالا شهر جي مسئلن جي حل لاءِ ميڊيا ڪوريج لاءِ ميڊيا ڪوارڊينيٽر مقرر ڪيو جڏهن ته حاجي مصري ڪاڪا جي حوالي سنڌ سيڪريٽريٽ جا ڪم هئا ۽ جنهن جو ميونسپل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي حيثيت سان مخدوم سعيدالزمان ڪيس سرٽيفڪيٽ ٻه ڏنو آهي، ان حوالي سان هن سنو نڀايو ۽ ميونسپل ڪميٽي ۾ هڪ ملاقات دوران مون کي خبر پئي ته پاڻ بهترين شاعر ٻه آهن، سنڌن شاعري ۾ تخلص "مائل سروري" آهي بعد ۾ بزم طالب المولي جي مختلف مشاعرن ۾ سنڌس شاعري ٻڌڻ جو موقعو مليو پاڻ شاعري جي سيني صنفن تي لکيو

سنڌس شاعري جي مجموعي جي ترتيب ڏاڍي بهترين آهي هر غزل، ڪافي متان سُرُ بہ لکيل آهي، ڪافي شعرن تي شعر لکڻ جو هنڌ ۽ تاريخ بہ لکيل آهي، ائين تمام گهٽ شاعرن ڪيو آهي جن شاعرن پنهنجو شعر متان تاريخ ۽ هنڌ لکيا آهن انهن ۾ قبلا حضرت مخدوم طالب المولئ جن اڳيان اڳيان آهن شايد حاجي مصري ڪاڪا اهو عمل مخدوم طالب المولئ جن کان متاثر ٿي ڪيو هجي سنڌس شاعري ۾ همٿ ۽ حوصلو جو درس بہ ڏنل آهي، جيئن سر سسئي مان ڪافي آهي:

ٿلهہ:

هلان هوت ڏي تي مان حب مان هو ڪاري پهچنديس پنهل ڪي سيئي ڏونگر ڏاري

مصرع: اٺوُ جي هلڻو تہ جهليو ڪيم جيڏيون

ويهان ڪين هرگز جهلون پايو جيڏيون

ويو ور ولهي ڪان وِهان ڪنهن سَهاري

شاعري اها جيڪا ٻڌندڙن پڙهندڙن جي دلين جي ترجماني ڪري دل ۾ سمائجي وڃي يقيناً حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري" جي شاعري بہ ان ليول جي آهي شاعري ۾ لفظ ڏاڍا پختا ۽ وڻندڙ استعمال ڪيا اٿس، يقيناً سنڌس شاعري ٻڌندڙن پڙهندڙن کي ائين لڳندي جهڙي اهي شاعري سنڌس من اندر جي ترجماني ڪندي هجي، سنڌس شاعري ۾ خوبصورت خيال بهترين سوچ جو اظهار شامل آهي، رومانس جو انداز بہ ڏاڍو وڻندڙ آهي، رومانس شاعري ۾ محبوب کي التجا، منٿ ميڙ شامل آهي، پر مايوسي نہ آهي سنڌس ہي شادي تي ٿيل سنڌ ليول جي راڳيندڙن ۾ پاڻ پنهنجي شادي جي حوالي سان ڏاڍو خوبصورت طرح سان خود ڳايو:

ٿلهہ: وڏي شوق سان پئي ٿئي منهنجي شادي

الله سائين ڪندو هي شادي آبادي

ڪيئن نہ خوبصورت لفظ چيا آهن ان مان ظاهر آهي تہ حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري" وٽ لفظن جي کاڻ آهي موتين جهڙا لفظ شاعري ۾ آڻڻ سان سنڌس شاعري موتين مالا جيان لڳي ٿي، سنڌس شعر ۾ پنهنجي سنڌ ڌرتي جي شاعري ڪرڻ سان حب الوطني ۽ سنڌ پرستي جو

سيد : سو سيگهه مان، سواليءَ سندو سوال
جيءَ تان هاڻ جنجال، لاهيو مهر نظر سان.

جڏهن تہ حضرت مخدوم امين فهيم جن وٽ مخدوم مخدوم پرو جام عرف جميل الزمان تولد ٿيا تہ ان وقت پاڻ هڪ ڪافي مان مانجهہ مان ان وقت لکي آهي:

اسان جو رهنما رهبر سڄڻ سردار آيو
اهو فرزند امين محمد ۽ پوٽو طالب المولىٰ
دلاور دادلو دلبر سندم دلدار اج آيو.

ڪيڏو نہ خوبصورت تخيل آهي جنهن ۾ ڪيڏا نہ خوبصورت لفظ استعمال ٿيل آهن، سنو شاعر اهو تي سگهي ٿو جنهن وٽ لفظن جو خزانو هجي لفظ استعمال ڪرڻ جو ڏانءُ هجي جڏهن قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو تہ حاجي مصري ان تي ڪافيون لکيون ۽ شادين ۽ محفلن ۾ فنڪارن کان ڳارايون، اهو دور ڏاڍو ڏکيو هو جنرل ضياءُ جي مارشل لا ۾ سري عام جئي ڀٽو چوڻ يا ڀٽو جو نالو وٺڻ جڻ ڪاريهر تي پير ڏيڻ برابر هو پر پاڻ ان دور ۾ دليري سان نہ صرف شاعري لکي پر مشاعرن ۾ بہ پڙهي، سندس هڪ شعر آهي:

ٿلهہ: تــو جهڙو نـــہ لـــيـــڊر ٿيندو وري
وئـــيـــن جذبـــا جياري يا مـــري.
مصرع: آهـــي پهريون مـــثـــال دنيا ۾ ٿيو
جئين تـــوڪـــي شهيـــد ڪرايو ويو.
تنهنجي سر تي سوري سينگار ڪيو
منشا مـــولا جـــي اچي آخر پوي.

پاڻ شهيد ڀٽو جي شهادت تي ڪافي شعر لکيا آهن، جڏهن تہ ذوالفقار علي ڀٽو ايوب خان کان اصولي بغاوت ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد وڌو ان وقت ۽ ان دور ۾ ٿيل عام چونڊن تي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت اچڻ بعد شهيد ڀٽو جي ڪارنامن تي بہ ڪافي شاعري هن شاعري جي مجموعي ۾ نظر اچي ٿي، جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو

وزيرِاعظم پاڪستان ٿيو تہ حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري" سندس شان ۾ سندس ڪارنامن عوام دوستي تي 14 بندن جو طويل نظم لکيو:

ٻڌ ڏئي ڳن هاڻ تو اي قوم جا قائد عوام
جو ڏنو ٿئي ملڪ کي سو پڻ چڱو آهي نظام
تا چون اسلامي سوشلزم انهي کي عام جام
پر نالي ان پيدا ڪيا آهن گهٽن کي اوهام
تو اچا گهر جي هتي روح جي اسلام جو
آه جو مطلب اصل الله جي ڪلام جو.

پاڻ ذوالفقار علي ڀٽو لاءِ هڪ بيو خوبصورت قطعہ لکيو اٿس:

قائدِعوام تنهنجي آهہ جرائت کي سلام
تنهنجي حشمت عظمت تنهنجي غيرت کي سلام

لکيو جيڪو ڪافي فنڪارن ڳايو ۽ اهو ڏاڍو مقبول ٿيو. "مائل سروري" انهن خوشنصيبن مان آهي جنهن هالا ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پهرين ڪنوينشن ۾ شهيد ڀٽو سامهون پارٽي جي رڪنيت جو فارم ڀريو ۽ مخدوم طالب المولي پاران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جا سڄي سنڌ ۾ رکايل جلسن ۾ سندس اعزاز ۾ ڏنل آجياڻن ۽ ان دوري ۾ شهيد ڀٽو سان گڏ رهيو ۽ سندن شان ۾ لکيل شاعري بہ مختلف پروگرامن ۾ پڙهي داد حاصل ڪيو. حاجص مصري ڪاڪا جا بيت بہ ڏاڍا وڻندڙ آهن پاڻ بيتن ۾ 4 سٽن کان 30 سٽون ڪم آنديون آهن. سندس بيت ۽ قطعا وڻندڙ آهن. جيڪي نيوسعيد آباد واري علائقي ۾ ٿيندڙ مختلف پروگرامن ۾ اسٽيج سيڪريٽري دلچسپي سان پڙهندا آهن. بيت مختلف مرشدن، ولين کان وٺي مسئلن سماجي براين، ڪرپشن، آفيسر شاهي، موالين، مُلن، سگريٽن جي نقصانن، وڪيلن، ڊاڪٽرن، زندانيت سياسي اڄ جي نوجوانن، وڏيرن، مختلف قومن، برادرين، انهن جي وڏيرن مختلف سفرن، شڪارن، پوليس، ڊرائيورن، انجنيئرن، ٺيڪيدارن، جنونيت، رقيبن، عاشقن، معشوقن، دردن، سورن، مختلف عشقيا داستانن کان وٺي مختلف شعبن جي ماڻهن تي اصلاحي ۽

مزاحيه پر حقيقت تي مبني نصيحت واري انداز ۾ لکيا آهن بيت ۾ ڍهر به ڏنا آهن:

مُلن موالين جي هڪ بيت ۾ هيئن عڪاسي ڪئي اٿن:

ملڪ اسان جي ماڻهن ۾ رهن مُلا موالي
هڪڙن محبت مسجد سان ٻيا پيئن ڀنگ پيالي
هڪڙا ڪننا ڪولاپا وجهن ٻيا ڀهراڻ سان پالي
هڪڙي گيڙو غرق ڪيا ٻيا فرقن في الحالي
هڪڙن برهه نه آهي بانگ ۾ ٻين ملاري آلي
نهڙُ نفرت نيوتن ڪي تين هڪ ٻي دلالي
موالي محبت ۾ دم هڻن مُلا چون خالي
هڪڙن دل ۾ درد آهي مَنَ ۾ ئي مالي
ٻيا نفرتن مستن سان تا ٻنجن سوالي
سمجهه ۾ هڏ سائين جي قدرت ڪم خيالي
پيو ڏسي ڏينهن جو ڏٺي جو جهانن والي
جو قادر رب قدير آهي جبار جلالي
"مائل" مثالي محبت نه رکن منَ ۾.

پاڻ بيتن ۾ سگريٽ جي نقصان کان به ماڻن کي آگاهه ڪري ٿو:

بيت

سگريٽ جئين ساڙيه انسان جي اندر کي
تيئن جي سڙن طلب ۾، ته پرينءَ هجي پاڙي
پوءِ ڳورها ڪيئن ڳاڙيه وجي مائل ملن حب سان.

پاڻ 1995ع ۾ شاگردن جي لاءِ هيئن چيو اٿن، جيڪو اڄ صحيح ثابت ٿي رهيو آهي:

پڙهي اڇي ڦاٽا آهن اڄ جا نوجوان
تربيت ناهي تن کي نه سڃاڻن علم جو مان
عمل ڪن نه هو عمل تي رکو غلط رکن رجحان
جي عمل ڪن علم تي ته صحيح ٿين انسان.

حاجي مصري ڪاڪا ڪيترن ئي بيتن ۾ انگريزي جا لفظ بہ ڏاڍي خوبصورتي سان استعمال ڪيا آهن:

سائين ڏي سبجيڪٽ مون کي عشق، عقل جا
پختو ڏسي پيار جو سچو سرٽيفڪيٽ
انٽرويو ۾ هي عشق جو سڪ مان ڪيئين سليڪٽ
اپائينٽمينٽ ڊائريڪٽ محبت ۾ ”مائل“ جي.

پاڻ پنهنجي ڪاڪا برادري لاءِ ڏاڍا بهترين بيت لکيا اٿس، جن ۾ کين هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ، اتحاد پڌي پيدا ڪرڻ، همت جا هٿيار ڪٽڻ، اولاد کي تعليم ڏيارڻ جو درس ڏنل آهن. پاڻ شاعري ۾ قرآني آيتن جا لفظ بہ خوبصورت انداز ۾ شامل ڪيا آهن، سندس ڪافي بيتن ۾ روحاني رمزون بہ شامل آهن. پاڻ اخلاقي قدر ڪرڻ تي بہ ڏاڍا سٺا بيت لکيا آهن. مثال طور:

اچي ويو آ ملڪ ۾ اخلاقي زوال
مادي ترقي تي گهڻي پر آهي يار جنجال
سادگي وئي سين مان رکن اوچا گهڻا خيال
الله سائين بچائجئين آهين تون لجپال
مائل مون مسڪين جو سائين سڻ سوال
هي رحمت ساڻ ويال لاهج پنهنجي لطف سان.

ملڪ مان قانون انصاف ڏينهون ڏينهن ختم ٿي وڃڻ تي بيتن ۾ ڏاڍي سهڻي انداز ۾ عڪاسي ڪئي اٿس، مثال طور:

انصاف اسان جي ملڪ ۾ زوري ڪيائون دفن
نہ ڏنائونس ڪفن ڪَٽي هينيئونس ڪڏ ۾.

پاڻ شاعري ۾ پنهنجي مرشد مخدوم نوح رحہ مخدوم امين محمد پکن ڏٽي کي اچي حامي ٿيڻ جي سڏڙا بہ ڪيا آهن انهن کي ڏهر بہ چئي سگهجي ٿو شاعري مجموعي ۾ شامل 22 غزل بہ دل کي ڇُهندڙ آهن:

هو تير نظر سان ئي گهائي هليو ويو
وري زخم دل جا چڪائي هليو ويو.

❊

لڳي دل وئي ديواني تڏهن دانا بہ وسري ويا
صنم عشق ۾ سڀ شوق شاهانہ بہ وسري ويا.

هر غزل بهترين غزل آهي ۽ پڙهندڙ کي راحت ڏيندا. حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري" اردو بہ شاعري ڪئي اهي شاعري جي مجموعي ۾ اردو جا غزل بہ بهترين دلين کي ڇُهندڙ آهن.

مون کي حڪم تہ صرف شاعري مجموعي تي بہ اکر لکڻ لاءِ تيو آهي پر مون تازو حاجي مصري "مائل سروري" ڪاڪا کان منهنجي ايندڙ ڪتاب لاءِ سندس پروفيائيل انٽرويو جي صورت ۾ ورتو آهي، ان مان مختصر هتي ڏيڻ اهم سمجهان ٿو: مثال طور:

*ہمارے دل سے نہ کھیلو، نہیں شیشہ جو ٹوٹے گا، محبت اس میں ہی محفوظ نہیں سپنا جو ٹوٹے گا۔*

حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري" 19 سيپٽمبر 1937ع ۾ ڳوٺ يلي ڏنو ڪاڪا (نزد نيو سعيدآباد) ۾ زميندار ۽ سماجي ورڪر محمد لائق ڪاڪا جي گهر ۾ جنم ورتو پاڻ سنڌي فائنل 1951ع ۾ پاس ڪئي ۽ اديب فاضل، اديب عالم سنڌ يونيورسٽي مان 1962ع ۾ ڪئي، ان وقت انهن سبجيڪٽن جو انچارج ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو 8 ڪلاس تائين انگريزي اسڪول کان سواءِ مرحوم محمد هاشم ڪاڪا ڳوٺ منڊو ڪاڪا جن وٽ پرائيويٽ طور پڙهيو، ان زماني ۾ گهر گڏ هوندا هئا، ان بعد پنهنجي آباڻي زمين سنڀالڻ لڳو، راج ڀاڳ جا فيصلا ۽ مسئلا حل ڪرائڻ ۾ لڳي ويو ننڍي هوندي کان گهوڙي سواري، ترڻ، ملهہ وڙهڻ راڳ ويراڳ سان سندس شوق رهيو جڏهن مخدوم طالب المولىٰ جن جي حاضري ۾ رهڻ لڳو تہ سندس شاعري کان متاثر ٿي شاعري شروع ڪئي، پهرين تخلص مصري ڪم آندو پهريون شعر 1952ع ۾ "پئي باهہ برهہ جي ٻري سان آگ اجهامي ڪين ڪي" عنوان سان لکيو جيڪو پهريون دفعو حضرت محمد فقير کتياڻ جي ميلي ۾ پڙهيو سندس ان شعر کي هتي ٻين شاعرن کانسواءِ صدارت ڪندڙ حضرت مخدوم طالب المولىٰ جن بہ پسند ڪندي کيس داد ڏنو. مرشد جي ملبل داد هن ۾ وڌيڪ شاعري ڪرڻ جو

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

حوصلو ۽ جنون پيدا ڪيو نہ صرف هالا پر سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ پنهنجو ڪلام پيش ڪندو رهيو آهي، "مائل" تخلص ڪيس مخدوم طالب المولىٰ عطا ڪيو. پاڻ ان سروري جو اضافي ڪندي "مائل سروري" ڪيو. حاجي مصري ڪاڪا سنڌ جي ثقافت جو امين بہ رهيو آهي، سندس اوطاق تي مشاعرا، سگهڙن جون ڪچهريون، موسيقي جون محفلون بہ ٿينديون رهيون. پاڻ ملهن، فنڪارن، شاعرن، سگهڙن، سازيندڙن جو سرپرست بہ رهيو آهي، پاڻ راڳ جو وڏو ڄاڻو آهي، ڪڏهن ڪڏهن نجي محفل ۾ پاڻ خود بہ ڳائيندو آهي، سندس ڀي شادي ۾ پاڻ سازن سان بهترين انداز ۾ ڳائي خود داد حاصل ڪيو. پاڻ ملاکڙن جو شوقين رهيو آهي، لطيف سرڪار جي عرس مبارڪ ۽ ٻين ميلن جي ملاکڙن ۾ ڪيترائي ڪلاڪ ويهي ملهن جا مقابلا ڏسندو آهي، ۽ ملهن کي وڏا انعام پڻ ڏيندو آهي، ملاکڙي جي منفرد ڪامينٽر نظير وسطڙو کي سرڪاري نوڪري وٺرائي ڏني، غريب شاگردن جي مدد بہ ڪندو رهيو آهي. تعليمي ادارن جي لائبررين جي مدد بہ رهيو آهي، ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ مخدوم طالب المولىٰ جي نالي پنهنجي خرچ تي ڪارنر قائم ڪيو. ان ۾ وڏي تعداد ۾ ڪتاب وٺي ڏنا. سندس ڪلام مصري فقير ڦوٽو زرداري، انور حسين وسطڙو، چاڪر خان چانڊيو ۽ ٻين ڪيترن ئي مقامي فنڪارن بہ ڳايو آهي. سندس ڪلام ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ٽي.وي تي بہ رڪارڊ ٿيل آهن. جيڪو مشهور فنڪارن محمد ابراهيم، محمد يوسف ۽ ٻين فنڪارن ڳايو آهي، جڏهن حضرت مخدوم طالب المولىٰ، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي تي ادبي ثقافتي پروگرام ڪرائڻ شروع ڪيا تہ ان وقت ۾ حاجي مصري ڪاڪا سندس ٻانهن ٻيلي رهوي، پاڻ ظاهري طور تي شوخ مزاج آهي گهٽ ڳالهائڻ وارو ۽ پنهنجي طبيعت جو مالڪ آهي، ڪوڙ سان نفرت، سچ سان پيار ڪندڙ غلط ڳالهين تي ڪيس ڪاوڙ ايندي آهي، سندس ڪوشش رهندي آهي تہ هن جي ذات کان ڪڏهن بہ ڪنهن کي تڪليف نہ اچي، هڪ سماجي ورڪر جي حيثيت سان پنهنجي ڳوٺ ڪانسواءِ مختلف علائقن ۾ وڏي تعداد ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن، نوجوانن کي نوڪريون

ونرائي ڏنيون آهن، پاڙن مختلف علائقن خاص طور پنهنجي ڳوٺ ۾ وڏي تعداد ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن، سندس ڪوشش سان ٿيندڙ ترقياتي ڪمن جو مڪمل تفصيل شاعري جي هن مجموعي جي آخر ۾ ڏنل آهي، سماجي خدمتن جي اعتراف طور کيس ڪيترائي ايوارڊ سرٽيفڪيٽ پڻ مليا آهن. انهن ۾ مخدوم طالب المولي ايوارڊ محترمہ بينظير ڀٽو جي هٿان ايوارڊ مليو اٿس، جڏهن تہ شاعري جي هن مجموعي ۾ سندس زندگي جون يادگار تصويرون پنهنجي زندگي جو مختصر احوال بہ ڏنل اٿس، سندس شاعري جو مجموعو يقيناً سنڌي ادب ۾ هڪ ڪتاب جو واڌارو آهي، دعا آهي تہ حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري" شاعري ڪندو رهي، ادب، فن، ثقافت جي سرپرستي ڪندو رهي ، هڪ سماجي ورڪر جي حيثيت سان سماجي خدمتون ڪندو رهي، ڪجهہ وقت کان سندس طبيعت پڻ ناساز آهي اسان دعا ڪنداسون تہ رب سائين کيس صحتيابي عطا فرمائي ۽ کيس ڊگهي ڄمار عطا فرمائي. (امين)

سنڌي ادب ۽ صحافت جو خادم

**نور محمد عرف نور سنڌي**

چيف ايڊيٽر پيچ ڀٽائي مئگزين حيدرآباد

چيف نگران سروري مئگزين هالا

چيف ايڊيٽر سروري سرهاڻ هالا

مرڪزي چيئرمين سنڌ صحافي سنگت سنڌ

# حاجي مصري ڪاڪا: هڪ شاعر ۽ سماجي ڪارڪن

دنيا ۾ انهن ئي انسانن جي زندگي بامقصد ۽ سجائي ٿئي ٿي، جيڪي پنهنجي حياتيءَ جي قيمتي پلن مان ٻين انسانن لاءِ به وقت ڪڍي، خدمت ڪن ٿا. زندگيءَ جي اصل جوهر جي ڪين ڄاڻ هوندي آهي. اهڙن ئي املهه انسانن جي زندگيءَ جي ڪري ٻين انسانن جي زندگيءَ جا مونجهارا، مشڪلاتون ۽ رڪاوٽون ختم ٿي آسانيون پيدا ٿي پون ٿيون. انهن جي زندگيءَ ڪي ڏسي، انسانذات ۾ ويساهه پيدا ٿي پوندو آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙن املهه انسانن جي گهٽائي ته نه آهي، پر جيڪي آهن، اهي پاڻ لکن جو مٽ آهن. ماضيءَ جي تاريخ ۾ لالچند امرڏنومل، ديوان گدومل، حسن علي آفندي، سيد الهندو شاهه، علامه آءِ آءِ قاضي، مخدوم غلام حيدر ۽ ٻيا وڏا نالا آهن، جن کي سنڌ واسي ڪڏهن به وساري نه سگهندا. انهن بعد ايندڙ ٽهيءَ ۾ پڻ تاريخي شخصيتون ٿي گذريون آهن، جن ۾ مٽياري ضلعي جي سروري خاندان جي گادي نشين، سياسي، سماجي، ادبي شخصيت ۽ اعليٰ انسان مخدوم طالب المولىٰ جن اهم آهن. سندن ئي صحبت ۾ مريديءَ ۾ رنگجي، نکري نروار ٿيندڙ شخصيت حاجي مصري ڪاڪا جن آهن. مخدوم صاحب جي خاصيتن جو مٿس خاص اثر نظر اچي ٿو جن ۾ به نمايان طور تي هر عام خاص کي نظر ايندڙيون: هڪ سماجي ڀلائيءَ جا ڪم بغير ڪنهن لالچ، تعصب ۽ ريا جي ڪرائڻ، ٻيو سندن شاعرانه فن آهي، جيڪو به نهايت اهم آهي.

حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري" جو جنم 19 سيپٽمبر 1937ع تي، ڳوٺ پليڏنو ڪاڪا ۾ ٿيو. بنيادي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. 1951ع ۾ فائنل جو امتحان حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج مان پاس ڪيائين. سندن شادي مخدوم طالب المولىٰ جي سرپرستيءَ ۾ ٿي. شعر گوئيءَ جو شوق منجهس مخدوم صاحب جن جي صحبت ۾ علمي ادبي

گڏجاڻين ۾ شرڪت سبب پيدا ٿيو. ڪين سنڌ جي اهم علمي، ادبي، سياسي، سماجي شخصيت جي صحبت نصيب ٿي. ادبي شخصيتن ۾ مولانا غلام محمد گرامي، اسدالله شاهه بيخود، احسن الهاشمي، استاد بخاري ۽ ٻين شاعرن ۽ ليکڪن سان سندن تعلقات رهيا. مائل سروري پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪل شاعريءَ واري انداز ۽ فڪر ڪي ٻه ڪنيو آهي تہ پنهنجي دؤر جي حالتن، سماجي اخلاقي قدرن ۽ ثقافتي قدرن ڪي پڻ پيش ڪن ٿا. جيئن شاعر لفظ ئي شعور مان نڪتل آهي. اهو تاريخي، سياسي، سماجي، ثقافتي، مذهبي شعور آهي، جيڪو فرد ڪي ايترو جهنجهوڙي ٿو جو هو شاعر بڻجي وڃي ٿو. شاعر لاءِ ٻہ ڳالهيون اهم آهن: فن ۽ فڪر. ٻنهي تي مطالعي ۽ مشاهدي جي ذريعي دسترس حاصل ڪري ٿو. شاعر جو جيترو گهرو مشاهدو ۽ مطالعو هوندو، اوتري گهرائي سندس ڪلام ۾ نظر ايندي، انهن جي ڪمي تخليق کي سطحي بڻائي ڇڏيندي آهي. پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ تي اثر نہ ڇڏيندي پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙ تي اثر نہ ڇڏيندي. تخليقي ادب جي سماج ڪارج ڪان ٻہ هٽي ويندي. سنڌ جي شاعريءَ جي تاريخ ۾ نالا تہ ڪيترن ئي شاعرن جا اچن ٿا، پر عوام جي دلين ۾ زندهہ رهندڙ شاعر تمام گهٽ آهن.

مائل شاعريءَ جي ميدان ۾ بهترين تجربا ڪيا آهن. پاڻ ان دؤر ۾ شعر چوڻ شروع ڪيو اٿن، جنهن دؤر ۾ سنڌ ۾ ڪيترائي وڏا ۽ معيار شاعر ۽ نقاد موجود هئا، جنهنڪري سندن فڪر م پختگي آهي. بيت، ڪافي، غزل ۽ نظم جي صنفن کي پنهنجي اظهار لاءِ منتخب ڪيو اٿن.

جديد سنڌي شاعرن جيئن تہ شاعريءَ جي روايتي موضوعن ۾ وڏي تبديلي آندي، ڪلاسيڪل صنفن کي تصوف جي ڳوڙهن نڪتن کان آجو ڪري سماجي حالتن ۽ پنهنجي دؤر سان ڳنڍيو. ساڳيءَ طرح عروضي شاعريءَ جي صنفن ۾ فڪر کي گل و بلبل جي قصن، ساقي خانن ۽ شراب خانن جي ماحول، اوپرين ۽ اڻ ڏٺل تشبيهن مان جند ڇڏائي سادگي، سچائي ۽ زندگيءَ جي حقيقتن سان همڪنار ڪيو. مائل سروريءَ جي شاعري جا موضوع سماجي، مذهبي، اخلاقي، اصلاحي، ناصحانہ، صوفياڻہ ۽ تاريخي

آهن. هن قسم جا موضوع اسان کي خاص ڪري ڪشنچند بيوس، محمد صديق مسافر، مرزا قليچ بيگ ۽ مخدوم طالب المولىٰ وٽ اڪثر نظر اچن ٿا. وٽس نِج سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو ذخيرو به آهي. سندس نعت جي هن بند مان اهڙو پتو پوي ٿو:

گهڙيس دنيا جي درياءَ ۾ ٻڏي توڪّل جو ترهو
اُڪاريو مون کي احساس سان، نه سيٺهه سنڌُ ڪو ڦرهو
ڪريو نظر ڪرم سرور، اوهان جي ئي آهيان. آڌر

شاعر وٽ عاجزي، انڪساري ۽ ٻوليءَ ۾ ڪلاسيڪيت وارو رنگ نظر اچي ٿو. ڪافيءَ جي هن بند مان سندس صوفياڻو فڪر پڻ جهلڪي ٿو:

پنهنجي پاڻ ۾ لال لڏائون، ڪٽي برهه جا سر تي بار
سيئي وساريون عيش و طرب.
لڙهيون لڙڪن پرت مان پوئي هيئين کي پاتائون هار.

لفظن ۽ تشبيهن جي نواڻ آهي. روايتي شاعرن وارو ورجاءُ ناهي. شاعرجي پنهنجي اندر جا نِج ڦُٽي نڪتل جذبا آهن. سچي سِڪ ۽ محبت جي وستار سان گڏ آدرشن ۽ حق جي هيڪڙائيءَ کي به پيش ڪري، فڪر جي گهرائي پيدا ڪري ٿو.

نه آهيان لوني جو محبت لڄايان، انهيءَ ڪري پئي پئي پنهل ڪاهيان،
يلي سور سنڌ سنڌ ڇڏن مون الوڙي

شاعر پنهنجي مرشد کي به ناهي وساريو مرشد لاءِ به وٽس بيحد عقيدت ۽ محبت آهي. مرشد جون مهربانيون به ڳائي ٿو:

مهرباني مرشد ڪئي ايڏي مون تي،
نتو يار سمجهان ڪيئن ڪنهن ٻئي تي.

غزل ۾ نظم جيان خيال جي ارتقا يا تسلسل ناهي هوندو جنهنڪري ان جي ڪنهن به بند کي جيڪڏهن الڳ ڪري پڙهبو تڏهن به هو مڪمل معنيٰ ۽ مفهوم کي ظاهر ڪندو. مائل جي غزلن ۾ پڻ اهو اصول نظر اچي ٿو. زماني جي بدلجندڙ قدرن ۽ حقيقت کي غزل ۾ هن طرح پيش ڪري ٿو:

لڳي هر ڪنهن وئي پنهنجي، ٻڏي ڪونہ ڪو ڪنهن جي،
اذيــت دل ڏکويــل جي هٽائي يــار تــو ڪو ڪو.

مائل کي شعر گوئيءَ تي دسترس حاصل آهي. ڪيترن ئي واقعن ۾ مختلف جاين تي هن جا في البديهہ شعر پڻ چيل آهن. رونما ٿيندڙ واقعي يا منظر تي شعر سندس تخيل جي ڪئنواس تي تري اچي ٿو. پاڻ جيڪڏهن مسلسل شاعريءَ جي سفر کي جاري رکن ها تہ سنڌي ادب ۾ هڪ اهم شاعر جو اضافو ٿي پوي ها. چو تہ ادب ذريعي خدمت ۾ پنهنجي دؤر جي حقيقت تاريخ جا عڪس پڻ قلمبند ٿين ٿا. ڌرتي واسين جا ڏک ڏاکڙا بہ بيان ٿيندا رهن ٿا. اُميد آهي تہ شعر شاعريءَ جي ميدان ۾ پاڻ اچا قلم هلائيندا.

سندن زندگيءَ جو ٻيو پاسو نهايت اهم آهي. شايد اهوئي سبب آهي جو پاڻ شاعريءَ کي ايترو وقت ڏيئي نہ سگهيا آهن. پنهنجي تر علائقي ۾ رڪارڊ ترقياتي ۽ سماجي ڀلائيءَ جا ڪم ڪرايا اٿن.

روڊن رستن جون منظوريون، بجلي، اسپتالون، اسڪول، ٽيليفون، روزگار جا مسئلا پاڻ ترجيحي بنيادن تي ڪرائيندا رهيا آهن. قدرت سندن هٿ تي ايتري سوڀ رکي آهي جو بعضي مرشد سائين قبلا مخدوم طالب المولىٰ ناممڪن ۾ مشڪل ڪم سندن حوالي صرف ان ڪري ڪندا هئا، جو ڪين مائل جي اٽل ارادن ۾ مستقل مزاجيءَ ۾ ايترو يقين هوندو هو جيڪڏهن مائل ڪم ۾ هٿ وڌو تہ ضرور پورو ڪندو. پاڻ اهڙا ڪيترائي مثال قائم ڪري ڏيکاريائون. هڪ سچي ڪارڪن ۾ سنڌ جي هڪ مخلص سماج سڌارڪ جي حيثيت رکن ٿا. سندن شخصيت ۽ ڪردار سنڌي سماج جو قيمتي سرمايو آهي. مائل پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيام ۾ پنهنجي شروعاتي جلسي توڙي انهن جي ڪاميابيءَ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيائون. جديد دؤر جون گهُرجون ۽ سهوليتون نہ صرف پنهنجا ڪاڪا راڄ ۽ عام ۾ ڪيائون، بلڪ ڀرپاسي جي مختلف قومن جمالي، راهو سهتا، اُجڻ، حاجاڻا، ڇڇر، ٻگهيا، ڳاهوٽي، سيال، سميجا، منگواڻا ۽ ٻين قومن کي پڻ فائدو ڏنائون. مقصد تہ جتي جتي سندن وس هليو آهي، اتي انهن علائقن کي جديد سهولتن سان آراستہ ڪيو اٿن.

سندن شاعريءَ جو ڪليات ”ناهي مستن تي ميار“ تياريءَ هيٺ آهي، جنهن ۾ پاڻ مختلف وقتن تي جيڪا شاعري ڪئي اٿن، ان جو نہ صرف پسمنظر بلڪ تاريخ ۽ حالت بہ ڄاڻائي اٿن، جنهنڪري پڙهندڙ جلدي شاعر جي فڪر ۽ مرڪزي نقطي کي سمجهي وٺي ٿو. حاجي مصري ڪاڪا جيئن تہ سماجي ڪمن ۾ اڳرو رهيو آهي، بهادري، بيباڪي، فهم ۽ دوربيني، مستقل مزاجي سندن خاصيتون آهن. سندن طبيعت جي حساسيت ۽ محسوسات ۽ اصول سندن شاعريءَ ۾ پڻ نظر اچن ٿا. تخليق ۾ تخليقڪار جو سڌي يا اڻ سڌي طرح عڪس سمايل هوندو آهي. سندن شاعريءَ ۾ پڻ اهڙا عڪس ملن ٿا. پنهنجي زندگيءَ جا اهم واقعا پڻ هن ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل آهن، جيڪي مختصر پر جامع نظر اچن ٿا. سندن زندگيءَ جي جدوجهد واري پاسي کان نوجوان نسل اڻواقف آهي، ڪين پنهنجي آتم ڪهاڻي لکڻ گهرجي تہ جيئن پڙهندڙ سندن ڪارنامن کان واقف ٿين ۽ پنهنجي زندگيءَ لاءِ پڻ اهڙي واٽ منتخب ڪن.

سندن زندگي شاهہ جي هن شعر جيان محسوس ٿئي ٿي:

الست بربڪم، جڏهن ڪو پيوم،
قالوبلي، قلب سين، تڏهن تت چيوم،
تنهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.

ڊاڪٽر نواب ڪاڪا
سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

# انگريزي ڪافين جو ڏيسي شاعر

مون کي ياد آهي تہ ليڪچراريءَ جي انٽرويوءَ ۾ جڏهن ممتحن مون کان مخدوم طالب المولىٰ سائينءَ جي ڪتابن جا نالا پڇيا هئا تہ مون سندس سمورن ڪتابن جا نالا ٻڌائي، هڪ جو نالو ڄاڻي نہ ٻڌايو هو جيڪو هو "ڪافي". ڄاڪاڻ جو ان ڪتاب جي حوالي سان مون وٽ هڪ روئداد هئي ۽ مون چاهيو پئي تہ آئون پنهنجي چالاڪيءَ سان ممتحنن کي ان جي طرف وٺي وڃان ۽ انڪري ئي مون ان ڪتاب جو نالو نہ ورتو ۽ پوءِ ٿيو بہ ائين جو ممتحن منهنجي ڄار ۾ ڦاسي پيا ۽ آئون ليڪچرار ٿي ويس.

تقريباً نوَن سالن کان پوءِ حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري" جي ڪتاب تي ڪجھ لکڻ لاءِ جڏهن پين جو ڍڪ کوليم تہ هڪدم خيال آيو تہ هن ڪُليات جي ابتدا ڪافين سان ٿيل آهي تہ بغير "ڪافي" ڪتاب جي مطالعي جي، 'مائل' سائينءَ جي ڪليات تي ڪابہ راءِ قائم نہ ٿي ڪري سگھجي، سو پين جو ڍڪ بند ڪري "ڪافيءَ" جو ڪور کولي ڇڏيم.

ڪجھ ورق ورائڻ کان پوءِ بليو ڪلر جي ٽائيٽل واري ان ڪتاب مان ڪافي آهستي آهستي ائين نروار ٿيڻ لڳي، جيئن سسپينس وارن ڊرامن ۾ شراب جي بوتل مان هلڪو هلڪو دونهون نڪرڻ لڳندو آهي ۽ سامهون هڪ نرتڪيءَ جي صورت وٺي رقص ڪرڻ لڳندو آهي تہ منهنجي اسٽڊي روم ۾ بہ ائين ئي ٿيو هو ۽ پڙهندڙي پڙهندي ڪتاب جي صفحن مان هڪ نرتڪي نروار ٿي قالين تي اچي ويٺي هئي ۽ يڪتاري جي تند کي سورڻ ۽ منهنجي دل کي جهورڻ لڳي، ۽ پوءِ بس! ڏسندي ئي ڏسندي ڪمري ۾ ان "ڪافيئر" جا آلاپ ۽ ورلاپ، آواز ۽ انداز پنهنجو جادو ڏيکارڻ لڳا هئا.

ڪمري جي اسپاٽ لائيٽ سان جڏهن نرتڪي، هڪ گول روشنيءَ جي دائري ۾ سمائجي وئي ته مون ڏٺو ڪيس تيز ناسي رنگ جي ساڙهي پهريل هئي ۽ سندس هٿ ۾ هڪ ڪتاب هو جنهن تي درج هو ”ناهي مستن تي ڪا ميار“.

ڪافيئر سُر تلنگ جي ڪافي ڳائڻ شروع ڪئي هئي:

پايان پال هزار، محبت ۾ منظور ڪيو تئي
وڙهي وڏا تو سنڌئي پايان، ڳايو ڳايو ڳايو ڳايان
قلبي ڏنئي قرار، دوئيءَ کان پَرَ دور ڪيو تئي.

”ڪافيئر“ ڪافي ڳائيندي تي رهي ۽ آئون سوچيان ٿو ته حاجي مصري ڪاڪا ”مائل سروري“ جا پال ته آئون ٿو پانيان جو پاڻ 1959ع کان 2014ع تائين جيءَ پنهنجي شاعريءَ واري سفري تاريخ ڪي شايع ڪرڻ وقت مون کي به پنهنجي جيءَ ۽ ڪتاب ۾ جاءِ ڏني اٿس.

آئون هِتي پنهنجي ڪم علمي ۽ مختصر مطالعي جو اعتراف ڪندي بس ايترو گوشِ گذار ڪندس ته ڪافيءَ جو هي سفر شايد پاٽ شريف جي ڪافي گو شاعر شيخ لاڏجيئو (جيڪو پاٽ شريف مان لڏي برهانپور ۾ آباد ٿيو) کان ٿيندو پٽ شاهه ۾ پتائي، ته هالن ۾ وري مخدوم امين محمد پکن ڏٽي وٺان گذري جڏهن مخدوم طالب المولىٰ تائين پهتو ته مخدوم صاحب نه فقط ڪيس ڪلي ڪيڪاريو پر سندس تعارف همعصرن، دوستن ۽ سنڌ جي ان وقت جي اديبن ۽ شاعرن سان ڪرائڻ جي به دل ۽ جان سان ڪوشش ڪئي. ان سلسلي ۾ ڪافيءَ جي ترويج لاءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي نِج ڪافي مشاعرو به ڪرايو ويو جنهن ۾ فقط ڪافي لکڻ وارا شاعر گهرايا ويا ۽ ساڳيون ڪوششون سنڌ جي ٻين حصن ۾ به ڪيون ويون.

”ڪافي، ديسي صنف آهي جنهن ۾ اُهي مضمون ۽ بيان ذڪر ڪرڻ گهرجن، جيڪي اسان جي رسمن ۽ رواجن ۾ آهن يا اهي حالتون ۽ حقيقتون آڻڻ کپن جيڪي اسان جي ديس ۾ ٿينديون رهن. ڪافيءَ ۾ لفظ ۽

مثال اهي آڻڻ گهرجن جيڪي روز روز ڪم اچن ٿا ۽ ان ۾ تهذيب، اخلاق، بي حجتي ۽ نيڪ نيتي شامل هئڻ گهرجي." (ڪافي: طالب المولي)

"مائل سروري" جي مرشد جي بيان ڪيل متين ڪسوٽيءَ تي جڏهن سندس ڪافين جو مطالعو ٿا ڪريون تہ محسوس ٿو ٿئي تہ پاڻ پنهنجي ڪامل مرشد ۽ استاد جي ڏسيل گس تي هلندي هڪ قدم جي بہ ٿيڙ نہ ڪاڏي آهي ۽ مختلف سُرن (ايمن ڪلياڻ، پيروي، تلنگ، پيلو سنڌڙو، مانجهہ، لوڙائو پيم پلاسي، پرياتي) ۾ پنهنجين ڪافين کي رنگينديءَ جتي حمديہ، نعتيہ موضوعن تي طبع آزمائي ڪئي آهي تہ اُتي هجر ۽ وصل جي ڪيفيتن کي بہ قيد ڪيو آهي. ڪڏهن 'پيرويءَ' کي پاڪر ۾ پري سسئيءَ جو روپ وٺي چوي ٿو:

پنهنجي وَرَ کي وچي مان ورائيندس، حيلو هرڪو هن لاءِ هلائيندس جي وَرَ ويندي مان ويس مري، تہ بہ سرتيون اها مون کي سوپ سيري پر واٽ تان ايندس ڪانہ وري، پنهنجي محبت ڪانہ لڄائيندس.

۽ ڪڏهن 'مانجهہ' جي روپ ۾ مخدوم جميل الزمان جي مرحبا ڪندي چوي ٿو تہ:

اسان جو رهنما رهبر، سجڻ سردار اڄ آيو
اهو فرزند امين محمد ۽ پوٽو طالب المولي
دلاور دادلو دلبر، سندم دلدار اڄ آيو.

هيڏانهن سُر تلنگ ۾ سرجيل سندس هيءَ ڪافي ڏسو تہ ڪيڏي نہ نياري آهي، جو هڪ نئين مگر مروج ۽ زبانِ عام تي ايندڙ پيشي جي سانچي ۾ گهڙي ناهي وئي آهي:

عشق ڪيو انجنيئر، محبت واري ماپ ڪرڻ لاءِ عشق اسڪيمون آهن اهڙيون پڙهايون، مٿپ پلين محبت ناهوڪا ناهيون اينهين ناهي نہ سگهندو بيو ڪير، علم عطا ڪئين جڳ جي جوڙڻ لاءِ

تہ هوڏانهن سنڌ امڙ جي جياپي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڏٺيءَ در دست دُعا بہ آهي:

جي آ، جئي پئي، جئندي سدا سنڌ، رکي شاد آباد اسان جي خدا سنڌ

الله سائين ان کي رکيو آ سلامت، اَبد کان اَمن ۾ تائين قيامت
مخالفن جو مولا سدا ساڙيو سَنڌُ سَنڌُ.

ڪمري جو طلسم ختم ٿي چڪو هو ۽ الائي ڪيڏي مهل نرتڪي پنهنجي ساڙهي جو "پلو" چندي قالين تان اُٿي وڃي ڪتاب ۾ ليٽي هئي، جو شايد آئون ڪيس ٻڌڻ بدران ڪنهن شعوري ڪوشش ۾ جنبي ويو هئس ۽ نتيجن هوش رُيا منظر کان دور ٿي ويو هئس پر ترسو ڪجهه دير اڳ جتي اسپاٽ لائيٽ جي روشنيءَ جي دائريءَ ۾ مون کي نرتڪي نظر آئي هئي، اُتي پوءِ هڪ چٺي پيل هئي. آئون فوراً اُٿي اها چٺي کڻي کوليان ٿو ته ان تي لکيل هو:

"ناهي مستن تي ڪا ميار....."
فقط تولاءِ—

ڪمري ۾ هڪ ٺهڪ گونجي ٿو ۽ آئون "ناهي مستن تي ڪا ميار" جو مسودو وري کوليا ٿو. جنهن ۾ سنڌ جي ارڏي پُٽ ذوالفقار علي ڀٽي کي منسوب ٿيل نظم به آهن ته ڪجهه سروري طريقي جا ذِڪر به ڏنل آهن. بيتن جي پنل خوشبوءِ به آهي ته غزلن جا تازا گلاب به آهن. قطعه به آهن ته تاريخ جا ڪجهه ڪتبا به آهن.

"مائل سروريءَ" جي هن مجموعي ۾ منهنجي لاءِ جيڪا اهم ڪشش آهي، سا آهي انگريزي ڪافين جو سنڌي سٽاءُ ۽ اهڙا مشاهداتي موضوع، جيڪي هڪ ڳوٺاڻو شهرن جي صورتحال ڏسي محسوس ڪندو آهي. بلاشڪ ته اهي موضوع هن حساس ماڻهو وڏي ڪمال ڪاريگريءَ سان بيتن ۾ اُٺي، اسان لاءِ پيش ڪيا آهن.

سندس هي بيت ڏسو جن ۾ انگريزي قافيه. سنڌي سُٽيءَ سان پوئيا ويا آهن:

برهه ڪيو بائونڊ، مون کي ڏينهن ميثاق جي
الست بربکم جو سائينءَ ڏٺي سائونڊ
ڏنئين نوري نظر جو روحن تي رائونڊ
ته قالو بليٰ چئي قلب تي، بلڪل ويا بائونڊ

ڪنهن جي رڪيائين قسمت ۾، گوندر گرائونڊ
’مائل‘ مليو محبت مان، اي اُلفت ارائونڊ
اِهين آل رائونڊ، آيو تي انسان ۾.

❋

جمال ۽ جلال جي، غفار ڏني آهي گفٽ
پيو پاور پرور آ ڏنو ناياب نو لمٽ
تڏهن ڪيان تو ڪيترن، شيرين جي شفٽ
هي لوحئون ملي لفٽ، محبت ۾ هئي ’مائل‘ ڪي.

❋

سائين ڏئي سبجيڪٽ، مون کي عشق عقل جا
پختو ڏسي پيار جو، سچو سرٽيفڪيٽ
انٽرويو جي عشق ۾، سڪ مان ڪيئين سليڪٽ
اپائنمنٽ ڊائريڪٽ، محبت ۾ تي ’مائل‘ جي.

❋

’مائل‘ مئنيجمينٽ، اهڙي رک آفيس جي
جو عوام جا ارجنٽ ڪم تين قرب سان.

۽ هاڻ ملاحظ ڪريو سندس ڪجهه مشاهداتي مصراعون، جيڪي ڪتاب جي ورقن ۾ جابجا پکڙيل آهن:

ترت ناهي تنظيم تو بدنيتيءَ سان بيڪار
پڌرا پهرين ڏينهن هئا، پٽيل سنڌ پار

❋

ميٽنگن مان مور، ماڻهو نہ ٿهن ملڪ جا
جيسين نہ ڪيو قلبن مان، فتنو ۽ فتور
۽ ايجنڊا ۾ انهن جي، رکيو نہ نيت نور.

❋

صحيح ڊرائيونگ سکڻ لاءِ، ماڻهو نہ آهن تيار
اڪثر مالڪ هلائين تا، وڏا ننڍا بار
پيو وڌي ويو ملڪ ۾ ٽريفڪ جو آزار.

*

جيئن ڪاتب لکن ڪلهن تي، تا نڪير ۽ منڪر
تيئن پوليس بہ لکي پيپرن تي، ڏوهن اڪر اڪر
انويسٽيگيشن بعد تي ٿئي حقيقت ظاهر.

پنهنجي بيتن ۾ 'مائل سروري' مختلف موضوع ڪٺي انهن جي شاندار اُپٽار ڪري، معاشرتي ناسورن تي نظر وجهي، نصيحت پڻ ڪئي آهي. اهڙن بيتن ۾ (ڊاڪٽر، مُلان ۽ موالي، سگريٽ، اڄ جو نوجوان، قومون ۽ انهن جا وڏيرا، ڪاڪن واري قوم) قابلِ داد آهن.

جڏهن تہ غزلن واري حصي ۾ ايتري جدت البتہ مون کي محسوس نہ تي ٿئي پر روايتي رنگ جا هي غزل پوءِ بہ ڪٿي ڪٿي پاڻ ڏي زوريءَ ڇڪي ٿي وٺن ٿا:

اڄي پيو سمجهہ ۾ هڪ ڏينهن هو بہ سوچيندو
اسان جي انتظاريءَ جو اثر ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي.

*

ڪيو جنهن قرب ۾ قابو انهيءَ ئي يار ڏي هلبو
سهارو جو سڄڻ آهي تهين سردار ڏي هلبو.

*

مست مئخاني ۾ جڏهن تا اچي وارد ٿين
ساقي گهبرايو وڃي، مئخانہ لرزان تا ٿين.

"مائل سروري" جي هيءَ ڪليات، سندس ڄڻ تہ سموري سفرِ حيات آهي. هيءَ هڪ آٽوبايوگرافي بہ آهي جنهن ۾ سندس نوڪريءَ جو ملڻ، نوڪري ڪرڻ جو سليقو شادي، ٻچن جون سالگراهون، غم ۽ خوشيون، فنڪشن، مهمان ۽ شخصيتن ڪان علاوه ذاتي تجربا ۽ مشاهدا شامل آهن.

مصري ڪاڪا کي آئون ذاتي طرح سان هڪ سماجي ڪارڪن ۽ پنهنجي ڳوٺ ۽ علائقي جي ترقيءَ لاءِ پتوڙيندڙ شخصيت طور سڃاڻان ۽

هن پنهنجي وت ۾ وس آهر ان ڏس ۾ هُن ڪوڙ ساريون ڪاميابيون بہ ماڻيون آهن، ۾ مون ڪي پڪ آهي تہ سندس علائقي واسي جتي ڪيس سندس خدمتن جي عيوض سدائين ساراهيندا رهندا. اتي اسين ادبي لڏي جا ماڻهو 'مائل سروري' جي هن ڪليات جي اشاعت ڪي پنهنجي علائقي جي لاءِ سنو سونڻ پائيندااسين ۾ هڪ حسين تاريخ طور ساهہ سان سانڍيندااسين.

**سهيل ابڙو**
ابڙا اسٽريٽ هالا

25 فيبروري 2015ع

# موسيقي شناس شاعر "مائل سروري"
## "ناهي مستن تي ڪا ميار"

محترم حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري" جي شعرن جو مسودو منهنجي بصارتن جي آڏو آهي ۽ آئون ور ور ڏيئي سندس خوبصورت ڪافين کي جهونگاري رهيو آهيان ۽ شامل تصويرون ۽ تحريرون ڏسي کيس داد تحسين ڏيئي رهيو آهيان.

محترم حاجي مصري ڪاڪا جو تخلص 'مائل سروري' آهي جيڪو کيس سندس مرشد قبلا سائين محمد زمان طالب المولىٰ جن عطا ڪيو آهي. هڪ وڏو عرصو مرشد جي خدمت ۾ رهڻ سبب سندس تحريرن شاعريءَ تي سائين وڏن جو اثر رهيو آهي.

محترم حاجي مصري هوندئن تہ شاعريءَ ۾ مختلف اصناف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. غزل، بيت، ڪافي، ڏهر، پر سندس مکيہ حوالو ڪافيءَ وارو آهي. ڪافيءَ جي حوالي سان هن نوان نوان تجربا بہ ڪيا آهن. مثالطور: ڪافيءَ جا ٻتا ٻتا قافيہ. ٽن سٽن واريون مصرعون ڪافيءَ جي طوالت ۽ ڪافيءَ جي ٽل سان لاڳيتو راڳ جو نالو سنڌي ڪافيءَ تي راڳ جو نالو رکڻ تہ روايتي ڳالهہ آهي. محمد فقير کتياڻ ۽ ٻين ڪلاسيڪل شاعرن ڪافيءَ مٿان راڳ جو نالو بہ لکيو آهي. ڪافي گو شاعر موسيقي شناس بہ آهن سو پنهنجن آستانن تي ڪافيءَ جون محفلون سجائيندا رهيا آهن. ويجهڙي ماضيءَ ۾ طالب المولىٰ سائين ۽ پير اعجاز راشديءَ کان پوءِ مائل سروري ئي هن علائقي جو وڏو موسيقي شناس ۽ ڪافي گو شاعر آهي.

قبلا سائين طالب المولىٰ جن فرمايو تہ برِصغير ۾ شاهہ حسين "ماڌو لال حسين" ڪافيءَ جو پهريون شاعر آهي جنهن ريختي گوئي ۾ ڪافي لکي آهي ۽ ان کان پوءِ پنجاب ۾ بلي شاهہ، غلام فريد ڪافيون لکيون ۽ سنڌ ۾ ڪافي گو صوفي شاعرن جي هڪ وڏي فهرست آهي جنهن ۾ بيدل، بيدل فقير، نانڪ يوسف، خوش خير محمد، روحل فقير، عثمان سانگي، مصري شاهہ ۽ ٻيا

شامل آهن ۽ سنڌي موسيقي به ڪافيءَ جي آڌار تي بيٺل آهي. قبلا طالب المولي سائين پنهنجي ڪتاب "بي پير اکيون" جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته وائي به دراصل ڪافي آهي جنهن وائيءَ ۾ وراڻي ناهي اها به ڪافي آهي ۽ اهڙي طرح شاهه لطيف رحه جون وايون به ڪافيون آهن.

محترم مائل سروري جي هن ضخيم مسودي ۾ ڪافين جو وڏو ذخيرو موجود آهي هو موسيقي سناس به آهي ته جهونگاري به ڄاڻي، شايد پاڻ پنهنجون ڪافيون ڳائي لکيون آهن ۽ سُرن جا نالا به رکيا اٿس. پنهنجين ڪافين جا سُر مائل صاحب هن ريت رکيا آهن:

پيروي، تلنگ، لوڙائو، ڪنلگڙو، سنڌڙو، ڪوشڪڏني، ڪوهياري ۽ ٻيا اهي سيئي سنڌي موسيقيءَ جا سنڌي راڳ آهن. سروري راڳ جو مکيه سُر پيروي آهي، جنهن کي سروري راڳي مصري فقير وڏي ڪثرت سان ڳايو آهي. مصري فقير جو ٻيو مسڪن هالا پراڻا به هو جتي هو لڳاتار ڪيترن سالن کان دوست علي محمد شيخ وٽ رهاڻيون رچائيندو هو مون هڪ دفعي مصري فقير کان پڇيو هو ته اوهان پيروي ڪثرت سان ڳايو ٿا، ان جو خاص سبب؟ ته هن محمد جمن وارو جواب ڏنو هو ته پيروي سدا بهار ۽ سدا سهاڳڻ راڳڻي آهي جيڪا ٺاٺ به آهي راڳ به. لاتعداد طرزون پيروي ۾ ٺهيل آهن. اهو سوال پيرويءَ کان پڇجي ته هوءَ مون کان ايترو ڇو ٿي ڳارائي. حاجي مصري چنو فقير جي ميلي ۽ پنهنجي اوطاق تي پنهنجي فرزند راجا سهيل احمد جي سالگره جي تقريب سجائيندو رهيو آهي، پنهنجي شادي خانه آبادي ۾ جتي ٿي مصري اچي ڪٺا ٿيا هئا. مصري خان الغوزي وارو مصري فقير برک راڳي ۽ ٽيون حاجي مصري جيڪو گهوٽ به هو ۽ سهرن سان پنهنجي ڪافي ڳائي هئي ته مصري فقير وري سهرو لکي آندو هو.

محترم مائل سروري ڪافي گوئيءَ جي حساب سان وڏو شاهوڪار شاعر آهي. سندس هر ڪافي عام حالتن ۾ ڏهن ٻارنهن مصرعن تي مشتمل آهي، سندس ڪافي "تو نه ڪيو جي درد جو دارون" 20 مصرعن تي ٻڌل آهي. غزل ۽ ڪافيءَ کانسواءِ هر شعر جي هيٺان قبلا طالب المولي سائينءَ جن جي تتبع تي شعر جي لکڻ جو هنڌ تاريخ ۽ سن ڏينهن هجري ۽ عيسوي سن به نمايان طور لکيل آهي اها وڏي هوشياريءَ جي ڳالهه آهي.

حاجي مصريءَ جي شاعريءَ جا موضوع جيتوڻيڪ عوامي آهن پوءِ به ان ۾ نواڻ پڻ موجود آهي. حالات حاضره جا چٽا پٽا عڪس به سندس شاعريءَ ۾ نمايان طور نظر اچن ٿا. مائل صاحب پاڻ رڳو شاعر ڪونهي پر اعليٰ پائي جو نثرنگار به آهي سندس نثري ڪلمات هن ڪتاب ۾ جابجا موجود آهن. مائل صاحب ٻولي شناس به آهي، شاهه لطيف رحه جي ڪلام کي پنهنجي نظر سان ڏسڻ جو قائل به آهي.

حاجي مصري شاعر ۽ اديب هئڻ سان گڏ پاڻ جدوجهدي سماج سڌارڪ شخصيت جو مالڪ به آهي ڳوٺ پليڏنو ڪاڪا کي ماڊل وليج بنائڻ ۾ سندس وڏو هٿ آهي جنهن ۾ شهر واريون سهولتون موجود آهن. ڳوٺ پليڏنو ڪاڪا ڪان سواءِ ان تر ۾ ڪيترائي سماجي ڪم حاجي مصريءَ جي مرهونِ منت آهن.

حاجي مصري منهنجو همعصر ۽ همعصر رهيو آهي، سندس ذات صفات جون ڪيتريون ئي وصفون آهن هو ملنسار خوش خلق شخص آهي. حاجي مصريءَ جو هيءُ ٻهريون ڪتاب آهي ان کان اڳ پاڻ قبلا سائين طالب الموليٰ جن جي شعري مجموعي "چپر ۾ چڙيون" جو ٻهريون ڇاپو به ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي. سندس مطالع ۽ مشاهدو به وسيع آهي، 78 سالن جو هيءُ پيرسن شخص اڄ به ٿڪو ناهي ۽ سماجي ڪمن ۾ مصروف آهي.

حاجي مصريءَ جي هن ڪتاب جا ڪيترائي حوالا آهن ۽ ڪيترائي شاهڪار ۽ يادگار ڪلام موجود آهن جن کي آئون هن مضمون ۾ سهيڙي نه سگهيو آهيان. هونئن حاجي مصريءَ جي سچي شاعري سچي سون جهڙي سچي آهي ان کي طبقن ۾ ورهائڻ جي ڪا ضرورت ئي ناهي. منهنجي دلي دعا آهي ته مائل سروريءَ جو هيءُ ڪتاب ڪاميابيون ۽ محبتون ماڻي ۽ سچ ته اهو ئي آهي ته پاڻ محبتي ماڻهو آهي ۽ محبتون ورهائيندو رهي ٿو.

سوز هالائي

سوز هالائي اسٽريٽ

هالا پراڻا

# ناهي مستن تي ڪا ميار

هڪ دفعي مرحوم طالب المولىٰ سائين رحہ مون کان پڇيو: "توهان کي مصري ڪاڪا جي شاعري ڪيئن ٿي لڳي؟" مون عرض ڪيو "توهان جي اهل ٿو ڪري" سائين مُرڪي ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ موضوع بَدلجي ويو. مون سوچيو تہ شايد "مائل سروري" جي شاعري رسالي "مهراڻ" ۾ نہ ڇپي هجي ۽ هن صاحب اها شڪايت ڪئي آهي سو نفيس احمد "ناشاد" کان پڇيم هن چيو تہ مصري ڪاڪا پنهنجو ڪلام "مهراڻ" ۾ اشاعت لاءِ اسان کي ڪونہ موڪليو آهي.

پوءِ مائل سوري جو ڪلام پڙهيم موسيقيءَ تي آڌاريل ڪافيون ڪافي دلچسپ ۽ معياري معلوم ٿيون. هن مجموعي جي عنوان جي مصرع سُر تِلنگ تي مبني هن ڪافي ۾ جڻ تہ مصرع طرح جي طور تي موجود آهي:

"ناهي مستن تي ڪا ميار، محبت مستي جن جو مشرِبُ"

15 مصرعن ۾ قافيہ ۽ رديف جو نباهہ خوب آهي، مثلاً:

رمق ۾ روئي ريجهائين پيا ربُ، مولا سان آ تِن جو مطلبُ
سندن اهوئي آهي مذهب، جو "مائل" تِن سان گڏ ٿيو مُحبُ

مائل هڪ فطري شاعر آهي خوددار حساب ۽ محبوب! تنهنڪري ئي پنهنجو ڪلام اشاعت لاءِ پيشُ نہ پيو ڪري سندس نعتيہ شاعري بہ خوب آهي ۽ اها بہ سُرن تي آڌاريل آهي جيڪا شوق سان ڳائي آلاپي سگهجي ٿي:

هڪ اوائلي نعتيہ ڪافي جا قافيہ ۽ رديف ڪافي وارن ۽ سليس آهن:

جڏن جي جيءَ جو جانب جيارو يامُحمّدﷺ تون
اسان عاصِن ابوجهن جو سهارو يامُحمّدﷺ تون.

بي نعت شريف سُر پيروي ۾ هن طرح آهي:

"محمّد مُصطفيٰﷺ مدني ولهي جو تي سگهو واهَرَ."

سائين طالب المولیٰ مرحوم وانگر پنهنجي قول و ڪلام جي تاريخ لکڻ مائل سروري صاحب جو پڻ خاصو آهي.

ائين چئجي تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ جناب مائل سروري صاحب هڪ فطري شاعر آهي. سائين مخدوم طالب المولیٰ سائين رحہ جي اهلَ ڪري نہ ڪري پر واٽ وري پنهنجي وٺيو پيو وڃي.

هو تيرِ نظر سان ئي گهائي هليو ويو وري زخم دل جا چِڪائي هليو ويو
ڪري ناز نيڻن جا نرمل نهاري هو مائل ماري مچائي هليو ويو.

هن غزل جي مطلع ۽ مقطع جاڻائين ٿا تہ مائل هڪ پلوڙ غزل گو شاعر آهي. حُسن جو شاعر عشق کان آجو نہ آهي ۽ عشق تصوف جو مظهر آهي جيئن مائل صاف فرمائي ٿو تہ:

"عشق تہ پاڪ آهي ذات تخليق ڪائنات جي جنهن ئي ڪرائي."

هن ڪافيَ ۾ تصرف جا نڪتا نروار ڪيا ويا آهن سر لوڙائو ۾ هي ڪافي تنبوري تي بہ ڳائي سگهجي ٿي. بي هڪ ڪافي سُر تلنگ تي آڌاريل آهي.

"عشق ڪو انجنيئر محبت واري ماپ ڪرڻ لءِ."

سُر پيروي تي بيهاريل هي ڪافي بہ ڪافي دلچسپ ۽ معنيٰ خيز آهي.

”پيبو سُورن کي، رهبو دردن سان نہ ڪي ڳالهيون ڪبيون نہ ڪي
دانهون ڪبيون.“

ساڳئي سُر ۾ هيءَ ڪافي، ڪافي دلڪش ا هي.

مرادون منهنجي من جو موليٰ پڄائين، مونکي محب منهنجو جيئري ملائين.

مطلب تہ غزل گوئي ۽ ڪافي ۾ سندس مهارت ميڄڻ وٽان آهي، مجموعي طور تي صوفي مت ۽ جديديت جو هڪ امتزاج مائل جي ڪلام ۾ موجود آهي ۽ پڙهڻ وٽان آهي.

**ڊاڪٽر حبيب الله صديقي**
اصل ساڪن پاٽ شريف
تعلقو سيوهڻ ضلعو دادو
۽ هاڻي سنڌ يونيورسٽي ڪالوني
ڄامشورو

# مصري جو ميثاق

ٻچ ڏينهن ٿيا تہ حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري" پنهنجي شاعري جي ڪليات جو مسودو مون ناچيز جي گهر ڇڏي ويو آئون ڪنهن ٻئي پاسي ويل هئس ۽ پان هڪ چٺي ڇڏي ويو تہ سندس ڪلام ڪي پڙهي ۽ پنهنجي راءِ لکي ڏيان. جيئن ٻين دوستن جي راءِ سان گڏ منهنجي راءِ بہ ڪليات سان گڏ ڇپرائي حاجي صاحب سان تمام گهڻا دوستاڻا آهن پاڻ هڪ محبت وارو مخلص انسان آهي.

1961ع ۾ آئون گورنمينٽ هاءِ اسڪول هالا ۾ ٽيچر هئس. تہ مخدوم محمد امين "فهيم" سان منهنجي پهرين ملاقات ٿي. جنهن ۾ تمام گهڻو پيار ڏنائون ۽ چيائون اسان ڪي پنهنجا آهيو اسان وٽ ايندا ڪريو. جنهن بعد هفتي ۾ پهريان ٿي دفعا اثاس بنگلي تي قرب ڪري ڪچهريءَ لاءِ گهرائيندا هئا. ڪچهري مغرب نماز ڪان پوءِ ٿيندي هئي. جنهن ۾ علمي، ادبي معلومات سان گڏ موسيقي بہ هوندي هئي، وٽن هز ماسترس وائيس گرامو فون هوندو هو جنهن ڪي چاٻي ڏئي رڪارڊ چاڙهي مٿان سُئي رکي ڪلام ٻڌبا هئا اجا هالا ۾ بجلي ڪانہ هئي ۽ ريڊيو بہ بيٽري تي هلندا هئا. ٽيليويزن جو دور اجا پوءِ آيو. ان ڪچهري ۾ علي محمد آرٽسٽ ۽ مون ڪانسواءِ ساٽن ڪير بہ نہ هوندو هو. مخدوم صاحب جڏهن ڪراچي ويندا هئا سنڌي ۽ اردو ڪلامن جا رڪارڊ آڻيندا هئا ۽ اسان ڪي ٻڌرائيندا هئا ۽ رات جي ماني ڪائڻ ڪان پوءِ اجازت ڏيندا هئا.

اهي ڏينهن هئا جڏهن حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري" سان ملاقات ٿي ۽ اهو سلسلو جاري رهيو جيڪو اڄ تائين هلندو اچي.

جواني جون گهڙيون بهارون مخدوم صاحب جي خدمت ۾ گذاريائين، جتي خالص ادبي ماحول ميسر ٿين مشاعرا ۽ ادبي محفلون اتي جو معمول هو اهڙي ماحول ۾ سندس تربيت تي ۽ پڇي راس ٿيو.

آئون سندس شاعري بابت ڪهڙي راءِ ڏئي سگهندس راءِ ته اهو ڏي جيڪو ڪانئس به وڏو شاعر هجي مون ته رڳو قديم ۽ جديد، اردو پنجابي ۽ انگريزي شاعري جو مطالعو ضرور ڪيو آهي ۽ بهترين شاعريءَ کي سمجهڻ جو شعور رکان ٿو توڙي جو آئون پاڻ شاعر ڪونه آهيان ڪو زمانو هو مون شاعري تي طب آزمائي جي ڪوشش ڪئي هئي. سنڌي فائنل جو امتحان مون 1952ع ۾ پاس ڪيو جنهن ۾ هڪ مضمون علم العروض پڙهايو ويندو هو. ڏاڍو دلچسپ هوندو جنهن تي شاعريءَ جا بحر وزن سمجهي سگهبا، مون کي شوق ٿيو ته آئون فاعلاتن، فاعلاتن ۽ مفاعلن، مفاعلن کي اڳيان رکي شاعري ڪيان، ڪجهه شاعري به ڪري ويس پر ڪجهه استادن جي چوڻ ڪري ڇڏي ڏنيم.

دراصل شاعري جو تعلق يونيورسٽين ۽ اُٿ ڪتابن پڙهڻ سان نه آهي ڪيڏو به عالم فاضل هجي ته شاعري ڪرڻ لاءِ علم العروض جا ڪٽي شاعري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته شايد هڪ شعر به نه ٺاهي سگهندو. اجهو ادراڪ بحروزن ۽ فهم پيو آهي جيڪو ڪائنات جي مطالعي ۽ مشاهدي کي سُندر سانچي ۾ وجهي، حسين پيرائي ۾ پيش ڪري، جنهن ۾ عوام جي جذبن ۽ خيالن جي ترجماني هجي.

اهوئي سبب آهي جو شاعر جي منصب سان ڪنهن جي ريس ۽ برابري نٿي ڪري سگهجي، اهو شعور ذات يا فن فڪر قدرت طرفان عطا ٿين ٿا. ڪائنات ۾ جيڪي به وهي واپري ٿو شاعر ان جو پورو مطالعو ڪري ٿو ڪائنات جي سونهن، حسن هجي، عشق و محبت، ڏک درد پيڙائون هجن يا خوشيون هجن عام ماڻهو سندن سوچ ۽ مشاهدي جي ڪٿا نٿو ڪري سگهي.

حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري" جي ڪلام پڙهڻ سان پليءَ پت اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته حاجي صاحب هن سماج جي بيرخين، لاهن

چاڙهن، هيناهين مناهين، بي انصافين، ڏاڍ، ڏمر، رسمن، رواجن، بي قائدين جو تمام گهڻو گهرو مطالعو ڪري ماحول جي عڪاسي ۽ وقت جي ترجماني ڪئي آهي. سندس ڪلام سادو، سلوڻو ۽ عام فهم آهي سادا ۽ عمدا خيال سندس شاعريءَ جي خصوصيت آهي.

جيستائين سندس رومانوي شاعري جو تعلق آهي ان ۾ به پاڻ حسن و جمال هجر و وصال جي شعور جي تجربن کي دل پذير انداز ۾ پيش ڪيو اٿس. سندس پهريان شاعرانا پڙڪو ڏئي جڏهن سندس دل تي ڪا زبردست چوٽ لڳي. ڪاڪا سائين پاڻ لکي ٿو سندس شاعري جي ابتدا تاريخ مهينو ياد ڪونهي پر سال 1959ع ۾ تي ان وقت سندس عمر 22 سال هئي ۽ بڌائي ٿو منهنجي شروعات هيٺي ڪافيءَ سان ٿي:

ڪافي

ٿل: پئي باهه برهه جي ٻري، سا آگ اجهامي ڪين ڪي.

پهرين مصرع: عشق اندر ۾ لايون چوٽون، ڏاڍيون ڏنائين اوٽون مُوٽون
ماس هڏن تان ڳري.

2: برهه بيشڪ بالا آهي، ڪاڻ تنهن کي ڪنهن جي ناهي
شاهه گدا ٿو ڪري

3: دردن دل تـــي ديرو لاهيو سـوز سڄڻ جـــو روز ســـوايـــو
سهڻل ريءَ نه سري

4: پـــاڻ پچائج پـــاڻ ۾ پيهي "مائل" مهل جيئن نه وڃـــئـي
ڏيان ڏس تون ڏري

علامه آءِ آءِ قاضي هڪ دفعي شاعريءَ بابت ڳالهائيندي چيو ته شاعري "اها آهي جيڪا ڳائي سگهجي."

حاجي مصري ڪاڪا جي هي پهرين شاعري ڪافي آهي، جيڪا سُر پيمر پلاسيءَ ۾ ڳائي سگهجي ٿي. سندس ڪليات ۾ ڪافين ۽ بيتن جو تعداد صنفن کان وڌيڪ آهي، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته ڪافي ۽ بيت سندس وڌيڪ پسنديده صنفون آهن. ان کانسواءِ پاڻ نظم، ڏهر، غزل (سنڌي ۽ اردو ۾) قطعه نعتون به چيون آهن. جيڪي فڪر جي رنگيني ۽ فن جي

پختگي سان ڀرپور آهي، جن سُرن ۾ سندس ڪافيون ڳائي سگهجن ٿيون سي آهن: ڀيروي، لوڙائو تلنگ، پرڀاتي، مانجهہ، ڀيم پلاسي، ايمن ڪلياڻ، ڪوهياري، پيلو سنڌڙو ۽ ڪلنگڙو.

ڪاڪا سائين جي محبت، سوز ۽ ساز جي واردات سندس ڪافين ۽ غزلن ۾ نمايان آهي. هڪ هي غزل ملاحظہ فرمايو:

مطلع: جتي ڏاهن جو ڪَپُ ناهي، اتي ديوانا گهرجن ٿا،
جـــي پائِن پاڻ ۾ توکي، اهي مستانا گهرجن ٿا.

6: ڏسڻ سان مَستُ ڪن جيڪي، پيئڻ سان پرت ڪن پُوري،
چُميا جـــن تنهنجا لـــب ساقي، اهـــي پيمانا گهرجن ٿـــا.

7: اچـــا پهريون پيارو ٿئي، تيس مـــان تـــون ۾ گـــم ساقـــي،
فـــنـــا ڪان پوءِ بـــاقـــي ڪـــن، اهـــي پيمانا گهرجن ٿا.

حاجي مصري ”مائل سروري“ جي سچي شاعريءَ ۾ تخيل ۽ سُر اُتم درجي جا آهن. فني لحاظ کان بہ دلاويز انداز اٿس. شيريني ۽ ”مصري جي ميٺاج“ اٿس. ڪافين ۽ غزلن ۾ تانگهہ ۽ تڙپ جو گهڻو عمل دخل نظر اچي ٿو.

سندس اردو عزلن ۾ رومانوي شاعريءَ جي جهلڪن سان گڏ فصاحت ۽ بلاغت بہ ڀرپور انداز ۾ نظر اچي ٿي. غزل جي چند سِٽون ملاحظہ لاءِ:

ہمارے دل سے تم کھلیو، نہیں شیشہ جو ٹوٹے گا،
محبت اس میں ہے محفوظ، نہیں سپنہ جو ٹوٹے گا۔
میں تم سے تیری صورت کا، تصوّر لیئے ہی بیٹھا ہوں،
اثر ان سے صرف دل میں، محبّت کا ہی لیتا ہوں،
ہے یہ اب آشیان تیرا، نہیں میرا جو ٹوٹے گا۔
بھلا تیری جدائی کیوں، نہیں محسوس ہوتی ہے،
جو سینے میں تیری صورت، صنم منقوش رہتی ہے،
الستی ہے یہ "مائل" نہیں، ابگا جو ٹوٹے گا۔

ڪاڪا سائين ماحول جي عڪاسي ۽ وقت جي ترجماني ڪندي، بي ڊپائي سان وڏيرن لاءِ هيئن چوي ٿو:

وڏيرن پچار، رڳو آهي اقتدار جو،
غلط رويو راڄن سان، تا تڏهن کان اختيار.
سنوت نٿو ڏئين جي، ڪو هاري يا ڪمدار،
تہ سئو ڏهين ۾ چالان ڪرائي، ڪن پيدا ان لاءِ آزار،
انهي طرح هجون عوام اڳيان مڙني جا مهندار.
۽ عادتون انهن ۾، بُريو بيشمار،
چوريون ڪرائن چاهہ سان، هوڏي تي هوشيار،
۽ سندو پڏي يار آزارين عوام کي.

پوليس جي ڪارڪردگيءَ بابت دانهن ڏيندي چوي ٿو:

جيئن ڪاتب لکن ڪلهن تي، مُنڪِرُ ۽ نَڪيرُ
پوليس بہ لکي پيپرن تي، ڏوهن تفسير
ڪو پوي اچي جي وچ ۾، ماڻهو معتبر
تہ ڪيس ڪين ڪيترا، ۽ ٿئي تي درگذر.

انجنيئرن ۽ ٺيڪيدارن جا پول پڌرا ڪندي هن طرح اظهار ڪري ٿو:

پرسنٽيج پورو جنهن ڏنو ٺيڪيدار
تہ انجنيئر بہ ورپو ان کي، ڏين قلم جي مار.
ٺيڪيدار بہ ٺڳي لاءِ، وينا ڪن ويچار
تہ ڪهڙي طرح ڪم ڪري، پيسا بچايون هزار.
۽ هڪدم هٿ ڪريون، بنگلو موٽرڪار
هي بلڊنگ روڊس اريگيشن، سيني ڪاتن جا وهنوار.
"مائل" هن مذڪور جي، ڪيان ڪهڙي خبرچار
پيا پڌرا آهن پار، ملڪ اسان جي ماڻهن جا.

شاعريءَ لاءِ عام طرح چوٽي آهي تہ اها هر ڪنهن جي خيال ۽ جذبن جي ترجماني ڪري ۽ سندن سوچن ۽ تقاضائن جو پورائو ڪري، سو ڪاڪا سائينءَ جي شاعري ۾ اهي وصفون نظر اچن ٿيون.

شاعريءَ کان سواءِ پاڻ جيڪي سماجي خدمتون سرانجام ڏنيون اٿس، تن جو تفصيل هن ڪتاب ۾ آندو اٿس.

جنهن لاءِ پاڻ جَسُ لهڻي. هن عمر ۾ بہ عوام کي آرام ۽ آسائش پهچائڻ لاءِ جاکوڙيندو رهي ٿو. سندس اهي خدمتون وسارڻ جهڙيون ناهن. آئون تہ سندس لاءِ ايترو چوندس تہ "وساريان نہ وسرن پرين تنهنجا پيار."

**عبدالغفار صديقي**

# قادرالڪلام شاعر: حاجي مصري ڪاڪا

آئون هڪڙو بنهہ سارو سودو ماڻهو ۽ ان ڪان بہ وڌيڪ سادو شاعر ۽ نثرنگار.... پر حاجي مصري ڪاڪا سائين منهنجي آفيس ۾ مون سان اچي مليو تہ لڳم، ماڻهو برابر تہ هُو بہ مون ئي وانگر سادڙو آهي.... پر هُن جي هيءَ ڪُليات مون کولي پڙهي تہ لڳم، شاعر هُو سادو ڪونهي. بلڪ گهڻوئي پختہ.... مٿان ڏسڻ ۾ بہ، پنهنجي شاعري وانگر بيحد ڪڙو تڙو فٽ فاٽ، اکين ۾ سُرمو ان جي مٿان چشمو ۽ بلي بلي مُڇون، تڏهن اهڙي جاذبِ نظر انسان کي ڏسي، آئون ڏانهنس جهٽ مائل بہ ٿيس ۽ شاعري پڙهي سندس قائل بہ.

هاڻي مسودو گهر کڻي وڃي پُوري اِتير پِتير سان پڙهڻ لڳس تہ اُتندي ئي شاعر جي پوري نالي تي نظر پيم:

ڪليات حاجي مصري ڪاڪا 'مائل سروري'

سروري؟

اڇا تہ معنيٰ پاڻ سروري خانوادي جا طالب.... پر هي خانوادو بہ ڇا تہ خانوادو؟ ۽ اوچ ڪوٽيءَ جو خاندان! جنهن جي حُسن، ادب، اخلاق، شاعري، موسيقي ۽ خلق جي خدمت جي ساراهہ ۾ تاريخ جا ورقن مٿان ورق پريا پيا آهن ۽ اهڙي خانوادي سان جيئڻ مون ڇيو. دؤر حاضر ۾ رڳو مون ناچيز ئي نہ منهنجي اَبن ڏاڏن جي بہ ازل کان نيازمندي هلندي پئي اچي ۽ مولئ ڪندو تہ اها نسل درنسل ۽ پيڙهي درپيڙهي هلندي بہ رهندي انشاءالله.

خير.... ڳالهہ مائل سروري جي هن ڪُليات تان نڪتي سو موٽان ٿو واپس انهيءَ ڏانهن. جنهن جو نالو حاجي مصري ڪاڪا تجويز ڪيو آهي "ناهي مستن تي ڪا ميار". هونئن هتي ائين لکڻ ۾ بہ کهڙو عار! تہ حاجي مصري جي سموري ڪُليات 'الف' کان 'يي' تائين مون پڙهي.... تہ بي اختيار چپن ۾ چئي ويٺو هوس: اڙي هان! هي حاجي مصري ڪاڪا....! اڇا تہ 'قادرالڪلام شاعر'.

۽ اُتنديءَ ئي سندس جنهن پهرئين عارفاڻي ڪافيءَ تي منهنجي نظر پئي، ان جي هيءَ سٽ تہ.... سبحان الله.... واهہ وا:

گهڙي دنيا جي درياهہ ۾ ٻڏي توڪل سندو تُرهو
اُڪاريو مون کي احسان سان، نہ سيڻهُ سنڌُ ڪو قرهو.

اجهو هن مصرع جي پوئين سٽ هتي ڏيڻ کان پهرين آگاهہ ٿيو تہ مصري ڪاڪا جي ترڪيب "گهڙيس دنياجي درياهہ ۾" کي پڙهي ڪا دير تہ پاڻ واري ڀڳت ڪنور رام جا هي ٻول ڪنن.... ۾ گونجندا رهيا هئم، "دنيا سڀ درياهہ، ڪو ڪو تارو تنهن ۾."

تہ بس انهيءَ درياهہ ۾ تار ترن لاءِ اسان جو مصري ڪاڪا هن ڪافيءَ ۾ ترهو تارڻ لاءِ مٿي مرسل کان اجهو هينئن پيو واهر گهري:

ڪريو نظرِ ڪرم سرور اوهان جي ئي آهيان آهر.

سبحان الله! مون چيو پئي.... موضونيت سان گڏوگڏ موسيقيت بہ مصري ڪاڪا جي سٽ سٽ ۾ اصل واهہ جي سمائي پئي آهي. وري حرف حرف ۾ سُريلائپ ۽ رمز سان ڳالهہ ڪرڻ جو بہ سندس ڍنگہ.... ۽ اهو بہ اهڙو.... جو واهہ واهہ.

منهنجي ساهہ ۽ سِر جو تون ئي ڏٺي
ٿيس تنهنجي پريت ۾ پيار پٺي
پرين پورهيت تي ڏي پلوَ ڪٺي
مون لاءِ سائين بہ تون ستار مٺا.

۽ يارو....! مصري ڪاڪا جي لکيل سُريلن لفظن "ساهہ ۽ سُر"، "پريت ۾ پيار"، "سائين ۽ ستار" وغيره سهڻي سهڻي سٽاءَ سان جڙيل لفظ لڙهيءَ ۾ پڙهي، سچ پچ تہ لطف اچي ويم.

خير جيئن مون چيو پئي موسيقيت مصري ڪاڪا جي سٽ سٽ ۽ رڳ رڳ ۾ سمائي پئي آهي. هونئن اها موسيقيت رڳو مصري ڪاڪا ئي ڇا! اسان جي سنڌ جي سموري لوڪ ۽ ڪلاسيڪل شاعري.... جهڙوڪر.... آهي ئي موسيقيءَ تي آڌارڪ.

اڇا! دنيا ۾ هونئن تہ زمين کان آسمان تائين ڪيترائي ملڪ ۽ شهر هنڌ هنڌ.... ٽِڙيا ۽ پکڙيا پيا آهن پر بابا! هيءَ جيڪا هن سنڌ ساڻيهہ جي لفظ ۾ سُريلائپ پريل پريل نظر اچي ٿي. شايد ئي ڪنهن ٻئي ملڪ جي نالي ۽ اُچار ۾ اهڙي موسيقيت پريل نظر ايندي هوندي. گواليار گهراڻي جا راڳي چوندا آهن. سنڌ جو لفظ آهي ئي سراپا موسيقي. جنهن ۾ س۔ معنيٰ 'سا'. ن۔ معنيٰ 'ني'. ڌ۔ معنيٰ 'ڌا'. هاڻي سنڌي لفظ جي آروهي امروهي ڪبي تہ اُها ٿيندي سا۔ ني۔ ڌا۔ ڌا۔ ني۔ سا.

هاڻي ڪير آهي؟ جنهن کي خبر ناهي تہ شاهہ عنايت رضوي، ميان لطف الله قادري، شاهہ لطيف سائين، عبدالرحيم گرهوڙي صاحب ۽ خليفہ نبي بخش جي سموري شاعري آهي ئي راڳن ۽ راڳڻين تي ٻڌل. اسان جي هن مصري ڪاڪا بہ پنهنجن انهن عظيم بزرگن جي پيرَ پاريندي گهڻو تنو پنهنجي شاعري مختلف راڳڻين تي ئي سِرجي آهي. جيئن مثال طور سُر پيروي، سُر ڪوشڪ ڏني، سُر ڪلنگڙو، سُر تِلنگ، سُر پيلُو، سُر ملتانوي پيروي، سُر ڪوهياري، سُر لوڙائو، سُر سنڌڙو. پر شاعر مصري ڪاڪا پنهنجي وطن سنڌ کي دعا جنهن راڳڻيءَ ۾ ڏني آهي، اُها هن چوندي چوندي سدا سهاڳڻ پيروي راڳ ۾ ئي ڏني آهي ۽ ان جي پويان بہ يقيناً هن جي ڪا حڪمت عملي آهي ۽ ضرور آهي. چوي ٿو:

جي آ، جئي پئي، جيئندي سدا سنڌ، رکي شاد آباد اسان جي خدا سنڌ.
الله سائين ان کي رکيو آ سلامت، اَبدَ کان امُن ۾ تائين قيامت.

مصري ڪاڪا طريقت ۾ برابر تہ حضرت نوح سائين خانواي سان وابستہ هجڻ ڪري، پڪ سان تہ سروري ۽ سهروردي طريقي ڏي وڌيڪ مائل هوندو. پر سندس هي شعر لاڪوفي شاعرن بابا بلها شاهہ، خواجہ فريد ۽ سچل سرمست جي مسلڪ جو اتو پتو پيو ڏئي. ان ڏس ۾ ڪاڪا جون هي سٽون تہ ڏسو:

مُٺ مٽيءَ مان بوتو ٺاهي، پاڻ وينين اچي اُن ۾ لڪائي
اِهي سڀ تنهنجا آن اهڙو اچي ڪو پُور پيو ٿئي.

هوڏانهن عشق ڪرڻ واري هن شاعر ڪاڪا جي هيءَ خصوصيت وري حضرت شمس تبريز واري آهي، چوي ٿو:

عشق اندر ۾ لايون چوٽون، ڏاڍيون ڏنائين اوتو موتون
ماس هڏن تان ڳري،

پر هتان هُتان جي مسلڪن ۾ گهمي ڦري، اسان جو هي حاجي مصري ڪاڪا موٽي وري بہ پنهنجي ئي مرشد ڏي اچي ٿو:

پليل سان تون پيڙو اچي ٿي، پارس منهنجا پِيرَ
ساٿي سکهو ٿئي "سرور" سڏ ۾،

ائين مائل صاحب پنهنجي ڪُليات ۾ جتي بيتن جون بهارون لائي ڇڏيون آهن، اتي نِت نونَ ۽ جديد قديم موضوعن تي غزل بہ سرجيا آهن، اجهو غزل ۾ مائل سروري صاحب جو مجموعي رنگ وري ههڙو اٿوَ.

هو تير نظر سان ٿي گهائي هليو ويو
وري زخم دل جا چِڪائي هليو ويو.
اچن پيا، مبارڪ ڏني مون کي قاصد
ڳجهي ڳالهہ ڪن ۾ ٻڌائي هليو ويو.

هن ڪليات ڪتاب جي نثري ڀاڱي ۾ پنهنجي نِجي ۽ ذاتي حياتيءَ جو احوال ڏيندي مصري ڪاڪا لکيو آهي تہ ڪنهن شڪار دوران ڪائي لُنڊي بلا هُن جي پيرَ کي ڏنگي وئي هئي ۽ اُن سبب اگهائيءَ وارن پندرنهن ڪن ڏينهن دوران هُن منٺار فقير راڄڙ جو پورو رسالو 'رهنمائي' ياد ڪري ورتو هو جنهن منجهان ڏهر جو هڪ بيت ٻڌڻ بعد.... مخدوم سائين طالب المولىٰ پنهنجي حلقءِ خدمتگذارن ۾ ڪيس شامل ڪري ڇڏيو هو.

اصل ۾ هيءَ جيڪا شاعري جي ذات آهي نہ.... اُها نہ فقط نپٽ عشق، پر ڪنهن شاعر جَي... پلا جي مٽان پوڻ وانگر بہ تہ آهي، جيڪا چاهي تہ شاعر کي ماري ڇڏي صدين جي حياتي ڏيئي ڇڏي، اجهو مائل صاحب جي نثري تحرير مان هي بہ خبر پيم، تہ پاڻ ڳوٺ پلي ڏني ڪاڪا

جا رهواسي آهن. سندن ڳوٺ جو اهڙو نالو پڙهي دل خوشيءَ منجهان چوڻ لڳي هئي، شاعريءَ جي ميدان ۾ ٻه ل

او منهنجا ڪاڪا سائين 'ڀلي ڪري آيا.... اوهان ڀلي ڪري آيا.'

بهرڪيف.... ٿورائتو آهيان آئون هن ڪُليات 'مستن تي نہ ميار' ۾ خود حاجي مصري ڪاڪا جو پڻ، جنهن پنهنجي سُريلي شاعريءَ سان مون کي ملاقات جو موقعو فراهم ڪري ڏنو ۽ جنهن آڏار هاڻي هي چوڻ ۾ بہ ڪوئي مون کي عار ڪونهي تہ هيءَ ڪليات ۾ ٻيو هي 'ڪاڪا'. بقول شاهہ صاحب جي مون لاءِ ائين چوڻ:

ٻنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.

**نصير مرزا**

حيدرآباد
27.05.2015

# ”جلال“ ۽ ”جمال“ جو شاعر

شاعري ماڻهوءَ جي خارجي ۽ داخلي ڪيفيتن جو رد عمل آهي. شاعري انسان جي اندرين ڪيفتين جي ترجمان آهي. شاعري قدرتي ڏات آهي جيڪا قدرت طرفان انهن ئي ماڻهن تي عنايت ٿيندي آهي جيڪي فطرت جي بلڪل ويجهو هوندا آهن. فطرت جي من کي موهيندڙ منظر، سرمائي شامون، حسين چهرا، موسيقي جلي سُڪون جا سُر، مينهوڳي ۾ مور جا ٽهوڪا، وڇڙي ويل واهوندا، انساني الميہ جون آتم ڪٿائون، محروميون مجبوريون، احساس ڪمتريون، رُتن جا ڪيڏارا، رتو ڇاڻ ڌرتي جي ساوڪ، مٽي سان محبت ۽ حُب الوطني وغيره جهڙن احساسن کي منظرن، ڪيفيتن کي ڏسي، پَسي محسوس ڪري شاعر لفظن جي روپ ۾ پنهنجي احساسن کي ظاهر ڪري بين تائين پهچائي ٿو. مصري ڪاڪا ”مائل سروري“ بہ پنهنجي احساسن کي شاعري وسيلي اظهار ڪيو آهي. توڙي جو سندس تعليم ان دور جي فائنل پاس آهي پر سندس شاعريءَ ۾ لفظن جي ترتيب، بيهڪ، اظهار جو طريقو انتهائي وزنائتو آهي. پيهگهارو جا ڪاڪا اصل ۾ سروري جماعت سان لاڳاپيل آهن. مصري ڪاڪا وري قبلا سائين مخدوم محمد زمان طالب المولا جن جي حاضري ۾ پنهنجي زندگي جو تمام وڏو عرصو گذاريو جتان ٻولي، ادب، موسيقي، تميز نياز ۽ نوڙت سکيا پاڻ بزم طالب المولا طرفان ڪرايل هر مشاعري ۾ سدائين پنهنجي طرحي يا غير طرحي شاعري پڙهي سنڌ جي ناليوارن شاعرن کان داد وصول ڪندو هو. حسين بخش خادم، انور هالائي، اختر هالائي، حبيب الله صديقي، محبوب سروري، وفا ناٿن شاهي، سائل لاکو ولي سروري ۽ ٻيا ساعر سندس همعصر رهيا آهن. پاڻ سندس شاعري جي هر صنف ڪافيون، بيت، نظم، چوسٽا، قطعا ۽ دوهيڙا تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس هڪ ڪافي سرُ پيرويءَ ۾ آهي تہ:

”جي وَرَ ڏي ويندي مان ويس مري، تہ بہ سرتيون اها مون کي سوبِ سري

پر واٽ تان ايندس ڪانہ وري پنهنجي محبت ڪانہ لڄائيندس
(مصري ڪاڪا مائل سروري)
يا سندس هڪ بيت آهي تہ.

سا قوم رهندي قُرب سان. جنهن ٻلو ملي ٻوتار
ويهو پنهنجو پاڻ ۾ ڪن انصاف سان آچار
۽ ڪن جو ڪچريءَ وچ ۾ هڪ ٻئي قول قرار
پورو ڪن تا پاڻ ۾ ڪريو انتظار
اخلاق اهڙي سان هلن، جو وٽي نہ پوين وار
جو آهي هر ڪنهن ڳالهہ جو انصاف تي آڌار
انصاف ريءَ نہ اڳتي وڌي قومن جو ڪردار
مائل پوءِ معيار، تو ملي تن کي ملڪ ۾

مائل سروري، پنهنجي مرشد جي شان ۾ بہ ڪافي بيت چيا آهن سندس مرشد سان عقيدت جو اظهار بہ هن ڪافيءَ مان محسوس ڪري سگهجي ٿو:

مصرع قلبن تي تنهنجا قائم آهن.
قرب قرارا منهنجا هالن وارا
قدمن ۾ تنهنجي ڪوڙين آهن
ڪلنگن وارا، منهنجا هالن وارا.
عشق تنهنجي هنيا مائل مَنَ ۾
عجيب اوطارا، منهنجا هالن وارا.
”مائل سروري

شاعري سان گڏ مصري ماڪا نثر بہ تمام سٺو لکيو آهي. پينگهاري جي ڪاڪا قبيلي جو هي پهريون صوفي منش انسان مصري ڪاڪا ”مائل سروري“ سدائين مشاعرا، ميلا، ملاڪڙا، سماجي اوسر لاءِ سيمينار، موسيقيءَ جون محفلون، مچ ڪچهريون، شوق شڪار سان گڏ

پنهنجي دورِ جو نالي وارو آباد گار بہ رهيو آهي پنهنجي زميني پيداوار في ايڪڙ جي حساب سان زرعي ماهرن جي مشوري وٺڻ کان سواءِ بہ وڏيڪ ڪٽندڙ خير خيراتون ڪندڙ پنهنجي پٽ راجا سهيل احمدؔ جون سدائين سالگراهون ملهائيندڙ مصري ڪاڪا پنهنجي پٽن سان گڏ پنهنجي نياڻين کي بہ سٺي تعليم ڏياري آهي. ضلعي مٽياريءَ جي تعلقي هالا، تعلقي سعيدآباد ۾ جيڪي بہ ترقياتي ڪم ڏسو ٿا سي سڀ تقريباً مصري ڪاڪا جي محنت سان ٿيا آهن.

مصري ڪاڪا جي ساعري جي سٽ سٽ ۾ جلال، جمال جون جيڪي جهلڪيون آهن يا لفظن ۽ تشبيهن جي جيڪا لهر آهي يا گيڙو رتن سُنگ وارن فقيرن جي جيڪا نچڻ، ڳُڌَڻ ۾ شغلن تي پتنگ جي اچڻ جهڙي مستي ۽ سرمستي آهي سا توهان کي نمايان نظر ايندي ان ڪري تہ هن ڪتاب جو نالو ئي رکيو آهي "ناهي مستن تي ڪا معيار" مائل سروري دُنيا داريءَ ۾ ڪَسُ ڪسر ڪائڻ وارو ماڻهو آهي ۽ هر دل عزيز شخص آهي. هن محمود وسيلن هوندي بہ تمام گهڻيون سماجي خدمتون ڪيون آهن ۽ هن دُنيا ۾ جيا پيي جي جنگ کي وڏي جدوجهد ڪري جستجو آهي.

شاهہ عبداللطيف اها ڳالهہ هنن لفظن ۾ چئي آهي
جيئڻ ڪاڻ جيڏيون، وڏا وسَ ڪيام.

ڪاڪا قبيلي لاءِ ٻڙ جي ڇانوَ مصري ڪاڪا پنهنجو ۽ پنهنجي قبيلي جو ڳاٽ اُوچو رکيو آهي منهنجو هڪ چوسٽو آهي تہ:

ڳالهيون آهن گهڻيون ڳالهہ ڪاڪا ڪجي،
دوست آهن گهڻا، دوست ڪاڪا ڪجي،
سِڪ، پريت ۽ رواني جنهن ۾ هجي،
سچائيءَ سان ڪجي ڳالهہ سا ڪا ڪجي.

نظام الدين ڪاڪا

# ناهي مستن تي ڪا ميار

حاجي مصري ڪاڪا جو ڪتاب "ناهي مستن تي ڪا ميار" نظرن مان گذريو هن ڪتاب ۾ حاجي مصري ڪاڪا پنهنجي شاعريءَسان گڏ پنهنجي سوانح حيات پڻ لکي آهي، پاڻ پنهنجي زندگيءَ جا تجربا، مشاهدا ۽ حالات ساعريءَ جي ذريعي بيان ڪيا آهن، تقريبا شاعريءَ جي سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي.

حاجي مصري ڪاڪا اهو خوش نصيب ماڻهو آهي جنهن کي شروعات کان ئي پنهنجي مرشد مخدوم محمد زمان طالب المولي جن جي صحبت نصيبب ٿي اَن سان صحبت جو رنگ سندس زندگيءَ تي نمايان نظر اچي ٿو.

مثال طور مخدوم صاحب جن جو علمي ۽ ادبي رنگ، شعور شاعري، فنڪار ۽ موسيقيءَ جو ذوق ۽ شوق، وقت جي پابندي، ڪم ڪرڻ جو طريقو (ترتيب سان ڪم ڪرڻ) مسلسل محنت ۽ جدوجهد ڪرڻ وغيره شامل آهن.

پاڻ ڪم ڪار ڪرڻ جي معاملي ۾ عملي ماڻهون آهي، جنهن جو مثال سندس ڪيل بي شمار سماجي ڪم آهن، سماجي ڪمن ۾ سندس رهنمائي ۽ مدد مخدوم صاحب جن ڪندا آيا آهن، حاجي مصري ڪاڪا لاءِ اها ڳالهه مشهور آهي جنهن بہ ڪم ۾ حاجي مصري ڪاڪا هٿ وڌو تہ سمجهيو تہ اهو ڪم ٿي ويو. پروگرام ڪرائڻ جي تربيت ۽ طريقہ ڪار ڪو هن کان سکي، ڀين پروگرامن سان گڏميان چنو ڪاڪا جو ميلو لڳرائڻ جنهن ۾ ڪمپوزنگ سيد صالح محمد شاهہ ڪئي هئي سندس ڀي شاديءَ جي موقعي تي راڳ جي محفل ڪرائڻ جنهن ۾ ان زماني جي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مشهور ۽ معروف فنڪارن شرڪت ڪئي، ان کان

علاوه سنڌ جي ملهه پهلوانن کي ملاکڙن ۾ وچي انعام اڪرام ڏيڻ سامل آهن.

حاجي مصري ڪاڪا کي جيڪا (پين) سائين طالب المولي جن تحفي طور ڏني، ان پنهنجو رنگ لاتو ۽ ڪاليج پيٽارو ۾ سائين طالب المولي جن جي نالي لائبرري ۾ ڪارنر قائم ڪيو. حاجي مصري ڪاڪا هڪ غريب خاندان ۾ جنم ورتو پر سندس جاکوڙي طبيعت کيس هن منزل تي پهچايو آهي، سندس هي ڪتاب عملي ۽ ادبي دنيا ۾ هڪ واڌارو آهي جيڪو ايندڙ نسلن لاءِ رهنمائي ڪندو رهندو. اهڙن

ماڻهن جي موجوده دور ۾ کوٽ ٿيندي پئي وڃي، ان کوٽ جو پورائو ڪرڻ مشڪل ٿو نظر اچي هن وقت سندس زندگيءَ جي سام ٿيندي پئي وڃي، پر ان هوندي به سندس عزم ۽ اعتماد ۾ ڪا به ڪمي نظر ڪونه ٿي اچي.

زندگي آهي زنده دليءَ جو نالو
مئل دلين وارا جي ڇا ٿا ڪن.
(مخدوم طالب المولي)

ڊاڪٽر الهبچايو ڪاڪا
ڳوٺ خير محمد ڪاڪا
يونين ڪائونسل پليڏنو ڪاڪا

20_07_2018

# سخن شناس شاعر: حاجي مصري ڪاڪا 'مائل سروري'

محبت مان مرشد ڏنو پنهنجو مشرب
رستي انهيءَ تي ڏنو سون وڃين رب
(مائل سروري)

واديءِ سنڌ کي ازل کان اها سعادت نصيب ٿي آهي جو سنڌ جي اباڻي سڀاڳڙن ۽ عاشق ماڻهن جي جهولين ۾ هميشه کان الله پاڪ عزوجل جي عارفن، درويشن، فقيهن، صاحب نظر، صاحب عرفان، صاحب معرفت، فقيرن، غوث، قطب، ابدالن جو جنم ٿيو آهي. حضور پاڪ ﷺ اهڙن لاءِ فرمايو آهي ته "انا خادم الفقراءَ" ترجمو آئون فقيرن جو خادم آهيان.

اهڙن درويشن پنهنجن ڪردارن، اخلاقن ۽ قدرن طرفان صلاحيتن سان مالڪ رب پاڪ عزوجل جي صراط المسقيم واري واٽ جي سڌ ڏني آهي، حضرت امام غزالي رح جن فرمايو آهي ته صراط المستقيم حضور نبي پاڪ ﷺ جن خود آهن جيڪي هن پوري ڪائنات جا محور آهن "ڏک ڏيکيندو مون نه ڇڏيندو شفيع شافع سپرين" (شاهه لطيف (رح)

هالا جا غوث الحق قبلا مخدوم سرور نوح رحه (جڳ جي سونهن) جو سلسلو رب پاڪ ۽ حضور پاڪ جي ان عطا مان هڪ عطا آهي جن جي خاندان مان هميشه "صديقي" عشق جا درياءَ وهيا آهن جن پنهنجي ارادت مندن، مريدن، محبتن ۽ عشق وارن کي هميشه رنڱيو آهي ان گلشن جو هڪ گل قبلا مرشدنا حضرت مخدوم محمد زمان "طالب المولي" جن به آهن جن جي صحبت مان راڄ رنڱجي ويا ۽ انهن چند خوش نصيبن جن جي ساري زندگي پنهنجي ڪامل مرشد جون جتيون سڌيون ڪرڻ جي سعادت ۾ گذري جيڪي فنا فل مرشد جي منصب تي فائز ٿيا انهن چند خوش نصيبن مان هڪ اسان جو ڪاهوڙي ڪنهن نه ڪنهن جستجو ۾ ڪنهن نه خير جي

ڪم جي تلاش ۾ رهندڙ اسان جو پيارو چاچا حاجي مصري ڪاڪا "مائل سروري ۾ پڻ آهن. جن جو سماجي خلمتن کان هَٽي ڪري جيڪو مشفقانا، همدردانا، احساس رکندڙ مجزويانا پنهنجي مرشد جي فنا ۾ گم ٿيندڙ دل بہ آهي جنهن انهن کي پنهنجي احساسن ۽ جذبن کي شعر جي صورت ۾ لکڻ تي مجبور ڪيو.

مهرباني مرشد ڪئي ايڏي مون تي
نتو يار سمجهان ڪيئن ٻئي ڪنهن تي
وسائين وحدت سان منهنجي دل جي وادي
"مائل سروري"

هن ڳالهہ مان اِها ڳالهہ ظاهر ٿي تہ ڪيس مرشد ڪامل جي صحبت مان ۽ نگاهہ ڪرم کان پوءِ سندن دل جي پياسي خشڪ بنجر زمين تي محبت جا سلا پيدا ٿيا جن "مائل سروري" کي تاريخ ۾ هميشہ لاءِ امر ڪري ڇڏيو. نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو تہ شاعريءَ ۾ "سحر" آهي. دنيا ۾ ڪيتريون ئي ڪنور دليون آهن جن جو نرم ٿيڻ ڏاڍو مشڪل آهي، پر هڪڙو سٺو شعر انهن جي دلين کي نرم ڪري منزل تائين پهچائي ٿو. ان ڪري الله وارن ان شعر جو سهارو ورتو آهي.

چاچا "مائل سروري" جي بہ شاعريءَ جو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ پنهنجي اندر ۾ اڻ موٽ، اڻ ٽڪ ۽ منصورانا طبيعت جو مالڪ آهن.

ميس جي ويندي واٽ تي تہ بہ پهتيس پنهونءَ کي
ڪنهن پر بہ ڪانهي ميار ڪا اومان تي
لکين مون کي مهڻا ڏيو طعنا توڙي
(مائل سروري)

آهيان جي جنهن جي مائل اهو نيٺ ملندو
پڪارون پورهيت جون سٽي سائين ٿيندو
جنهن جي گوندر آهي دل منهنجي گهوٽي
(مائل سروري)

پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ حمد پاڪ، نعت شريف، منقبت، مجاز عشق، حال، حقيقت، معرفت، زماني جهڙن موضوعن تي بيان ڪري پنهنجي لطيف اندر جو اظهار ڪيو اٿن. هن وقت سندن ڪلام قبلا مخدوم سعيدالزمان چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جن بورڊ مان ڇپائڻ لاءِ ورتو آهي.

اسان ڪي گهرجي تہ جيڪي چند هي ماڻهو بچيا آهن، هن باشعور، با ڪردار، سخن پرور، سخن شناس ۽ سماجي ڪردارن جو قدر ڪريون. انهن مان ادب اخلاق ۽ خدمت جا موتي پرايون، جو هاڻي صرف هيءَ ڳالهہ بچي آهي.

"اچا رج مان رڙاچي تي۔ متان سمجهي مٺا مور سارا"
"يات اگر ڍهندو گي اگرن ملين گي ملکون ملکون مين"

وسلام

29 آگسٽ 2019ع

سيد ميدن شاهہ بخاري
درگاهہ سيد بچل شاهہ بخاري
ڳوٺ سيراچون ڪاڪا يونين
ڪائونسل پليڏنو ڪاڪا

# منهنجي سوانح حيات

منهنجو جنم 19 سيپٽمبر سال 1937ع مطابق بروز آچر آهي. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ پليڏنو ڪاڪا ۾ سنڌي فائنل (ست درجه سنڌي ان وقت هوندا هئا) جي پاس ڪيم. سال 1950ع ۾ ان کان پوءِ اديب عالم ۽ اديب فاضل سنڌ يونيورسٽي مان 1963ع ۾ پاس ڪيم.

نوٽ: سائين جن اسان جي ڳوٺ طرف شڪار خنزيو جو ڪرڻ آيا هئا، سو اسين بہ ڏسڻ لاءِ اسان جي ڳوٺ کان ڏکڻ طرف سندن ديهہ ڇپر خان ۾ 1000 ايڪڙ آهي، ماستر محمد قاسم ڪاڪا منهنجي ڳوٺ جو ڪلاس فيلو آهي. اهو ۽ آئون گڏ واپس پيا آيا سون تہ مونکي ڏائي ڪڙيءَ ۾ لنبي بلا ڏنگ هڻي وئي، ان زماني ۾ اسپتالون ڪون هيون ۽ جهاڙون رکندا هئا ۽ سنڌي گيهہ ۾ بصر ڪچو ڪارائي پيارايندا هئا تہ التيون ذريعي زهر نڪري وڃي ۽ مون کي 15 روز ننڊ ڪرڻ نہ ڏنائون هڪ ماڻهو ويندو هو ٻيو وري ايندو هو. ان منٺار فقير جي رهنمائي رسالو جنهن ۾ فقير مرشد جي سان ۾ ڏهر ڇپيا آهن، اهو سڄو ياد ڪيو جو منهنجو حافظو تمام سٺو هو. ان مان هڪ ڏهر مون ذڪر ڪيل موجب ڏنو هو.

قرآن مجيد سوره بقره ۾ آيت آهي ڪتب عليڪم القيام وهو ڪره لڪم وعسي عن تڪرهوا شيا وهو خيرلڪم وعسي ان تحبوا شيا وهو شرلڪم نمبر آيت 215 آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي تہ اوهان ڪي ڪو نقصان ٿئي ٿو تہ ان جي اوهانکي ڪهڙي خبر تہ ان ۾ اڳتي هلي فائدو ٿيندو يا اوهان کي خوشيءَ جو موقعو ملي ٿو تہ اڳتي هلي اهو نقصان ٿيندو اها خبر صرف الله سائين جي ذات کي آهي.

1959ع ۾ منٺار فقير راڄڙ جي رسالي رهنمائي مان هڪ ڏهر طالب المولي سائين جن شڪار تي آيا هئا جن اسرڻ مهل مون ڏنو هو جنهن

تي پاڻ ان وقتاتي خيرمحمد مير بحر بہ رهندو هيو گل بدين ڳوٺ ۾ جيڪو سائين جن کي چيو سياڻ هالا ۾ اسان وٽ وٺي اچجو خير محمد مون وٽ ڳوٺ آيو مونکي چيائين تہ سائين طالب المولي جن توکي هالا گهرايو آهي ۽ هل ان زماني ۾ سعيدآباد کان اسان جي ڳوٺ ڏانهن ڪوبہ پڪو رستو نہ هئو آئون پنهنجي گهوڙي تي چڙهي ساڻس گڏجي سعيدآباد آيوس ان وقت ريل گاڏيءَ جو سفر هوندو هو ان ۾ چڙهي هالا پهتاسون اتان اسٽيشن هالا کان شهر تائين ٽانگا گهوڙن وارا هلندا هئا ان ۾ چڙهي شهر پهتاسون دروازي تي قاسم ڪيريو دربان هوندو هو ان کي خير محمد ٻڌايو تہ سائين جن جو حڪم هو تہ آئون حاجي مصري ڪاڪا کي وٺي آيو آهيان پاڻ قاسم کي فرمايائون تہ هنن کي ويهار هي ماڻهو ڪمن وارا ختم ٿين اهي پوءِ اچن 1 بجي ڏاري حڪم ٿيو اندر پهتاسين سائين جن کي خيرمحمد ٻڌايو تہ قبلہ اهو ڏهر هن ڇوڪري ڏنو هو ان کان پوءِ پاڻ مونکي مخاطب ٿي فرمايائون تہ حاجي مصري جنهن جو توتي نالو آهي انهن وٽ سائين غلام محمد عرف گل سائين سندن والد راتيون اچي رهندا هئا ۽ اهو يڪتاري تي ڳائيندو بہ هو اوهان سان تمام ويجهو تعلق آهي اسان جي مرضي تہ تون اسان وٽ اچي حاضريءَ ۾ رهہ مون عرض ڪيو تہ قبلا سائين والد صاحب کان اجازت وٺي پوءِ حاضر ٿيو پر آئون ان وقت رعب جي ڪري تمام گهٽو ڏڪي رهيو هئس ڳوٺ اچي والد صاحب کي حقيقت ٻڌايم ان چيو ابا مرشد کان مٿي ٻيو ڪير ڪونهي تون سياڻي سنبري سندن خدمتون ۾ وڃ ۽ اتي رهہ اهڙي طرح سان آئون سائين جن جي خدمت ۾ پهتس پوءِ سڄو فيض اتان حاصل ڪيو.

## ـ حاجي مصري ڪاڪا ’مائل سروري‘

## ڪافي (نعت شريف) سُر پيروي

ٿل: محمّد مصطفيٰ مدني وِلهي جي تي سِگهو واھَر.
عجيب عاصي اٻوجهي جي هڪدم ٿيو اچي آڌر.

مصرع

1ـ گهڙيُس دنيا جي درياءَ ۾ ٻڏي توڪل سندو ٽُرهو
اُڪاريو مون کي احسان سان نہ سيٺهُ سندُ ڪو ڦَرهو
ڪريو نظرِ ڪرم سرورَ اوھانجي ئي آھيان آھَرُ.

2ـ سندئي محبت رهي دل ۾ خسارا ٻيا ختمُ ڪريو
مڪين دل ۾ رهو منهنجي، اوهان کي ڏسان اُن کي ورپو وريو
مٿا محبت جي مستيءَ جي پرين پُختي ڏيو پاڪر.

3ـ هجان گُم اُن ئي جلون جي پسڻ ۾ ئي پرين هردم،
ڏسندي اُن کي ئي نڪري جسم مان پوءِ ھي دم،
ڏسان پيو ڏيھہ ساري کي جي مالڪَ جوڙيا آھن منظرَ.

4ـ هِتي هُتِ پناري پيو اوهان جي ئي عجيب آهيان،
آهيان اصلئون اوهان جو ئي ڪهين ٻئي جو اصل ناهيان،
پياريو پرتِ مان پياسي پرين هُو آبُ جو ڪوثر.

5ـ آهيان ”مائلُ“ مدامي محب اوهان جي دَرَ تي ئي سوالي،
پريو جهولي سندم جانبِ ويو ڪوئي نہ اِتان خالي،
آيو عجزئون آهيان عاصي سفارش مون ڪيو پروَرَ.

3ـ اپريل 1975ع بروز خميس 12:30 بجہ حاجي يوسف ڪاڪا جي رستي واري هوٽل تي ڳوٺ پليڏنو ڪاڪا.

## ڪافي (نعت شريف) سُر ڪوشڪ هلي

ٿل: جڏهن جي جي جو جانب، جيار يا محمّد توں،
اسان اصين اپوجهن جو سهارو يامحمّد توں.

مصرع

1. ڪيو قرآن ۾ قادرَ ادب آهي سچا سرورَ
سڀي لولاڪ ڪان ان ڪي پيارو يا محمّدَ توں.

2. اوهان جو بخت ٿيو بالا، اوهان تي مهر ڪئي مولا،
خدا جي خلق ۾ بيشڪ، پيارو يامحمّدَ توں.

3. اوهان جي نور مان نرملَ خدا خلقيو جهان سارو
نگاهن منهنجي ۾ نوري، نظارو يامحمّدَ توں.

4. تصورئي اوهان جي ڪان، نہ آهي چَينُ ڪو دل کي،
مٿي ”مائلَ“ جي خيالن جو پَسارو يامحمّدَ توں.

⊙

05_ فيبروري 1962ع، حيدرآباد

## ڪافي سُر تِلنگ

ٿل: ناهي مَستَن تي ڪا ميارَ محبتَ مَستي جِنِ جو مَشربُ

مصرع

1ـ لوڪ لاڳاپا دل سان لاهيو پُرَن پرينَ جي پارَ
رمز ۾ روئي ريجهائن پيا ربُ

2ـ ڪنهن جي پرواهہ ڪانَ ڪين ٿا، مٿانهان ملين مَعيارَ
مولا سان آ تن جو مطلبُ

3ـ گهڙي ڪَنُ غافل ڪين گذارن سائين جي ٿَنِ سارَ
سندن اهوئي آهي مَذهبُ

4ـ دمَ هي حياتي جي ٿا گذارن جيئري جهان ڪان ڌارَ
عبرت ۾ سي ڪائن عجبَ

5ـ پنهنجي پاڻ ۾ لالُ لڏائون ڪٽي برهَہ جا سِرَ تي بارَ
سيئي وساريون عيشُ و طَرَبُ

6ـ لَڙهيون لُڙڪَنِ پرت مان پُوئي، هِنئين ڪي پاتائون هارَ
سندن اهوئي نيازُ اَدَبُ

7ـ نيت ڪوتي جا جيڪو سبب ڏيہ ڪائن انهيءَ تي خارَ
ڪم نہ سندن آهي ڪوڙُ ڪَسَبُ

8ـ انسان سيئي هڪجهڙا سمجهن، جي خلقيا خلقڻهارَ
ذات ڏسن نہ ڪو رَنگ نسبُ

9ـ مَحوُ محبوبن ۾ ٿي رهن ٿا، انٿي پهر اپار
ٿَنَ ۾ ڏنو ٿَنِ ونحَن اقربُ

10_ جيئري جدا تي ويا هو جسم ڪان، گڏيا ربَ غفارَ
قادر ڪين ڏسو ڪيڏو قربُ

11_ ظاهر باطن بندش لاهي، ڪيا خالق خودمختيار
وريو وريو ڏئين واحد وهَبُ

12_ نيهَن نشي جا قلب تي ڪاملَ خوب اٿن ڪي خمار
اندر اچان ڪلمون طيبُ

13_ حڪمت هيبت حشمت تي ڪيا، سائين سدائين سوار
انسان انهن تي ڪائن عجب

14_ بيرق برهہ جي پڙڪي دل ۾، تين عشق علمبردار
مشرق ڪان وڃي پهتا مغرب

15_ سوري تن ڏي ڪين سنڌي تي، تا سوريءَ ڪائين سينگار
جو "مائلَ" تن سان گڏ تيو محبُ

⊙

## ڪافي سُر ملتاني پيروي

ٿل: لکين تورا تنهنجا يارُ محبت ۾ منظور ڪيو ٿئي.

مصرع

1ـ وَڙَ تو وڏا هي تنهنجا پايان، ڳايو ڳايو ڳايو ڳايان،
جانبَ جيءَ جيارَ دنيا کان ير دور ڪيو ٿئي.

2ـ ڪنهن جهڙو مان ڪين ڪي هُيَڙَسُ خاڪ پيرن جي توئي ڪيَڙُسُ،
اِي سڀ تنهنجا آرَ اهڙو پرين ڪو پُورُ پيو ٿئي.

3ـ پنهنجو ادب هاني پاڻ ڪريان ٿو، پنهنجي پاڻ ۾ توکي ڏسان ٿو
محب مٺا منٺار نيڪ نظر سان نورُ ڪيو ٿئي.

4ـ عشق تي منهنجي من ۾ آيون، وسري ويون مون کان سيئي وايون،
تنهنجي رڳو اتم تار طلب مان مون ۾ ظُورُ ڪيو ٿئي.

5ـ علمَ عطا ڪئي توئي نرمل، قرب ڪري مون سان پاڻ ئي ڪامل،
پاٽان پرين ڪري پيار "مائلَ" کي مسرورُ ڪيو ٿئي.

⊙

20 محرم الحرام 1395هه 13 فيبروري 1975ع سپر هاءِ وي ڪراچي ويندي بس ۾.

## ڪافي (سُرُ پيلو)

ٿل: تيءَ هاڻ اچي هَمدَمُ پرت پُڪارئي پيارا پيئي.

مصرع:

1۔ بنا ناٿي ڳِڊلُ هِن ٻانهي تي تون ڪر ڪو رحمُ ڪرَمُ
پرت پُڪارئي پيارا پيئي.

2۔ ٻئي جو در مون ڪين ڏٺو آ، ڪِيڊ دلبر دل مان وَهَمُ
پرت پُڪارئي پيارا پيئي.

3۔ برهَ سنڌئي آهن باهيون ٻاريون قاتي نه پئي سو ٻمُ
پرت پُڪارئي پيارا پيئي.

4۔ قاتو ٻمُ جي سوين ٺي ساڙيندو ڪندو ڪي حياتيون ختم
پرت پُڪارئي پيارا پيئي.

5۔ ماسُ هڏن تان ڳريو ويو وڃي جسم تي رهيو آ چَمُ
پرت پُڪارئي پيارا پيئي.

6۔ ڦٽَ فراقَ جا چِڪَن پُراڻا، اچي تن تي رکُ مرهم
پرت پُڪارئي پيارا پيئي.

7۔ وائي تنهنجي وات ۾ آهي ٻيو ڪوبه نه آهي ڪمُ
پرت پُڪارئي پيارا پيئي.

8ـ ڳنَ ٽارَ نہ ڪر تون ڪنهن پر ڪاملَ، منهنجي اُلفت اٿئي اَهَمُ،
پرت پُڪارئي پيارا پيئي.

9ـ وينو مليندين هٿ افسوس جا، جو هاڻ ٿو نڪري ٽمُ،
پرت پُڪارئي پيارا پيئي.

10ـ سهڻلُ سُڻو ٿئي جِيئري اچي ملُ، پري قرب جو يار قَدَمُ،
پرت پُڪارئي پيارا پيئي.

11ـ ٺڪرائج نہ تون خلوص مُحبتَ، رَکُ تن جو پلارا پِرَمُ،
پرت پُڪارئي پيارا پيئي.

12ـ ويندس مان هي ناتو نيائي، سهي سڀ تنهنجو ستمُ،
پرت پُڪارئي پيارا پيئي.

13ـ ميار پين جي ڪان تون لڪي، اچ "مائلُ" وٽ مُبَهَمُ،
پرت پُڪارئي پيارا پيئي.

⊙

1 صفر 1395هـ/13ـ فيبروري، 11 بجہ ڏينهن خميس، سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچي

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل: مون سان پيچ پرور پر ت مان هئي پاتو رهجي اڇي شل اهو نينهن ناتو.

مصرع:

1۔ عشق ۽ حسن جي ڪيڏيئي راند اهڙي عشق کي اُتم ڪيئي رکي رمز ڪهڙي
يجي ڪين پڙَ مان نہ تہ چون ها ڪاتو.

2۔ ڏسڻ ۾ تہ ظاهر مڙن کي هو معلوم، آهي عشق لازم ٿيو حُسن ملزُوم،
انهي ئي ڪري عشق حُسن لاءِ آتو.

3۔ حُسَن تي حرفُ بيوفائي جو آهي عشقُ باوفا ڪيئي سونا تو نِيائي
اِهو جاڻ توئي آهي پاڻ جاتو.

4۔ اڇي عشق مان ڪيئي مظهر هي مولا، ڪيئي حُسنُ پيدا آئينو اِنهي لا،
ڏسين عڪسُ اُنَ ۾ پيو ڏينهان راتو.

5۔ حيرت انهي ۾ هَڙَئي آهن حيران، جِن و مَلڪَ پڻ ۽ انسان،
بيرنگ رنگ ۾ تو رنگ ڪيئن لاتو.

6۔ ڪيئي مونکي ٻانهو ٿئين تون ئي مولا، انهي ئي وصف ۾ رکئي رَمز اعليٰ،
اِهو ويسُ پاٺهي پاڻ ئي هُئئي تہ پاتو.

7۔ ٿئين پاڻ ڏي پنهنجي مولا تون "مائلُ"، ۽ قدرت سان ويئين حاوي تي حائل،
سَندوئي شان شاهي هي آهي شاناتو.

⊙

---

1 صفر 1395هجري 1970ع 07_13، خميس رات 11 بجہ بنگلو نمبر 12 محمد علي سوسائٽي ڪراچي

## ڪافي (سُر ڪلنگڙو)

ٽل: تنهنجي برهہ ڪيو بيمار مٺا،
نٿو توريءَ وٺي سنسارُ مٺا.

مصرع:

1۔ رُڳي تنهنجي طلب ۽ تات اٿم،
لڳي لُنئن لُنئن ۾ اها لات اٿم،
اِنهي لَنئُن ئي ڪيس لاچار مٺا.

2۔ نٿي ڪنهن جي دوا ۽ دارون هلي،
ڇُڪي هاڻ پلا چو ڪيڏانهن چلي،
ڪر مهر مان منڙا پنهنجي بِلي،
مُئي هاڻ مزيد نہ مار مٺا.

3۔ منهنجي ساھہ ۽ سِرَ جو تون ئي ڌڻي،
تِيسَ تنهنجي پريت ۾ پيارا پٽي،
پرين پورهيت تي ڏي پَلو ڪٽي،
مون لءِ سائين بہ تون ستّار مٺا.

4۔ تولاءِ سختيون سوين ئي سرتي سَٺيم،
ڪڏهن ڪين هٽايم تن ڪان قدم،
پلو آهين پلارا رکج ڀَرم،
جڏي هاڻ ڪٺي هي جيار مٺا.

5۔ پرين پورهيت سان ڪر سرداري،
آهيان توريَ لالڻ لاچاري،
ڪر نوري نظر ڪا تون نياري،
نہ تہ بلڪل آهيان بيڪار مٺا.

6۔ ميڙيون "مائلُ" جون منج نامِ خدا،
بيمارن لءِ تون آهين شفا،
ريجھي رانجھن پؤ تيون پاڻ ڪنا،
ڪري قرب ڪري واڳون وار مٺا.

⊙

10 رمضان المبارڪ 1391هجري/5 نومبر 1971ع، جمع وقت 12 بجہ ڏينهن، ڪراچي

## ڪافي (سُرُ تِلنگ)

ٿل: وڇڙو اٿئي وچ هاڻ يار
ڪين ڪندس توسان دل جون ڳالهيون

مصرع:

1_ پنهنجي پاڻ سان حالُ ونڊيندس،
رازُ نہ دل جو توکي ڏيندس،
ڪائي نہ ڪيان خبر چار
نينهن جون جيڪي هو يار نراليون.

2_ لوڪ لکا ڪين وجهنديون هاڻي،
پيئنديون رهنديون پنهنجو پاڻي،
ظاهر نہ رُئنديون زارَ
پرت اکيون آهن اهڙيون پاتيون.

3_ سُورَ سليندسُ ڪين ڪي توسان،
اثر وٺي متان ٿين نہ پشيمان،
بره جا ڏيئين ڪيئن بار
روئي اکن جون نہ لڳنئي چاليون.

4_ احساسُ ٿيئي متان پنهنجي ڪِئي جو
قياسُ نہ پيئي جو محبت مُئي جو
اصل نہ ڪيان اظهار
هاڻئي ٿئي ونڊيئي نہ تہ هٿ بي حالتون.

5ـ باھ برهَہ جي متان لالڻ لَهساتي،
دردن ڏونهون پيٽو ٻُوساتي،
دمُ نہ وجهي ڪري ڏار،
جسم ۾ رهنديئي ڪين لاليون.

6ـ تو نہ سُڃاتي ”مائلُ“ جي محبت،
عشق منهنجي کي آئي آهي غيرت،
پاڻ کي ڏيندس پيار،
تنهنجو ڏنيون تم مڙئي چاليون.

⊙

9ـ صفر 1395 هجري 1970ع 06ـ21 جمع جي شام 07:40، بنگلو نمبر 3 سول لائينز حيدرآباد

## ڪافي (سُر تِلنگ)

ٿل: ڏاڍا خوش خالق سان پيا گڏ گذاريون، تي هڪ وياسون، ڪنهن ڏي نهاريون.

مصرع:

1۔ الله سائين ڪيو آهي پنهنجي حوالي سنلم سڪ محبت سوئي خود سنڀالي ڪيل قول پهريون سو پنهنجو پيا پاريون.

2۔ اصل ڪان سنلس ئي هُئس آئون ملڪيت، ڪري پيار پاڻئي ڏنئين مستي محبت، ڪيئين پاڻ پنهنجو هُئس ڪين ڏاريون.

3۔ آيو اُفق اهڙو عشق جو اندر تي چڙهي ڪونہ ڪنهن وقت شفق ٿو نظر تي سدا ڏينهن سمجهان توڙي راتيون ڪاريون.

4۔ هن ڪان اڳي هو مونکي هي نہ معلوم، تہ پاليئين پي منهنجي محبت هوءَ معصوم، ڪريان تڏهن ڪيئي پيو انگل آريون.

5۔ آهي عشق منهنجو آئون هن جي محبت، مونکي ڪيئين آئينو ڏسي تنهن ۾ صورت، انهي طرح هڪبئي ۾ نر تئون نهاريون.

6۔ چوان فاذڪروني اذڪرڪم چئي ٿو نہ خالي انهي ڪان ڪو دَمُ ٿئي ٿو اينهين هڪبئي کي سدائين پيا ساريون.

7_ اچي عشق مان ڪا پيس پاجهہ اهڙي ٻڌائي سگهان ڪين ڪيان ڳالهہ ڪهڙي
آهن برهہ بخشيون اِهي سڀ بهاريون.

8_ سنڌس آئون "مائلُ" مون پر هُوئي مولا، ڪيان هاڻ ڪنهنجي نہ ڪاريار ڳولا،
ڪيون ايڏيون سائينءَ مون سان ستاريون.

⊙

9_ صفر 1395هجري 1975ع_02_21، جمع شام حيدرآباد سول لائينز بنگلہ نمبر 15_8

## ڪافي (سُرُ پيرو ي)

ٿل: سوا وَرَ جي سرتيون ايندس ڪانہ موٽي، عشق آهي آريَ جي ڪئي دل ۾ چوٽي.

مصرع:

1۔ مدد هُوندَ منهنجي اوهين پاڻ ڪريو سو وِهَڻ لاءِ ويتر چو ٿيون زورَ پريو
اوهان جي تي سمجهان آهي نيت کوٽي.

2۔ آهيان آئون انهي جي پي جي نہ ٿيندس اوهان جي چوڻ تي اصل ڪين وهندس
لڄايان نہ محبت ناهيان لُوني لَوٽي.

3۔ هُيس پنهنجي دل تي خبر ڪانہ پيئي، ڪري دوکو مون سان ويندا وَرَ ڪي نيئي،
ڪري ڏير ويڙا پاڄائي سان چوٽي.

4۔ سمجهيئون پنهل ڪي تہ آهي ڏوهاري، ننگائتا نہ ٿيڙا ڪيئون ڪاري واري،
تڏهن ويا ولهَي سان وجهي هو وچوٽي.

5۔ نِڪاح مون نِڌَر جو هو قسمت ڪرايو اِهو پيچُ قدرت اسان کي پارايو
پُنهُون نہ تہ ڪٿي جو آئون ڪنهن جي پوٽي.

6۔ يَڪي ساهي هاٿي ويندس آئون ور ڏي، انشاءالله ڪاٿي سيئي وَرَ وِندُر ڪي،
ڳول گهوٽ جي مان پيرن جي گهَوٽي.

7_ وارائڻ لاءِ وَرَ جي ڪندس هرڪو حيلو مهجُوري جو مالڪُ ڪرائيندو ميلو
اتم جنگ جبلَ سان جوشن سارڻُ جوتي.

8_ آهيان جنهنجي ”مائلُ“ اهو نيٺ ملندو پُڪارون پورهيت جرن سُٺي ساٿي تيندو
جنهن جي گوندر آه دل منهنجي گهوٽي.

⊙

14 صفر 1395هجري 1975ع 25_02، اربع رات 07:15، بنگلو D_12 محمد علي سوسائٽي ڪراچي

## ڪافي (سُرُ سنڌڙو)

ٿل: هلڻ هوت ڏي تي مان حُبَّ مان هوڪاري پهچنديس پُنهل ڪي سيئي ڏونگر ڏاري

مصرع:

1۔ اَتوَ جي نہ هلڻو نہ جهليو ڪيمَ جيڏيُون،
وِهان ڪينَ هرگزِ جهلُون پايون ڪيڏيون،
وِيو وَرُ ولهيَ ڪان وِهان ڪنهن سهاري

2۔ هُيَسِ جنهن سان منسوبُ وِيَس تنهن ڪان وِڇڙي،
اوهان جي نہ هلنديون هلي وينديس هڪڙي،
سچي سائي سمجهان جا پت پنهنجي پاري

3۔ مناسب اَتوَ ڪينَ ڏکن ڏيڻ مهڻا،
سُوريتيَ تہ سيئي آهن هُن لءِ سَهڻا،
پوي تي ڪا اِنَ مان اوهان هَڙَ پناري

4۔ سبب مونکي ڪُوڙا ڏيو خوفَ ڪيئي،
اوهان جي يلا آهہ ڪهڙي هَڙَ ويئي،
مونکي وَرُ تہ ويو آ جيئري ئي ماري

5۔ آهيان جنهن جي "مائلُ" انهي وَرَ ڏي وينديس،
ڪندو الله ان کي لُونيون ڳولي لهندس،
اميد آهي ايندمُ پاٽا واڳ واري

⊙

18 اپريل 1975ع سپر هاءِ وي 8:30 صبح جمع، حيدرآباد کان ڪراچي ويندي بس ۾.

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿلُ: پنهنجي ٻَرَ ڪي وچي مان ورائيندي، حيلو هر ڪو هُنَ لءِ هلائيندي.

مصرع:

1۔ اوهين پاڻ مدد هوند منهنجي ڪريو سو جانب ڪان مونکي چوٽيون جهليو
جي پلٽو آتو وچي پاڻ پليو مان تہ پُٺي پُنهل جي ڪاهيندي.

2۔ هتي ڪين وهان توڙي چا بہ ڪيو مون کي نيهن تہ هُن جي نهوڙي نيو
ڏُک ڏونگر جا ڪٽي ڪيڏا ڏسيو ٻجي تَن ڪان نہ پاڻ هٽائيندي.

3۔ جي وَرَ ڏي ويندي مان وِيَس مري تہ بہ سرتيون اها مونکي سوڀ سري
پر واٽ تان ايندس ڪانہ وري پنهنجي محبت ڪانہ لجائيندي.

4۔ مون پوريَ سان نہ بهانا ڪيو پلا ڳالهہ سچي ڪٽي مون کي ڏسيو
مون ڳُجُ تہ اوهان جو ڪونہ نيو اِهو تورو اوهان جو ڳائيندي.

5۔ سختيون سور سيئي سرتي سهي ويندي ڪيچ ڏي هاڻي قربئون ڪهي
پنهنجي محب کي "مائلُ" لوچي لهي ساري سور سجڻ کي سڻائيندي.

⊙

## ڪافي (سُرُ تِلنگ)

ٿل: مون کي مٺي محبت ڏجئين ڏيڻ وارا
تنهنجي مهرباني.
ڪِنَنِ سان ڪرم تون سدا ڪرڻ وارا
تنهنجي مهرباني.

مصرع:

1ـ پَلئہ ڏٺي پرت مان پيارين پِيا ڳنِ،
پياريا تو بازِيي ڪئين پِيڙَڻ وارا،
تنهنجي مهرباني.

2ـ صدائون سُٽي اڄ پياسيَ پيارج،
ميڙيُون هي منهنجون مجين مجڻ وارا،
تنهنجي مهرباني.

3ـ بخش ڪم بُرائيُون نظر نيڪ سان تون،
منهنجي عيبن کي ڍَڪين ڍَڪڻ وارا،
تنهنجي مهرباني.

4ـ تمنائون دل جو ٿين يار پوريون،
سگهو "مائلُ" ڏي متا ملَڻَ وارا،
تنهنجي مهرباني.

⊙

## ڪافي (سُرُ تِلنگُ)

ٿل: سڏڙا سُڻي وَرُ پنهل يار، پورهيت توکي پيئي پڪاري

مصرع:

1۔ ڏونگر ڏاڍو ڏکيو آهي ٻانهن ٻيلي هِتِ مُئي جو ناهي
توريَ ڪريان ڪنهن ڳوڪارَ پيارا پرين اچ واڳڙيون واري

2۔ توڏي اڇڻ جون راهون نهاريم، راهَ فقط هتِ هڪڙي آيم،
تنهن ۾ به وَرَ ٿيا هوت هزار، هيٺيَ کي رسُ هارڻ هوڪاري

3۔ نرملَ بلڪل آهيان نَوِيلي پيئي پُڪاريان بَرَ ۾ اڪيلي
ساٿي سگهو ٿي تون سردار، هارڻ وڃوڙو ڏيلُ تو ڏاري

4۔ چارو چُڪيَ جو ڪونہ چَلي تو حِيلو هَرگِز ڪونہ هلي تو
موت "مائلُ" جا مهندار ويهُ مَ وِلهي کي وَرَ تون وساري

⊙

22 جولاءِ 1962ع هالا شريف

## ڪافي (سُرُ پيلو)

ٿل: ڪر قرب ڪريون پرين پيار نوان، ٿَنَ جون تندون ٽِيَن سُهڻَل سائيُون.

مصرع:

1- ناتو نيهن لڳل توسان الستئون آهي اڄڪلهه جو هي يارَ ڪو ناهي
تو ڳالهه اُها پهرين ياد ڏيان، طلبون اڄن اُهي ڏاڍو تايون.

2- وئي اڌُ عُمِر ڪائي جانبَ جدائي باقي به گذري وينديِ آجائي،
تو صافُ سچي دِلدار چوان نينهن پنهنجو اڄ پاڻ نيائيُون.

3- مند مِينهَن جي آئي آهي موتي، جذباتن سان تنهن جنگ آهي جوتي،
تو توکي ساريو دلدار جِيان آڄُ تون سِکهو ٽِيَن سيئي سڻائيُون.

4- ماڻهن مهڻن سان ڪينَ گهٽايو جيئڻ ئي تو آهي منهنڙو مَٽايو
سي سيئي سِرَ تي يارَ سَهان ميٺِ اڃي منهنجو لالڻَ لائيُون.

5- پيمانَ پرت اڃي پاڻ پيارج، جذبا جهونا جاني جيارج،
پيو پاڻ پنهنجي مان پاڻ پيان وسري وڃن مون ڪان پيون سڀ وائيُون.

6- مثال دنيا لءِ چڏيون محبت، اهڙي ڪريون وري پيارا اُلفت،
ياد پيا ڪن پنيان پويان محب محبّت کي اهڙو ملهائيُون.

7- محوُ محبت رَهان "مائِلُ" مُدامي دل ۾ زبان ڪري جاني جاني
پيو پاڻ ۾ توکي مان پاڻ پَسان پيارُ اهڙو پنهنجي پاڻ ۾ پائيُون

⊙

28 آڪٽوبر 1976ع، 11:45 چنڇر رات، D_12 محمد علي سوسائٽي، ڪراچي

## ڪافي (سُرُ لوڙائو)

ٿل: جهاڳيندیس جبل کي جوش ساڻ جيڏيون اصل ڪين وهنديس ڪريو منٿون ڪيڏيون

مصرع:

1ـ جي هلڻو آٿو سچ پلا ڪوشہ نہ ڪريو بهانا پوريءَ کي ڏيو ڇا لءِ وريو
وقت ڇو وڃايو اوهين رُليُون ريڏيُون

2ـ تکي ڊوڙ پائي يڪي ساهي وينديس جيسين نہ ملنديس تيسين ڪين وهنديس
پٿون پير ٿِين يا پلي لڳن پيڏيُون

3ـ نڪاح مون نڌر سان پُنهل جو هو پيڙو اکن نارُ آري جدا جِتَن ڪيڙو
دولابِ دوکن جون اٿن رانديُون ڪيڏيون

4ـ ڇا گُذري پئي مون تي ڇئي ڇا ٻڌايان قسمُ آ خدا جو پنهنجي وَس ۾ ناهيان
پُنهل آهي جيڏو آهن طلبُون تيڏيُون

5ـ جواب مون کي جڏهن ڏنو مڙني غضون تہ بہ رڙهنديس روحئون سندي ڪيچ راهُنُ
ڪٽي محبُ "مائلُ" جو ڪري ويڙا هيڏيُون

⊙

18 اپريل 1975ع 8:30 صبح جمع، سپر هاءِ وي، حيدرآباد کان ڪراچي ويندي بس ۾.

## ڪافي (سُرُ مانجهہ)

ٿل: ڪاهي ڪيچ ڏٺي ڏي ويندس ڙي، هت مُورُ گهڙي ڪين وهندس ڙي

مصرع:

1- ڪري جت ويا مون کان جاني جدا، ناهي چينُ ڪو دل کي جاٺي خدا،
سرتيون ساهہ ڪري آئون اُن تان فدا، حيلو هرڪو هلائي ويندس ڙي

2- سمهي سيجَ رهيس هٿان منهنجي پئي، نہ تہ ڪيئن وڃن ها هوت نئي
پاٺهي پاڻ سان ڪيم مون سان ڪنهن نہ ڪئي، آئون ڏهہ نہ ڪنهن کي ڏيندس
ڙي

3- جڏهن جاڳڻ مون کان ڪينَ پُنو تڏهن آبَ اکِن اَڄُ آهي رُنو
ڏسُ ڏونگر جي مونکي ڏِنو ڪيهون ڪوهفن ۾ پئي ڪندس ڙي

4- پنهنجي ڪوهيارل ڏي ڪهنديس مان وري وات تان ڪينَ ڪي ورنديس مان،
ساري سور سڄڻ سان سلنديس مان، پنهنجي محب ”مائلُ“ ملنديس ڙي

⊙

25 اپريل 1962ع، هالا شريف

## ڪافي (سُرُ ڪوهياري)

ٿل: وَرُ سِگهو تون وَرُ "الا"، تيءُ ڀنڀوري ڀَرُ ميان،
ڀاروچل ڀاڪاريان.

مصرع:

1۔ ڪونهي ڪوهيارل ڪيچ ڏٺي، ابوجهيَ آڏرِ ميان،
ڀاروچل ڀاڪاريان.

2۔ هاڻ سگهو رس حُبَ ۾ ڏکيو آ ڏونگرُ ميان،
ڀاروچل ڀاڪاريان.

3۔ آهي آرياڻي آن سندو اندرُ منجهه اُبِرُ ميان،
ڀاروچل ڀاڪاريان.

4۔ ڪاملَ ڏٺي ڪيچ جا، رِڻَ ۾ تي رَهبرُ ميان،
ڀاروچل ڀاڪاريان.

5۔ "مائلَ" سان تون مِلُ اچي، پنهنجو سُجاڻي ڪُرُ ميان،
ڀاروچل ڀاڪاريان.

⊙

## ڪافي (سُرُ لوڙائو)

ٿل: اُميد آهي لهنديس وچي لڙ ڪي ووڙي، اديون عشق آري جو ويو اٿم وڪوڙي

مصرع:

1- پُڇيوَ جي پلائي ڪريو مدد مونسان، نہ تہ بہ جهليو ڪيم جيڏيون وَرَ ڏي وڃڻ ڪان
ڏاڍي تائي آهيان وَرَ جي وڇوڙي.

2- ڪيان ڳالهہ ڪهڙي ڇا گذري ٿي مون تي، پتو پو پوڻو جي گذري اوهان تي،
ويو نينهن ان جو نِڏر ڪي نهوڙي

3- نہ آهيان لُوڻي، جو محبت لڇايان، انهي ئي ڪري پئي پُني پنهل ڪاهيان،
پلي سور سنڌُ سنڌُ ڇڻن مون اُلوڙي

4- مُيس جي ويندي وات تہ بہ پهتيس پُنهون کي، ڪنهن پر ڪانهي ميارَ ڪا اوهانتي
لکين مون کي مهڻا ڏِيو طعنا توڙي

5- پُڪارُون پورهيت جون سُڻي ساڻي تيندو، مهجوري "مائلَ" وٽ پنهون پاڻهي ايندو
سچو حال چونديس جيڏيون تنهن کي جوڙي

⊙

---

14 صفر 1395هجري/26 فيبروري 1975ع 07:45 خميس جي رات ڪراچي کان حيدرآباد سپر هاءِ وي بس ۾.

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل:

وڏي شوق سان پئي ٿئي منهنجي شادي الله سائين ڪندو هيءَ شادي آبادي

مصرع:

1- پرينءَ پيار اهڙا ڪيا آهن مونسان سيڪنهن سان سائي ڪيان ڳالهه سِڪَ مان
هلي پاڻ مون وٽ آيو آهي هادي

2- سرور نوح جو سو سُجاده نشين آ، محبت مان مون وٽ ٿيو اچ مڪين آ،
هالن ۾ ٿي آهي گوهَر تَنهنجي گادي

3- هٿن سان اچي موڙون محبّت ٻڌائون سَر گشتُ سِڪَ جو قربئون ڪرايئون
محبّت جي ڏياريائون هي مُلڪن مَنادي

4- سو مولا جو طالب چڙ آيو پٽن سان اهو هڪ ٿو سمجهان رهيو اتم مٿن مان
انهن جي دُعا سان آئون ٿيندس اولادي

5- مهرباني مرشد ڪئي ايڏي مون تي، ٿو يار سمجها ڪيئين ڪنهن ٻئي تي
وَسايئين وحدت سان منهنجي دل جي وادي

6- ڏنئين جاءِ اهڙي پنهنجي دل ۾ مون کي، خبر ڪين آهي ناهي ڳَلَ ڳهين کي
عشق پنهنجو دل ۾ ڏنئين اِنفرادي

7- مِٺڙي مِٺڙن مونکي ڏنيون لالن لاٿون تنهن ڪيفيت جي ڪهڙي ڪيان ڳالهه آئون
پُڄايئون پرت مان منهنجي مَنَ مُرادي

8- ڪيائون نينهن سان نيٺ منهنجي نيڪيٽي روحاني رمزن سان جهين دلڙي ريٽي
رحمت ساڻ ربّ جي وسي وِرهه مُرادي

9- مان مسڪين "مائلُ" هُئس ڪنهن نه جيڏو آهي پاڻ جيڏو ڪيئين ڪرمُ تيڏو
قبوليو جهين جي عشق ۾ استادي

⊙

---

28 فيبروري 1975ع هالا شريف ڪريم ڏنه چنه جي جاءِ اتاس بنگلي ۾ پوري ٿي.
نوٽ: 10 ڊسمبر 1975ع تي شادي ٿي، ليڪن ڪافي اڳواٽ بي اختيار لڪجي وئي ۽ ٿيو به ائين ٿي. جيڪا مون پاڻ ڳائي هئي جو ان وقت منهنجو آواز تمام سريلو هو. جنهن استاد محمد جمن مرحوم باجو وڄايو ۽ الهرکيو ميراثي ڍولڪ تي هو.

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل:

جِي ا، جِئي پئي، جئندي سدا سنڌ، رکي شاد آباد اسان جي خدا سنڌ.

مصرع:

1- الله سائين ان کي رکيو آ سلامت، اَبَدَ کان اَمُن ۾ تائين قيامت،
مخالفتن جو مولا سدا، ساڙيو سَنڌُ سَنڌُ.

2- نِرمل نوح رحہ قلندر ۽ جنهن ۾ پٿائي، آهن بيا بہ تِن ۾ ڪئين اوليائي،
پرت مان ڏيکاريو پرور جو جِن پَنڌُ.

3- سِنڌِ ڪئي سين سان مهمان نوازي، خدمت خلوص ۾ ڪنيئون هي بازي،
ڪٽي ڪين تڏهن کو تَن آڏو ٿو ڪنڌ.

4- سچاڻن ٿا جنهن کي مڙئي مسلمان، دنيا سڄيءَ جا، فقط نہ آ پاڪستان،
سا ٿي بَابُ اسلامُ اصلَ کان آهي سنڌ.

5- ٿين جي ڪي هن جا اڳي پوءِ دشمن، ٻڌن سي ٿي کولي پنهنجا هاڻ سڀ ڪَنَ،
ڪري ڪجھ نہ سگهندا اکين تي اٿن انڌُ.

6- صَدِنِ کان سا سنڌڙي رکي داتا دائم، ڪَرم ساڻ قادر ڪيو اٿس قائم،
وَسايو آ واحد تنهنجو هرڪوئي هنڌُ.

7- جِئي "مائل" محافظ جنهنجو آ مولا، تهين کي ڪندا ڇا رُلين جا هي رولا،
اجائي هو پنهنجي وڃائن پيا وِنڌُ.

⊙

2 مارچ 1975ع، آچر صبح هاءِ اسڪول هالا جي هيڊماستر الحاج شفيع محمد ڪپري صاحب ايس.ڊي.او ميل هالا وٽ سندس رهائشگاهہ تي لکي وئي.

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل: تو نہ ڪيو جي درد جو دارون،
پاڻ ئي تي پنهنجو درمانُ.

مصرع:

1۔ انهي ڪري اٿئي مون کي وساريو
محبت جو نہ سڃاتُئي مانُ.

2۔ دلڙي پلڙَ تان دلبر ٿيان ڪيئن،
حيرت ۾ پيلا آئون حيرانُ.

3۔ پيار کي پاپُ جي تو آ سمجهيو
اُنَ جو ڪيا مان ڇو ارمانُ.

4۔ منهنجي محبت توسان سچي آ،
ناهي جنهن کي ڪو نقصانُ.

5۔ سچ جي بيڙي لڏندي آهي،
ٻڏندي نہ جو ٿَس ٿرب ڪپتان.

6۔ پيار ڪرڻ سچو سولو هجي ها،
تہ عشق ڪري ها هر انسانُ.

7۔ پاڻ کي پيچُ بہ اللهؔ ئي پارايو
بي صورت ۾ هو نہ امڪانُ.

8ـ ماٺِ مُئِي آ، مِٺي ماٺِ آهي،
وِرهُہ نہ ڪنهن پِرِ ڪري ويران.

9ـ الله سائين دلين جو مالڪُ آهي،
سيڪي ڏسي پيو سو سبحانُ.

10ـ عشق سچو چئبو ان کي آهي،
نيڪ نيت جو جنهن ۾ نيشانُ.

11ـ ڏوهہ فقط تنهنجو يار ڪيم هيءُ،
طلب سَندُئي جو چيڙيمُ تانَ.

12ـ دل تي گهُريئي چا چا ٿئي ڪيو تنهن سان،
درد تهين جو وڏو داستان.

13ـ من ۾ محبت سِڪَ ئي سَمائِي،
اُلفت سچي کي مليم آمانُ.

14ـ تون جي وَئين تہ بہ محفوظ محبت،
ڳايان تڏهن تو تي مان ڀانُ.

15ـ تون جي جدا ٿئين جِي پونداسون،
رُوحُ ۾ گڏ هُو آهي رَحِمانُ.

16ـ تو جي چڏيو تہ هٿن تي ڪٽي ويو
نِرمل نوح فقير مهربانُ.

17ـ اصُل ڪان آهيون ان جي پناري،
اَڪِمَلَ تنهنجي اچي ڏنم امانُ.

18ـ قُلبُ هي قرب سان هردم پڙهي پيو،
قادر جو هو ڪريم قرآنُ.

19ـ "مائل" ڪي ڏنو محبّت سان تنهن،
ڪرمُ نظر ڪري مٿانهون مانُ.

⊙

19 صفر 1395هجري/13 مارچ 1975ع ـ خميس جي ڏينهن مصري فقير جي جاءِ تي حيدرآباد.

نوٽ: مرشد سائين طالب الموليٰ جن جي ناراض ٿيڻ تي بي اختيار لکجي ويو انهن سان منسوب آهي.

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل:

محبّت مان مرشد ڏنو پنهنجو مَشِرَبُ، رستي اِنهيءَ تي ڏنوسون وچي ربّ.

مصرع:

1- چئي لا اِلٰهَ اِلاّ اللّٰهُ ڪيم دست بيعت، مُحَمّد رَسُولُ الله سان وڌي وڌي محبّت،
دم دم سان چئي پيو قلب ڪلمو طَيّبُ.

2- ڏني مونکي ساڃاهہ جي هاديَ هدايت، اتم هر ڪهين لاءِ مَنَ ۾ محبّتَ،
مڃيو ٿم مُحّمَد جو دل سان مذهبُ.

3- ڏنئين پردو پرتئون شريعت جو شاهي، قلبئون قبوليم سو دينُ اِلاهي،
مشرق کان پهتو وڃي هو جو مغربُ.

4- طريقت، حقيقت، معرفت ملياسون، اڃا پڻ اڳي گم وحدت ۾ ٿياسون،
ڏسان قلبَ ڪعبي ۾ وَنحَنُ اَقرَبُ.

5- هُنَالِڪَ الوِلاَيَةُ لِلّٰهِ الحَقُ سو مالڪ ڪُلَ جو آهي جَلاَله جِي،
”مائلَ“ کي مليو سو سائين سڀ جو صاحبُ.

⊙

14 مارچ 1975ع، حيدرآباد

## ڪافي (سُرُ لوڙائو)

ٿل: عشق تہ پاڪ آهي ذات، تخليق ڪائنات جي جنهن ئي ڪرائي.

مصرع:

1- مُحَمّدﷺ پيدا پهرين ڪرايئين نُورَ تهين مان جهان جوڙايئين،
انسانَ جي الله کي صفات پسند ڪرائي تنهن خلقائي.

2- عشق اصل کان ئي آهي اعليٰ پهرين ڪيو آهي پاڻ ئي مولا،
ڏاتَرَ ڪيُسِ وڏي ذاتِ الله وارن وٽ الستئون آئي.

3- مظهرُ جنهن جي مَنَ ۾ ڪري تو ڏيل ۾ ڏاتَرَ سوئي ڏسي ٿو
هردم دليئُون، واتِ سوئي حق جي واري وائي.

4- ڏاڍ نہ تنهن ۾ ڪوئي آهي سراسر محبّت سوئي آهي،
قرآن جي منجھ آيات ڪتي نہ لکيل اهڙي ڳالھ آ ڪائي.

5- گهر ٽڙَ ڪڏهن ڪين نہ وساري پاٽا وسريلَ ياد ڏياري،
منجهس طلب رڳي تاتِ هن ۾ سچي رڳو سِڪَ سمائي.

6- اول منزل سِڪَ آهن جي آخر منزل نياڻ تنهنجي،
ڪري مقابلو هر حالات ڏُکن سُکَن سان تنهن ئي نيائي.

7- عشق اڇڻ جي مُند ئي ناهي ڪنهن بہ وقت هو ايندو آ ڪاهي،
جيسين انسان حياتِ پر پهرين ايندي آ ان جي پاڪائي.

8- هُن جي اڇڻ سان قلبي قُوتون سواءِ محبّت ختم ٿين پيون،
هِنَ وٽ هڪڙي ئي لات نڪربو وڃي ٿي ٻي سپ پِيائي.

9- امتحان عاشقن تي ايندا آهن پرکڻ لاءِ پر ڏاڍَ سي ناهن،
ڪئين سِرَ آڏيَ ۾ ڪات ڪِن ٿي قبولي محبت مَرڪائي.

10- آزمائش انهي ڪري آهي ايندي سچي محبّت تن جي آ هوندي،
اُلفت تن جي اثرات ثابت قدمي بين سِکائي.

11- مقصد جنهن لاءِ هِتِ ماڻهو آيو شال ٿئي سو سانگ سجايو
فضول پيا فڪرات هڪمر چڏي وتو صاف سچائي.

12- مُحَمّدؐ جنهن محبوب بنايو تِڪو ڏاڍائي تنهن نہ لايو
اهڙا الزامات تنهن تي ڏيڻ ڪا ناهي چڱائِي.

13- عشق ڪاملُ چئبو اُن کي آهي ربّ سان جيڪو پانهُو مِلائي
انکي نہ چئبو آفات هر ڪيفيت هن جي رڳو آ پلائي.

14- عشق سچو يارو الله جو آهي سندرو ٻڌو تنهن لئہ سِڪ جو ساهي،
باقي بي سڀ بات عُمِر وڃائڻ آهي سجائي.

15- عشق سچو جنهن کي آهي لڳندو محبت ۾ سو ماڻهو آ مچندو
تنهن قلب ۾ قرب قراءت اصل نہ پڙهندو بي ڪا وائي

16- اڻانگو ان کي ڪيئن چون ٿا خبر ناهي ڇا سمجهن ٿا،
هيهات، هيهات، شايد تن وٽ ناهي سچائي.

17- فطرت جنهن جي "مائلَ" محبت ڪيئن سو سمجهيئون آهي هيَ حيرت،
جو قادرُ ڪُلَ ڪائنات پرور تنهن وٽان ٿيو پيدائي.

⊙

17- مارچ 1975ع هالا

## ڪافي (سُرُ تِلنگ)

ٿل: عشق ڪيو انجنيرُ، محبت واري ماپ ڪرڻ لءِ

مصرع:

1- ريگيوليٽرَ رُوحِي ڪنٽرولُ ڪيون ٿا، گيجُ گوندرَ سيڪنڊُ سيڪنڊُ ڏسون ٿا،
پرتِ پاڻي نہ وڃايون پاءُ سيرُ، ڏنئين ڊيوٽي اسان کي اُن جي ورهائڻ لءِ

2- پيار پِچِنگِ برھ بندنِ تي ڪرايون، جو چرڳن چوليون وجن ٿيون تِن کي ڪايون،
تن پائِڻ پائي جنهن وير، تدبيرون ڪيون تنهن جي رُخ ڦيرڻ لءِ

3- جنهن دل درياءَ اچي اُلفت آب ڪلاني، اُنَ بِرھَ بندنِ تي وجيو ٿيون ٿا مڪاني،
ڪٽِ بيهون نہ ڪوئي پيرُ، بچاءَ ڏيون بندَ تنهن کي بَڌڻ لءِ

4- عشق اسڪيمون آهن اهڙيون پڙهايون، مَٽِپ پلين محبت ٿاهو ڪا ٿاهيون،
اينهين ٿاهي نہ سگهندو بيو ڪير، علم عطا ڪيئين جڳ جي جوڙڻ لءِ

5- محبت، محنت مِلي مولا کان "مائلَ"، حڪمت حشمت سان رهون حبّ تي حائِلَ
بيو اَيرُ نہ جاڻون پيرُ، عملُ ڪيون انسانَ ٿيڻ لءِ

⊙

23 اپريل 1975ع، حيدرآباد کان ويندي بس ۾ ميان جمال نوشهري فيروز وارو ۾ عبدالغني ميمڻ اسسٽنٽ انجنيئر روڊس وينل دڙي ضلع نئوبنهي جي وچ ۾ ويٺي لکيو ويو.

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل:
پيبو سورن کي رهبو دردن سان، نڪي ڳالهيون ڪبيون نڪي دانهون ڏبيون.

مصرع:
1- جڏهن پڌرڻ وارا ٿي ڪينهي ڪي، تڏهن سُورَ ونڊڻ لءِ اچن .ٿا سي،
ڏبو تن جي مُنهن مذڪورن سان، نڪي ڳالهيون ڪبيون نڪي دانهون ڏبيون.

2- جيڪي پنهنجا اچي سُورَ ٻڌائن ٿا، دل، ذهنن تان بار لاهن ٿا،
ڏبو ٿَنُ تِن تہ سمورن سان، نڪي ڳالهيون ڪبيون نڪي دانهون ڏبيون.

3- تڪليفون تِن جون سيئي پڌبيون، همدرديون هُنن سان ڏاڍيون ڪبيون،
تِن ٻارن جُوانن، جُهورن سان، نڪي ڳالهيون ڪبيون نڪي دانهون ڏبيون.

4- پنهنجي سورن جي سامَ پاڻ جهلبي، تڪليف نہ تن جي ڪنهن آڇبي،
ڪبو پيار پنهنجي پُورن سان، نڪي ڳالهيون ڪبيون نڪي دانهون ڏبيون.

5- جي هڪجهڙا ماڻهو سيئي هجن ها، تہ تڪليفون ڪنهن تي ڪين اچن ها،
ٿبو ڏک ۾ شامل رَنجُورن سان، نڪي ڳالهيون ڪبيون نڪي دانهون ڏبيون.

6- مُنهن پنهنجي ويڌَن کي پاڻ ڏبو، ڪنهن پَر بہ نہ ڪنهن ٻئي کي چئبو
نہ هلبو غلط دستورن سان، نڪي ڳالهيون ڪبيون نڪي دانهون ڏبيون.

7- سچي نيت خلوص سان ڪبي خدمت، وڏ ناهي انهي کان ٻي نعمت،
محتاج، سَڄَن، معذورن سان، نڪي ڳالهيون ڪبيون نڪي دانهون ڏبيون.

8- سچي حياتي پينَ لءِ وقف ڪبي، هي آهي قرآن ۾ حڪمُ ربّي،
ڪبي مدد مڙن مجبورن سان، نڪي ڳالهيون ڪبيون نڪي دانهون ڏبيون.

9- ڪري ڪم ڪُليئي قادرُ تومر پر تئي تو ذريعو ظاهر جو
تئي سَيڪي سندس منظورن سان، نڪي ڳالهيون ڪبيون نڪي دانهون ڏبيون.

10- رکي توّڪل ربّ تي حيلو ڪبو تہ الله سائين پاڻ وسيلو ٿيندو
پنهنجي پختن ارادن پورن سان، نڪي ڳالهيون ڪبيون نڪي دانهون ڏبيون.

11- نقارو نينهن وڄائي مَنَ ۾ مدامي، عشق جي عَلَم کي ڪبي سِڪَ مان سلامي،
رهبو عشق جي گڏڏ عاشورن سان، نڪي ڳالهيون ڪبيون نڪي دانهون ڏبيون.

12- مِثالُ محبّت چڏ اهڙو "مائلَ"، قربئون ٿِين تنهنجا ڪيئي قائِلَ
تون عاشق رهُہ خوش سورَنِ، نڪي ڳالهيون ڪبيون نڪي دانهون ڏبيون.

⊙

28 اپريل 1975ع، هالا

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل:

مرادون منهنجي من جون مولا پڄائين، مونکي محب منهنجو تون جيئري ملائين.

مصرع:

1- وئي قُرب ۾ جنهن جي دل آهي قاسي، رَهان هر گهڙي تو انهي لا اُداسي،
وري تنهن جون واحد واڳون ورائين.

2- سدائين تون وچڙيل ملائين تو مولا، ڪرين ڪم سين جا اي سائين تو سولا،
سندم عرض آڳا اِهو تون اگهائين.

3- ناهي ڪو بيو در وڃان ڪيڏانهن ڪاهي، سوا تنهنجي در جي ڪا بي واهه ناهي،
مهابي مُحمّدَ ﷺ سدا سُرڱ تون سائين.

4- هي "مائلُ" آ تو وٽ سباجها سوالي، ورائج نه تنهن کي دران پنهنجي خالي،
انهي کي تون بخشج لڱين توڙي لائين.

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل:

تنهنجي چال ڪئي آهيان چري ڙي چريءَ
تي جيئري آهيان مري جُهري ۽ مري

مصرع:

1- هَنيئي مست نظر جو وارُ ڀَريءَ دِل مَستي سان سرشار ڪريءَ
ٿئينِ پوءِ ڀَڄي تون يار پريءَ وري ويجهو نہ آئين يار وري

2- پڪ ڄاڻ پرين آئون تنهنجي آهيان، مون تي ٻاجهہ ڪريو آئون اَهنجي آهيان
ڪنهن طرح بہ ٻي ڪنهن جي نہ آهيان، سُٺي سمجهي نہ ڪر تون ڏار وري

3- بيٺي "مائلَ" ڪي ڏٿي ڏوراهون، ڪري ڪيئن تو آهون ۽ دانهُون
پرين پاهون آئين نہ پير پريءَ جو تنهنجي وڃي تي ڏار سَري

⊙

## ڪافي 32

ٿل: پيچ پاڳارا_ منهنجا هالن وارا
سرور سائين

مصرع:

1_ قلبن تي تنهنجا قائم آهن
قرب قرارا_ منهنجا هالن وار
سرور سائين.

2_ قدمن ۾ تنهنجي ڪوڙين آهن
ڪَلَنگِن وارا_ منهنجا هالن وارا
سرور سائين.

3_ مٿ نہ سنڌُءِ مورهؤن مرشد
نرمل نيارا_ منهنجا هالن وارا
سرور سائين.

4_ پيارا پنجنَ جو پيارا توسان
پيغمبر پيارا_ منهنجا هالن وارا
سرور سائين.

5_ عشق تنهنجي هنيا "مائلَ" من ۾
عجيب اوتارا_ منهنجا هالن وارا
سرور سائين.

⊙

---

نوٽ: هي ڪلام ڦوٽو زرداري پير صاحب پاڳاري جو ڪلام ڳائي رهيو هو وڪيو ڪاڪا جي اوطاق ۾ "پيچ پاڳارا ڪلنگي وارا سڪندر سائين" شاعر ياد نہ آهي تہ ڪنهن جو ڪلام آهي، ان ڪان اٿر وٺي اتي جو اتي لکي ڪيس مٿان ڳارايو ويو هو جو ڏُن بہ ساڳي هئي.

## ڪافي (سُرُ لوڙائو)

ٿل:
ڇڏيندس ڪڏهن ڪين جاني سندي جندُ، تنهنجهي ئي طلب ۾ مان رُوحئون آهيان رند.

مصرع:
1۔ الله سائينءَ توکي ٿاهيو آهي اهڙو ڏسڻ ۾ اڄان ڪين آيو تو جهڙو
گهُمي ڏِٺيم دنيا ساري سنڌُ ۾ هِندُ.

2۔ سِڪَ سان سَمايُون منا دل ۾ منهنجي لڳُس ڪين اهڙو محبت ۾ ڪنهن جي،
سچڻ دل کي ڇيڙي نہ ڪر هاڻ تون ڇَندُ.

3۔ نشي نيهنَ تنهنجي جي خُوءِ ئي خُماريو نہ ڀَنجُ هيرَ هيرين اٿئي ڇو وساريو،
ڪندُس ماٺ ڪيئن جو محبت پيتُمُ مَندُ.

4۔ يا تہ مُورَهئون نہ"مائلَ" کي پرين پيار ڏين ها، پنهنجي عشق ۾ ئي شامل ڪرين ها،
طلَبَ جي نہ ٿوڙج سا لالڻ لڳل تندُ.

⊙

## ڪافي (سُرُ تِلنگ)

ٿل: مون ڪي خلقي خلقڻهار محبت ۾ منظور ڪيو ٿئي

مصرع:

1- قرب ڪري جو قلب ۾ آيون وسريون تڏهن مون ڪان سيئي وايون
تنهنجي رڳو اتم تارُ طلب مان مون ۾ ظُورُ ڪيو ٿئي

2- پنهنجي پاڻ ڪان پاڻ ڏڄان پيو ڏيل ۾ توکي ڏاتر ڏسان تو
مالڪ خودمختيار بشر سان گڏ پُرنور ڪيو ٿئي

3- مُٺِ مٽيءَ مان بوتو بڻائي پاڻُ ويٺين اچي اُنَ ۾ لڪائي
اِهي سڀ تنهنجا آر اهڙو اچي ڪو پُورُ پيو ٿئي

4- علمَ حلمَ سڀ ڏاتر ڏنائي توکي ڏسان تو مان هرجائي
اهڙا ڏئي اختيار محبت سان مسرور ڪيو ٿئي

5- همدم مون سان هردم آهين ساهہ سان ساٿي آهين سدائين
تو پسائين پنهنجا پار زور هي مون ۾ ظهور ڪيو ٿئي

6- جلال جمال جا جلوا ڏيکاري ماري جياري جباري ماري
ڏيهن جا ڏاتار "مائل" کي معمور ڪيو ٿئي

⊙

27 محرم شريف 1395هہ 9 فيبروري 1975ع آچر 11:30 بجہ هالا شريف

## ڪافي (سُرُ تِلنگ)

ٿل: همدم تئين نہ تون حال پارُ گوندر گذاريان روئي روئي.

مصرع:

1۔ دل ۾ محبت ماتم مچايو برھہ جو ڏيئي بارُ
پيرَ پويان ڪيئين قياس نہ پيوئي.

2۔ سمجهيم ايندين مون وٽ موٽي، اهو هُئم انتظار
تون تہ اجائي آهين اُهوئي.

3۔ پيار مان ڪنهن دم ڪين پڇين تو چنڊ لاءِ آهين تيار
ڪرڻ انهين ڪين واجب هوئي.

4۔ ڪنئي شيءِ جو ڪو ملهہ ئي ناهي، پاڻهي ڪيم توسان پيارُ
ڪونہ قدر ڪيئي تڏهن ڪوئي.

5۔ مون ڪان خطا هيءَ پار تي آهي، توکي ڪيم دلدار
لوڙيان تڏهن تو پنهنجو ڪيوئي.

6۔ الله سائين دلين جو مالڪ آهي، قادر ڪل مختيار
سڀ ڪي ڏسي پيو سائين سوئي.

7۔ ويندس پنهنجو وارو وڃائي، هي دنيا جو چڏي دار
ڪوڙ هتي ڪونہ رهندو ڪوئي.

8ـ گذري وقت گواهي ڏيندو سچو هو ڪنهن جو پيارُ
ثابت سچو ڪندو سِڱ کي سوئي.

9ـ جهوري ڏئي جيئن جاني جدا ٿئين، نيٽين وَهَن پيا نارَ
ترس نہ تِرَ جو پيارا پيوئي.

10ـ داغ جدائي جا جي ڏئي وئين، روئي سي زاروزار
دل تان ڇڏيندس آخر ڏوئي.

11ـ مدد "مائل" جي ٿيندو مولا، ڏيهن جو ڏاتارُ
خلقيو آهيان آئون جهنجوئي.

⊙

28 محرم شريف 1395هہ 10 فيبروري 1975ع

## ڪافي (سُرُ ايمن ڪلياڻ)

ٿل: مَستُ قلندر لالَ سائي سگهو ٿي هاڻي سيوهاڻي.

مصرع:

1۔ هيڻن جا همراهه اچي رَسُ، لاڪيڻان لڇپال،
پورهيت پُڪاري پيئي پازياڻي.

2۔ مدد مُوڙَهلَ جي ڳَر ڪا قُربئون، جاني ڪيِ مان جنجال،
ويرِن ورايو آهي هاڻي.

3۔ ظاهر باطن دُشمن دَسجَن، جن هي وڏا آهن ڪال،
سڏ ڀرين سان ٿي تون ساڻي.

4۔ سيّد سچا ڪر مهر نظر جي، هيڻا ٿيا تم حال،
وِرهُه ۾ آهيان وِيرَ ويڳاڻي.

5۔ پرچي پرين مون سان پرت مان پاڻهي، جنهن ڪي ٿيا آهن سال،
اڪريون وَهائن اُن لاءِ پاڻي.

6۔ محبت ملي ٿين برهه بهاريون، ڏي "مائل" محبت مال،
پريت نئين ٿئي منهنجي پراڻي.

⊙

جمعرات 12 بجه ڪراچي، صفر 1395هه 13 فيبروري 1975ع

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل:

مونکي محبت تنهنجي ڪائي ڪانهه هئي ڳلَ، هوس آئون به رکيو ويٺو ڀب تي ڦرڪلَ.

مصرع:

1ـ هي پُلجي به وهم و گمان ڪونه هو ڪو قدم قرب جا ڪيئن گهمايا ڪٿي تو
ڏسي اکيون ٺريون پرين توکي هنَ پلَ.

2ـ هميشه سندم هي هيون آسون آتيون پرين پرت مان تو ڪٿهن پائين جهاتيون،
پاٺهي سي پُڇايئي ڪري قربُ ڪاملَ.

3ـ مٺا آئين، مون وٽ سندُئي لکَ ٿلايون، اَحسان عُمر ڀَر اهي تنهنجا ڳايون،
لاٿي لوڪَ جي تو اسان تان ڪٿي ڪِلُ.

4ـ اِهي وَڙَ وَڙائتا ڪيا آهن توئي، اهڙا مان ڪنهنکي ڏِئي ڪونه ڪوئي،
محبت جا پنهنجي هِلي هاڻ ويا هُلُ.

5ـ ڪَيُئي ڪَنڌُ ڪُرَ مِ مٿي منهنجو ڪيڏو پُڌم توکي جيڏو آهين تون ئي تيڏو
نِمانو نوازيو اٿئي پنهنجو نِرملَ.

6ـ برءَ باغُ مِ ٿيون هي ڪيڏيون بهاريُون، مُکڙيون ٽِڙيون سڀ ٿهڪن ٿيون تاريون،
ڪيئي مونکي خوشبو مثل تون ٿئين گُلَ.

7ـ نه طاقت زبان کي چئي چا پُڏائي، اهي قرب تنهنجا ڳائي ڪهڙا ڳائي،
پرين جي ڪيا ٿئي اچي پنهنجي "مائل".

14 صفر 1395 هجري 1975ع اربع رات 07:15 بنگلو D_12 محمد علي سوسائٽي ڪراچي

## ڪافي (سُرُ مانجهہ)

ٿل:
بيماري برهہ ري مونکي ڪي نہ آهي، اوهين ڇا پيا سوچيو ٻيو ڪجهہ ٿي ناهي.
مصرع:
1- نڪو دل جو دؤرو نہ ڪا سائي آهي، جو سمجهو ٿا رت جي ٿُڙي ڪائي ناهي.
پڇو ڪين پوندو ڇڏيو هَر واهي.

2- نڪي آهيان چريو نہ دماغي خرابي، نہ چَرسي موالي نہ آهيان شرابي،
اِهو وَهمُ دل مان اوهين ڇڏيو لاهي.

3- پلا منهنجي منهن ۾ اچي ڪيئن بشاشت، وِرهہ جي وڪوڙيو وڌي آ علالت،
خبر آن ڪي ڪهڙي ٿيو مونکي ڇاهي.

4- پلا هاڻ چيڪنگ ڪهڙي ڪريو ٿا، مغز ڇي اجايو ڇا لئہ هڻو ٿا،
خبر ڪنهن کي پوندي، تہ قرب ۾ پيو ڪاهي.

5- ڪريو ڪهڙي تشخيص ٿا هاڻ منهنجي، حقيقت ٻڌائي اٿم صاف پنهنجي،
ٿيان ڇاڻ تڏهن، جڏهن هوئي ڇاهي.

6- رَتي ماس جي تيستائين نہ ڇڙهندي، ملي محب مونکي خوشي پوءِ ٿيندي،
سيڪنڊ ۾ وجهي ساهہ سوئي جان ناهي.

7- ڪڍي قربَ مان هُن اهڙي ڪانبلاٽي، ڪٽي دمُ سگهان ڪين ۽ مشُڪل حياتي،
وِيو سِڪَ جو سَندرو سجڻ اهڙو ساهي.

8- پيو جي اوهانکي آهي قياس منهنجو، بِلو هي ڪريو هلائي وَسُ پنهنجو،
محبت سان "مائل" کي ڪريو گاهي ماهي.

⊙

25 فيبروري اڱارو شام 4 بجہ بنگلو D_12 محمد علي سوسائٽي ڪراچي

## ڪافي (سُرُ تِلنگ)

ٿل: پايان پال هزار محبت ۾ منظور ڪيو ٿئي.

مصرع:

1۔ علم عطا ڪئي توئي نرمل، تنهنجي ثنا چا ڪريان سُهڻل،
پاٽا پرين ڪري پيارَ مونکي متا معمور ڪيو ٿئي.

2۔ سِڪَ جي سُرڪي اهڙي پياريئي، وهمَ سيئي دل تان وساريئي،
خاص چڙهي وبا خُمار محبت ۾ مخمور ڪيو اٿئي.

3۔ وَڙُ هي وڏا تو سَندُئي پايان، ڳايو، ڳايو ڳايو ڳايان،
قلبي ڏنئي قرارَ دُوئي ڪان پَرُ دُور ڪيو ٿئي.

4۔ درد جي دل ۾ هزارين هُيڙا، تنهنجي نظر سڀ دور سي ڪيڙا،
لاهي اندر آزارَ "مائلَ" کي مسرور ڪيو ٿئي.

⊙

## ڪافي (سُرُ پِلاسي)

ٿل: پئي باهہ برهہ جي ٻري، سا آگ اُجهامي ڪين ڪي.

مصرع:

1- عشق اندر ۾ لايون چوٽيون، ڏاڍيون ڏنائين اوٽون موٽون، ماس هڏن تان ڳري

2- برهہ بيشڪ بالا آهي، ڪاڻ تهين کي ڪهين جي ناهي، شاهہ گدا ٿو ڪري

3- دردن دل تي ديرو لايو، سوز سڄڻ جو روز سوايو سُهٽل ري نہ سري

4- پاڻ پچائج پاڻ ۾ پيهي، "مائلَ" مهل جيئن نہ وڃيئي، ڏيان ڏِسُ تون ڏري

⊙

نوٽ: شاعري ابتدا مثينءَ "ڪافي" سان ٿي هئي تاريخ ۽ هنڌ لکڻ جي ان وقت خيال ۾ ڳالهہ نہ هئي. اندازاً سال 1959ع هو.

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل: تنهنجي يار وڇوڙي ڪيس چري، ملُ موتي مٺا نہ تہ ويندس مري

مصرع:

1- دل هيڏي جُدائي ڪيئن سَهي، جيڪا گڏجي توسان روز رَهي،
جنهن کي ياد سندو ۾ هڪ پَلُ نہ لهي، تنهن کي پاڻ پَسائج پيارا وري

2- پهرين پيارُ ڏئي پو ڏار ڪرڻُ، اينهين واجب ناهي توکي ڪرڻُ،
مون مُئي ۾ ناهي مُور سهڻ، آهي تنهنجي فراق جي ڳالهہ ڳري

3- اڄ اڱڻِ ۽ جا آڏارَ پرين، هِن جي جڏي جا جيارَ پرين،
روئان آبُ اکين زارو زار پرين، دل درد کان دلبر آهہ ڀَري

4- مون "مائلَ" کان ايڏو رهڻ جدا، وار واڳ ولهيَ ڏي نامِ خدا،
رهون هاڻ سجڻ تي پاڻ ڪُنا، تنهنجي ڏار سَري پَرَ مون نہ سَري

⊙

4 جولاءِ 1961ع، هالا.

نوٽ: هن ڪافي لکڻ وقت، شاهہ جو اصل رسالو قلمي نسخو "گنج شريف" جيڪو پٽ شاهہ تي وڏي اوطاق (يعني درگاهہ شريف کان ڏکڻ لڳ آهي) تي رکيل آهي ۽ ابوالحسن جي سنڌي ۾ آهي. سو مرشد سائين جي حڪم سان اتاري رهيو هوس. ڪافي لکڻ وقت اُتان شروع ڪيم ۽ پوري هالا ۾ ٿي. مرشد سائين جن ان وقت ڪوئيٽا ۾ هئا.

## ڪافي (سُرُ تِلنگ)

ٿل: مرشد نوحؒ فقير، ساڻي سگهو تي سرورَ سَڏُ ۾.

مصرع:

1ـ ٻُليل سان تون پيڙو اچي ٿي، پارسَ منهنجا پيرَ،
ساڻي سگهو تيُ سرورَ سَڏَ ۾.

2ـ دنيا جي درياءَ آهه نهوڙيو پارِ اُڪارجُ سِيرَ،
ساڻي سگهو تيُ سرورَ سَڏَ ۾.

3ـ توڪان سوا ٻيو ڪونه آ ڪامل، وارثُ منهنجا وِيرَ،
ساڻي سگهو تيُ سرورَ سَڏَ ۾.

4ـ ”مائلَ“ تي ڪا مهرَ نظرَ ڪر، مرشدَ ماهَ مُنيرَ،
ساڻي سگهو تيُ سرورَ سَڏَ ۾.

⊙

19 ڊسمبر 1984ع، بروز اربع 01:20 منجهند، پليڏنو ڪاڪا.

## ڪافي (سُرُ مانجهہ)

ٿل: مونکي تنهنجون ميارون مارن، ماريو ماريو جيارن.

مصرع:

1۔ تنهنجو جورو جفا سڀ جانب جائز منهنجي مُلڪ دل ۾ تون فائقَ فائزُ
سِڪ سوزُ سندُم توکي سارنِ.

2۔ ٻي جو نہ مون ۾ ڪجهہ ڪي بہ وجي ٿو سو پنهنجو ڳيون مون ڏي ڪوهُ سَنجي ٿو
سي جاهلَ ڏيانَ ڪي ڏارن.

3۔ تنهنجي هر ڪا ميار مون ڏي محب ٿيي تي، ٿين ڪنهن ٻر خوش ائين دلڙي چئي تي
احساسَ "مائلَ" جا پِرتِ پيا پارنِ.

⊙

## ڪافي (سُرُ مانجهہ)

ٿل: اسان جو رهنما رهبر، سڄڻ سردار اڄ آيو.

مصرع:

1۔ اهو فرزند امين محمّد، ۽ پوٽو طالب المولي،
دلاورَ دادلو دلبرُ، سندُم دلدار اڄ آيو.

2۔ خوشي جنهن جي تؤلد جي، سڄي فقراءَ ۾ آهي،
مبارڪ مه جبين منور، مٺو مهدار اڄ آيو.

3۔ ٿيا احسان مولا جا، ڪيا جنهن وَڙ وڏا آهن،
سڄڻ سهڻو سخي سرورُ سين سينگار اڄ آيو.

4۔ ڏٺي منهنجا لکين تنهنجا، ڪري "مائلُ" تو شڪرانہ
جماعت سروري جو زيبُ وَرُ سينگار اڄ آيو.

⊙

31 صفر 1381هجري هالا

نوٽ: قبلا مخدوم محمد امين "فهيم" جن جي پهرين فرزند پرو جام ڀائين عرف جميل الزمان جن جي تولد وقت لکي ويئي.

## ڪافي (سُرُ پيرو ين)

ٿل: جاني جدائي تي جهوري، ڪريان هاڻ پلا ڪيئن توري

مصرع:

1ـ دلڙي آهي درد ستائي، ماس هڏن تان منڙا جائي،
ڪاتِن جيئن تو ڪوري،

2ـ تون بہ جدا ٿئين پاڻُ پَسائي، ويتر دل جا سُور وڌائي،
چاڪَ چڙئي جا چوري

3ـ قسمت مونسان ڪينَ رهايو توڪان ڇِني تي تڏهن مِلايو
تنهن سان پوان نہ پُوري

4ـ "مائلَ" تي تون مهر ڪٽي ڪر، پورل جنهن آ تنهنجي جهلي پِرِ،
ڇِنُ نہ ڪڏهن تنهن ڇوري

⊙

15 جولاءِ 1961ع

نوٽ: حيدرآباد کان ڪوئيٽا ويندي، ريل گاڏيءَ ۾ لکي ويئي.

## ڪافي (سُرُ تِلنگُ)

ٿل: عشق ڪيو انجينيرُ پاورُ پرت جو يار ورهايُون.

مصرع:

1۔ هاءِ لائينون حُبَ مان وڇائي، لو لائينون تن سان ملائي،
ڪري گرائونڊنگ تن چوڦير، جهَڪُن جهولن ڪانِ تن کي بچايون.

2۔ سبِ اسٽيشنون سِڪَ تِن تي لڳائي، فنِنگ فِڪر ڊِي جوائنٽ جوڙائي،
ڏئي پختا تن کي پير، روشن ڪرايون سيئي جايون.

3۔ ٽيسٽ رپورٽون فارمَ پُر ڪرائي، ڊماند نوٽن جون رقمون ڀرائي،
اِشو مينٽرُ ڪيون اُن ويرف، تہ حسابن ڪتابن ۾ ٽين سولايون.

4۔ گِرڊ اسٽيشن گوندر جي پهرين هٽائي، بِرهہ بريڪرَ تن ۾ لڳائي،
ڏئي او سي بن جا اير، ڏيهَن جڳن کي ڏيون روشنايُون.

5۔ اسٽيمنٽون الفت بنائي بلڪل، وِرهہ ويريفڪيشن ڪري ٽيڪنيڪل،
ڪڍي غلطين وارا غيرَ، "مائلَ" محبت مان پاس ڪرايون.

⊙

## ڪافي (سُرُ پرياتي)

ٿلهُ: عشق جي اها خبر ڪنهن کي ناهي،
اِهو عِلم هِڪ خدا کي ئي آهي.

مصرع:

1ـ محمدّ ﷺ جي محبت ڏنئين اهڙي دل کي،
جنهين ئي قلب تان ڇڏيو ڪُسُ کي لاهي.

2ـ پيار آ پنجن سان چاهيان تو چارئي،
ٻارهن ۾ چوڏهن ڇڏيو سِڪَ کي ساهي.

3ـ هُو مستي محبت جي مشرب آ منهنجو
انهي ئي رمز ۾ ڇڏيو ربّ راهي.

4ـ جيُون ٿا جهان ۾ فقط هن ڪري ئي،
محبت ۾ مولا رهون گاهي ماهي.

5ـ مقصد آ منهنجو پرين جي پرتِ ئي،
جهان جي جنجهٽَ ۾ رکيو يار چاهي.

6ـ ”مائلَ“ محب جي ئي پِرت کي آ پاتو،
انهي جي ئي اُلفت ۾ قربئون پيو ڪاهي.

⊙

27 رمضان المبارڪ 1399هجري شب قدر اڱارو 2 بجي رات. پليڏنو ڪاڪا

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل: تو جهڙو نہ ليبر ٿيندو وري، وئين جذبا جياري، يار مري

مصرع:

1- هئي مرضي خدا جي هيئن ڪرڻ، ٿيا سبب انهي لءِ پو بنجڻ،
ڪيو ظاهر جن هي قوم سان رڻُ، ايندو نيٺِ عذاب اُن ٿهري

2- آهي حڪمت هادي جي هِن ۾، جنهن جوڙيو جهان ڪي آ ڪُنَ ۾،
جيڪي ظاهر ٿيو سو باطن ۾، ڏسو سوئي ملي جنهن وسيعُ نظري

3- هو جامِ شهادت سندءِ مُقدر، ڏنئي الله الستئون جو قادرُ
رهيو رنگ انهي جو اهڙو ظاهر، تمثيل اهڙي سان نہ تاريخ ڀَري

4- آهي پهريون مثالُ دنيا ۾ ٿيو جيئن توکي شهيد ڪرايو ويو
تنهنجي سِرَ تي سُوري سينگارُ ڪيو، منشا مولا جي اچي آخر پَري

5- چيو جئي ڀِٽو ٻي گهڻن ماڻهن، سمجهيلَ مَستن، معصومن،
ٿي سمجهيو ڪنهن ڪنهن ان رمزن، وئين سِرَ تي ڪٽي هيءَ برهہ ڀَري

6- ڪئي "مائلَ" رمز ۾ ڳالهہ ڳُجهي، پيا ماڻهو اِن ۾ آهن مُنجهي،
هي رمز نہ سمجهڻ تو سنهنجي، آهي نيت جنين جي کوٽي کَري

⊙

27 سيپٽمبر 1979ع 2:15 بجہ بروز خميس، پليڏنو ڪاڪا پنهنجي اوطاق ۾

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل: دردمندي دل دلبرَ سائين پيارن مان پيئي پڪاري،
اڄ تون اُنهي ڏي قرب ڪري ڪي واڳ وصال جي واري

مصرع:

1- باهه بره جي تابَ تپشَ ۾ طلبن تنهن کي تائي
سوزُ الم غم ساعَتَ ساعَتَ سهڻل جنهن کي ستايو
دردِ وڇوڙو جنهن کي جاني مورهئون هاڻ تو ماري

2- هاڻ نه ڪر تون هِن کان هِن دم بلڪل بي پرواهي،
حالت هھڙي ۾ هِن کي ڪا سَڪَ نه ڏئي ٿي ساهي،
دم دم ۾ پئي ياد سندءِ سان جَيڙو پنهنجو جياري

3- ساهُ ۾ سيني ۾ ئي سا پئي سهڻل توکي سَمائي،
هيڏي جدائي هيئن ڪرڻ ڪا جنهن کان ڪين جُڳائي،
پرت پڪيءَ جي قول ڪيل کي پيارل پيئي پاري

4- مهر ڪري رَسُ "مائل" کي جنهن تات چڙيو آ* تائي،
تات سندءِ ۾ وريو وريو نيڻن نير وهائي،
ان جي اُلفت پيارا وچ تون اُلفت ساڻ اُجاري

⊙

---

30 آگسٽ 1979ع رات 3:00 بجي، پليڊنو ڪاڪا

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل: سنڌءِ سِڪَ ۾ سهڻل پيار نئو پَلجي، پري قدم مَنڙا انهي ڏي ئي هلجي.

مصرع:

1- هي آسون اُميدن تڙپن ٿيون تولاءِ تقاضائون، طلبون ڦتڪن ٿيون تولا،
تپش سوز غم ۾ پيو جاني جَلجي.

2- ڪيو دل ۾ اهي گوندر اچي گهرُ تمنا ءِ ناتن جهليو تنهنجوئي دَر
وڇوڙي وِرهه جو ڪنهن سان سُورُ سَلجي.

3- سلامي لءِ خوشيون آهن يار آتيون نگاهون نهاريو پائن پيپون جهاتيون،
اچي ملُ انهن سان سجڻ خوبُ کِلجي.

4- تصوف، تخيلُ "مائلَ" محوُ توڏي پڪارن ٿيون يادون پرين اچ تون هيڏي،
پري بِرهه پاڪُر محبوب مِلجي.

⊙

---

10 محرم الحرام 1400هجري، 10:30 بجه رات، بليڊنو ڪاڪا

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل: تو جهڙو نہ ليڊر يارَ ٿيو جن توسان ڪئي ڏيندا پنهنجو ڏکيو.

مصرع:

1- توتي تاريخ بہ پيئي ناز ڪري، دليون دردن سان وئين يارَ ڀري،
تنهنجو ظاهر جسم ٿيو اکين کان پري، تون عوام جي آهين دِلن ۾ ڏيئو.

2- تو خدمت خلق جي اهڙي ڪيئي، گهٽ آهنَ عبادتون جنهن کان سبيئي،
مقبولِ مولا وٽ يارَ ٿي وئي، مِلي رُتبو شهادت توکي رِيو.

3- تنهنجي ثابت قدمي مان پويان سکن، تنهنجي نقشِ قلم تي ٿي سي هَلن،
بيا عمل غلط سي ڪيئي ڳن، پتو ڪين اچا ڪوتن کي پيو.

4- مخلوق مولا تي عاشق هُئين، قُربان بہ آخر اُن تان ٿئين،
ڪٿي پيئي جهان تون يار وَئين، توکي نينهن انهن ئي نهوڙي نيو.

5- تنهنجو موت اصل ۾ حياتي آ، تنهنجو ماري جيئري مماتي آ،
ڪئي ڳالهہ "مائل" پائي جهاتي آ، تو جيئن تہ ڪو آهي يار جيو.

⊙

10 محرم الحرام 1400هجري 12 بجہ ڇنڇر رات، پليڊنو ڪاڪا

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل: ڪيئن موڪلايون، آهيون گڏ سدائين، هٽي دل ۾ ڇاپو ويٺو آهين سائين.

مصرع:

1ـ اصل سنڌيءِ صورت نقل نقش آهي، طلبن ۾ تڏهن وڏي تپش آهي،
جو ظاهرُ تہ مون سان گڏ يار ناهين.

2ـ جِيڻ لاجانبَ رهيم هڪُ سهارو پرين تنهنجو دل ۾ ٿي ڏسندس نظارو
منهنجو پيار شل تون بہ پرين پاڻ پائين.

3ـ جدا مون کان جاني جڏهن ٿين ٿو ظاهر، پريو لُڙڪ اُن وقت چڙن اکن اندر،
جي نہ تہ رُوح ۾ ٿي تہ گڏيل تون آهين.

4ـ مٺا پنهنجو "مائلُ" وساري نہ ويهجان، پنهنجي دم قدم سان رَمزن ۾ رکجان،
خدارا تون دل تان متان لالَ لاهين.

⊙

منظور سومري سان گڏ "حسين آباد" واري جاءِ تي لکي وئي.
بروز اربع صبح 10 بجہ 13 فيبروري 1980ع
نوٽ: هي ڪافي مائٽ ڊاڪٽر لال خان ڪاڪا وينل ڳڙهي ياسين کي رخصت ڪيو پي ويو ۽ سنڌس فرزندن قدرت نواز ۽ محمد نواز جن جي اخلاص ۽ حسن سيرت مون تي ان وقت ايتري تہ گرفت ڪئي هئي جو مان انهن جي انهيءَ اوصاف جو عاشق سچو آهيان ۽ بيتابي دل کان ڊاڪٽر صاحب کي ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان رخصت جي بدران گڏجي ڳڙهي ياسين چڙڻ آيس ۽ هي ڪافي اُتي اچي سنڌس جاءِ تي هن ڪتاب تي لکي اٿم ۽ هي ڪافي منسوب بہ انهن پنهي محبوب مائٽن سان "مائل سروري" ڪافي جي مضمون ۾ الفاظ اشارو ڪن ٿا پر اهو قافين جي لحاظ سان ڪيو ويو آهي. "مائل سروري)

## ڪافي (سُرُ تِلنگ)

ٿل: هي حياتي ٿِ ي وئي منسوب تنهنجي پيار سان،
مَحويت ۾ آهيان مجذوبُ تنهنجي پيار سان.

مصرع:

1- جذبا، جنون ۾ جوش سان هاڻي حاوي ٿي ويا،
چاهه ٿي چريو ويو محبوب تنهنجي پيار سان.

2- خواهشون بيون ختم ٿيون هڪ تون رهئين دل ۾ مِنا،
ماسوي مُرجهو ٿي وئي مرغوبُ تنهنجي پيار سان.

3- تڙپ طلبُن ۾ رهي ۽ سِڪ سَمائي ساهه ۾،
هَهڙي حالت ۾ جيان محبُوبَ تنهنجي پيار سان.

4- مونکي ڪيئي "مائلُ" منا ميخون محبت جون هڻي،
دَم قدم سان آهيان مَطلوبُ تنهنجي پيار سان.

⊙

---

19 مارچ 1981ع ڪنديارو ڪان سڪر ويندي سوزڪي ۾ خميس صبح 11:00 بجه مارو ڪاڪيپوٽا ڳوٺ ڏانهن ويندي
نوٽ: مسٽر شمس الدين ڪاڪيپوٽو SDO واپڊا ڪنديارو مون سان گڏ هو.

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل: محبت مون جهڙي متا جي لڳئي ها،
تہ احساسُ مون لئہ گهٽئي ڪو ٿيئي ها.

مصرع:

1۔ ٿيئين بي وفا تون صرف اِن ڪري ئي،
جو عاشقُ نہ اُلفت اصلُ ڪا ڪَرئي ها.

2۔ ساري ڪيئن سِگهَ تي طلب تاۓ چاهي،
عشق آگ جو ٻَرَ پتو پو پَوئي ها.

3۔ رَهين هر گهڙي ها بيچين دلبر،
مون جئن نہ ساعت سُهٽل سَرَئي ها.

4۔ جدائي جي جهوري جهوري ڪيئن تي جاني،
اڪِن آبُ هڪ پل نہ سُهٽل سُڪئي ها.

5۔ تين ها جي مون جيئن محبوب "مائلُ"،
سوا ياد منهنجي نہ ڪي پيو وٽئي ها.

⊙

29 رمضان المبارڪ 1399هجري، 13 آگسٽ 1979ع، خميس رات 11:30 بجہ پليڊنو ڪاڪا

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل: پهچايو پرين وٽ آهي پرت پياري، احسان اُن جا آهن عُمر ساري

مصرع:

1- نہ طاقت زبان کي چئي چا ٻڌايان، قلم وَس نہ آهي جهين ڪان لڪائيان،
بيان هن برهہ جو بلڪل آ باري

2- صبرُ سِڪَ ئي ساٿي ٿيا ٿَم سفر ۾، نہ تڪليفون تن جون آهن ڪجهہ نظر ۾،
عزمَ ئي اُنهن جي منزل آ ماري

3- جي تڪليف تن تي ڪا آئي وڃڻ ۾، تہ ويتر جوش آيو ٿي تِن کي هلڻ ۾،
ڪيئون ڪينَ ڪنهن پرَ اڳيان اُن جي زاري

4- هئي پِرت پُختي مستي جي محبت، ٿيو قلبُ قابو وڪوڙيو آ وحدت،
آهيان مَحوُ "مائلُ" طلب ۾ آ طاري

⊙

نوٽ: ڳوٺ مارو ڪاڪيپوٽو تعلقو ڳڙهي ياسين ضلع سکر ۾ قدرت نواز ڪاڪيپوٽي جي شاديءَ تي ويندي مصري فقير "مخمور سروري" سان گڏ ويندي لکي ويئي.

## ڪافي (سُرُ لوڙائو)

ٿل: عمر آسرو ٿم اباڻا هو ايندا. قيدياڻي ڪوٽن مان وٺي نيث ويندا.

مصرع:

1- هتي جن جي جهوريءَ جهجان تي جهانگياڻي آهي سِڪ انهن جي سدا مون سان ساڻي
اچي سي بنديءَ جا ٿَري ٿوپَ ٽيندا.

2- سوين سور ڙِن جا ڪريو ڪاڄ کيان ٿي ۽ ڳوڙها اکن جا ڀَلُر جيئن پيا ٽِي،
پنوهاري سي پڪَ سان نه مورهئون مٽيندا.

3- ٽيندس قيد مان آئون آزاد جڏهن، سمهي سُکُ ڪندا پو مارُو منهنجا تڏهن،
مبارڪ مِڙن ڏئي خوشيون پوءِ ڪيندا.

4- حسن جي خدا مونکي اهڙو نه ڏي ها، ته تو جهڙو حاڪم عاشق ڪينَ ٿي ها،
نَعيمُ نُورن تي لمحا آزمائشن جا ايندا.

5- ڪندو ڪرم قادرُ وطن پنهنجي ويندس سچي ساکَ سَتَ جي تنين سامهون ڪندس
ڪري پڪَ پو وَهَمن وڃيندا.

6- ٽِين شالَ مُردارُ ارادا اوهان جا، پڇن ڪوٽ ۽ قيدَ بلڪل هي ٽُنهنجا،
سَتيءَ سَتُ پو "مائلُ" مارو مڃيندا.

⊙

## ڪافي (سُرُ لوڙائو)

ٿل: قرب تنهنجي جون ڪيان ڪهڙيون پلا مان باتيون،
تو سجڻ سپنا پسائين راتين جون راتيون.

مصرع:

1۔ اي متا ماهِ لقا موهي وئين هڪ مامَ سان،
جيءُ جگر جاني جلي تو جڏهن پاتيئي جهاتيون.

2۔ حسن تنهنجي کي ڏسي بيتاب مان بيحد ٿِيُس،
هاڻي رهيون سهڻل سندءِ لُنئن لُنئن ۾ آهن لاتيون.

3۔ مِهَہ جَبين مهتاب تون مُنهڙو ڏيکارج مون وري،
ساهُ سَندُم سهڻل سڪي اڪڙيون سدائين آتيون.

4۔ مست "مائلَ" تو ڪيا تيرِ نظر سان طالبا،
ڪَيف ڪجلين ائين ڪنو جيئن نہ ڪُهَن ٿيون ڪاتيون.

⊙

## ڪافي (سُرُ تِلنگُ)

ٿل: موٽي مل منٺار بيحد بِرهہ ڪيَس بيراڳي.

مصرع:

1- مَنَ ۾ منڙا ميخ هڻي وئين، محبت جي منٺارَ
دلڙي آهي جنهن سان واڳي.

2- ڏينهن تو سُڌِ ڪيو سُڌِڪيو نبري نيڻن وهائي نارَ
رات گذاريانِ جانب جاڳي.

3- مُور نہ مُٺي ڪان منهڙو متجئين، قربُ ڪجيئين ڪو يارَ
سهڻل سندُ ئي آهيان ساڳي.

4- ڪين لَهن ٿا لاهج تون ئي حيلا ڪيم هزارَ
دردن دلڙي دلبر داڳي.

5- "مائلَ" سان تون محب سگهو ملُ جانب جي جيارَ
وار وصل جي وائي سياڳي.

⊙

4- جولاءِ 1956ع هالا

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل: واهه واهه ”مائلَ“ توتي مولا ٿيو مهربان آ.
پلا پاڳ تنهنجا توکي مرشد ڏنو مان آ.

مصرع:

1_ صد مبارڪ صد مبارڪ لک لک ٿئي واڌايون
الحمدلله آسون اُميدون الهه پاڪ پڄايون،
شاهه سرور تنهنجون واڌايون شان آ.

2_ مرشد توکي موڙ ٻڌي ڏيندو هٿن سان لائون،
لهر نڪو پيو لوڏو ايندءِ سروَر جون ٿئي ڇانئون،
نوح رحه فقير نرمل نگهبان آ.

3_ پيرن فقيرن آلين موالين سيني جون ٿئي دعائون،
دعا بہ ڪن پيا ڪائن پن پيا سهيس هٽن جون صدائون،
ڏنو خوشيءَ جي داتا توکي دان آ.

4_ هڪ تون مصري پيو آئون مصري ٿيون پڻ مصري آهي
هڪ جي شادي پيو ڳائي ٿيون بين وڄائي ٿاهي
نالن ئي سيني جو چڪايو ڏيانُ آ.

5_ گهوٽ بہ مصري ڳائي بہ مصري باقيَ تخلص ڇا آهي
فقير جو ”مخمورُ“ مصري ڪاڪا ”مائلُ“ آهي
اهو اسان تي مُرشد جو احسان آ.

⊙

---

7_ ذوالحج بمطابق 9 ڊسمبر 1975ع، سرهاڙي

نوٽ: مصري فقير هيءَ ڪافي (سهرو) منهنجي ئي شاديءَ جي موقعي تي لکي آيو هو ۽ ڳائي بہ پاڻ ٻڌايائين.

## بيت

مولا مٺانهون ڪري منٿا تنهنجو مانُ،
سهيل راجا ربّ جا توتي هي احسانُ،
"مائلؔ" جهڙو منٿو اٿئي قادر مهربانُ،
سيني جي تون جان آ جنم مبارڪ توکي.

## ڪافي (سُرُ پيروي)

ٿل: مٺا يار جاني، جَنم ڏينهن مبارڪ،
سدا ماڻين جواني، جَنَمُ ڏينهن مُبارڪ.

مصرع:

1ـ دعا توکي راجا، نصيبن ۾ هردم،
سدا ماڻين جواني، جَنَمُ ڏينهن مبارڪ.

2ـ لڳايو تو دل سان، وري يار ميلو
گهڙي هيَ سُهاني، جَنَمُ ڏينهن مبارڪ.

3ـ هجين شال اقبال سان، يار خوش تون،
ڪرين حڪمراني، جَنَمُ ڏينهن مبارڪ.

4ـ هجن دُور دُشمن، لڳئي واءُ نہ ڪوسو
دُعا دل سان جاني، جَنَمُ ڏينهن مبارڪ.

5ـ سڏي ۽ سنياري، سجي راج کي تو
ڪئي ميزباني، جَنَمُ ڏينهن مبارڪ.

6ـ ڪيا ڪرم قادرُ مٿان تنهنجي "مائلؔ"،
ڪيئي ربّ احساني، جَنَمُ ڏينهن مبارڪ.

7ـ تمنا هي مسڪين جي آهي هردم،
وسئي رَنگُ رَباني، جَنَمُ ڏينهن مبارڪ.

⊙

نوٽ: فرزند ڪيڊٽ راجا سهيل احمد جي سالگره 14 مارچ 2001ع تي محمد رمضان "مسڪين سروري" جيڪو مصري فقير مرحوم جو ننڍو ڀاءُ آهي، اِهو بيتُ ۽ ڪافي موقعي جي مناسبت سان لکي هئي، جيڪا سندس ڀائيٽي مصري فقير جي شاگرد امداد علي ولد گُل محمد فقير اُن موقعي تي ڳائي اُن جي وڊيو ڪيسٽ بہ ڀريل آهي، هي دُعا آهي جيڪا الله سائين فقير صاحب جي قبول فرمائيندو. آمين

نظم منسوب

## قائدِ عوام جناب ذوالفقار علي خان ڀٽو صاحب

وزيراعظم پاڪستان

## ”چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي“

قومر لاءِ بيشڪ اَٿئي   قُربانيون ڏاڍيون ڏِنيون
تو ڇوان پڪَ سان نہ اهڙيون   ڪنهن بہ ليڊرَ ڪان پُنيون
مُلڪ و مِلت جي مخالف   جون جَڙون توڙي ڇِنيون
ڪاميابي لاءِ تنهنجي   ڪيترن باسِيون ڳُنيون
تي گهڻن گهَر گهَر گهريون   تو لءِ دُعائون ذوالفقار
تنهنجو حامي تڏهن آهي   مالِڪ خود مختيار

فرضُ سَر انجامُ پنهنجي   قومَ لءِ توڙي ڏِنا
”قائدِ اعظم“ بعد   ڪنهن ڪان نہ ڪي آهِن پُنا
عامَ جَلسن ۾ ڪڏهن   ليڊَرَ نہ تو جيئن ڪي رُنا
چِشمَ آلوده سُرخُ ٿيا   جيئن ٿيندي آ حِنا
دردمندي ڪان سِوا   تو ڪيرُ روئي ڪنهن لءِ يارَ
مُخلص جا مُلڪَ لءِ   پڌرا پيا هي آهن پارَ

ذهنَ ۾ سَمجهي چڱا جي   تو بَنايا هي وَزيرَ
جامَ سَيّد خواجہ ڳَتپرُ   پيا بَلوچ ۽ رئيسَ ميرَ
پنهنجي ڪاتن ۾ ڳيئون چا   تون اچي ڏِسُ تِن کي وِيرَ
سنڌُ جي ٻيڙي ٻڏي   چاتهي تنين ئي آهي سِيرَ
تو ٽَٽون ٽارو ٽٽي   تازيءَ اِشارو ئي رَواجُ
تون بہ تيئن ڪرِ ڪو ٽنين جو   سيگهہ مان اهڙو علاجُ

جي ڪنيوَ ڊئريڪٽِ اي - سي   ڪِينَ ڪُجهہ جاڻن ٽا سي
ڪئين ٿيا ڊي ايس پي   چڙهيا سفارش سَاڻَ جي
جنهن ڏني تجويز هيَ   افسوس ان انسان تي
مُلڪُ جي ڪمَ ڪارَ ۾   ماڻهو اٿئي بي لوٽُ ڪي
پيا سيئي هِنف دوُر ۾   پنهنجو پرن پيا پيٺ يارَ
پارٽي ۽ چيئرمينُ ان جي   ڪي ڪن سي پيا خوارُ

ڪيترن جا ماري حق    جُونيئر بہ سينئرَ ٿي ويا
عُمر جي محنت وِيَن سي    رات ڏينهن روئن پيا
هن عوامي دؤر ۾    اهڙا ڪچا ڪمَ ڇو ٿيا
جي سپاهي جا نہ لائقُ    اي ايس. آءِ سي ٿي ٿيا
اهڙي صلاحن تي سَدا    افسوس آهي عاقلنَ
ڪئين ڪيا ڪمَ نازيبُ    اهڙائي اوهان جي نائِبَن

ڪِيئن غلط سمجها ويا    سؤ چوڏهن ۾ جي ڪئي لتا
جي رهيا باقي وڃي سي    ڪيئن سچا سمجهيا ويا
پنج آڱريون هڪ جهڙيون ناهن    سُڪن گڏ آلا ٻَريا
دؤر ٻي ٻي ۾ پلا    اهڙا ڪچا ڪم ڇو ٿيا
ڪاتي مُڏيءَ سان سِيرَ    تِن کي يارَ ويئي جا وَهي
ذَبحُ سَولا ڪينَ ٿيا    مَڪِروهُ ٿي سي ويا سيئي

سردارَ رئيسَن ۽ وڏيرن    مان هَلي ويئي مُخلصِي
ٿن جي پٺي ڪاهي ارادَن    ۾ آ ڏاڍي سرڪَشي
وَڻي وڪوڙي ڏاڍو تِن آ    ڇو پَلا خد مَطلبي
آهي جنهن لءِ ڏاڍي ٻَندش    اصُل کان ٿي مَذهبي
انسان ٿي انسان سان    هيڏو ظلم ڪن زوردارَ
حيوانيت کان ٿي مٿي ويا    ناهي ڪا ڪنهن تي ميارَ

پَستي آخلاق ٿي    مَاده پَرستي ڪيو ڪمالُ
نوجوان اڪثر پڙهي    ٿيا قوم لءِ آهين وَبالُ
قوم جي آئنده جو تو    ڪوڻ ٿئي ڪنهن کي خيالُ
جي رهيو اهڙُ پلا    نوخيزه نسلن جو هي حالُ
پوءِ خدا حافظ اسان جي    مُلڪ جوئي دوستو
ماجرا ڪهڙي ٻُڌايان    روئي روئي دوستو

پنهنجي فطرت جي مطابق ... هر بشر آ عيبدارُ
پنهنجي عيبن کي ڏسڻ کان ... پو ڏجي بي کي ميارُ
هيئن ئي يا هُونئن ئي ... چاليون وجي پنهنجون سُڌارُ
ناهي ڪرڻو ڪنهن به بي کي ... ڪنهن اڳيان ڪنهن پر خُوارُ
اهڙي طرز ناروا سان ... تي نه سگهندو ڪو درست
توکي هن حالات ۾ هر وقت ... رهڻو گهڻو ئي آهي چُست

تا رَهَن بي چين سڀ ... ناهي تحفظ فردَ کي
پنهنجي هٿ ۾ اڄ ڪنيو ... قانُون هرڪو پيو هَلي
مَحوَ حيرت آهيان ... ڇا ڇا نه پيو اڄ ڪلهه ٿئي
هِنَ گندي ماحول کو ... مرد مشڪل سان بَچي
مَحوَ تو "مائلُ" رهي ... شب روز گهِري غُور ۾
ڪيئن پيلا ڪوڙي سچي ... جي پَرِکَ پئي هن دوَرَ ۾

18 جولاء 1975ع ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊولپمينٽ) آفيس سنڌ، تغلق هائوس سڪريٽريٽ ڪراچي

## نظم

قائدِ عوام تنهنجي آهہ جُرَت کي سلامُ
تنهنجي هِشمَت، تنهنجي غيرت۔ تنهنجي همت کي سلامُ

عزمِ ڪامل ساڻ هئين۔ بي باڪ بلڪل يار تون
منزل تي محتاج، تنهنجي آهہ۔ قسمت کي سلامُ

پنهنجي دُشمن تي سدا غالب۔ رهين سان رَعِبَ و تابَ
تو نَمايا ناتَ ڪيئي۔ تنهنجي حرفت کي سلامُ

ٿئين سياسي آسمان تي۔ "مائلُ" چوي تون چندَ جيئن
تنهنجي روشن رمز کي۔ ۽ آهِ شُهرت کي سلامُ

# بيت

## بيت

بِرهه ڪيو بائونڊُ- مونکي ڏينهن ميثاق جي
الست بربڪم جو- سائينءَ ڏني ساؤنڊَ
ڏنئين نُوري نظر جو- رُوحن تي راؤنڊُ
تہ قالول بليٰ چئي قلب تي- بلڪُل ويا بائُونڊُ
ڪنهن جي رکيائين قسمت ۾- گوندرَ گِراؤنڊُ
"مائلَ" مِليو محبت مان- اِيَ اُلفت اَرائونڊُ
اينهين آل رائونڊُ- آيو تي انسان ۾

❊

## بيت

هاديءَ ڏني هائيٽ- آهي اُلفت عشق ۾
ڏسون سدا ڏينهن ٿا- ناهي ڪا نائيٽِ
مستي محبت جي ڏِني- مولا اهڙي مائيٽِ
ڪريون نظرَ ٿا قلبَ تي- سيئي پَسون سائيٽِ
روشنيون رنگين ۾- واحد ڏنيون وائيٽِ
رُوحي رمزن سان ڪيو- ربّ ڪٽي رائيٽِ
اُلفت واري اَمَنَ لءِ- قِربو ڪروين فائيٽِ
"مائلَ" مِلي محبت جي- لوحَئون اهڙي لائيٽِ
تڏهن ٿيا ٿائيٽِ- رهون هردم حُبَ سان

❊

## بيت

قادرَ ڏِني قَلبَ کي۔ ايڏِي اٿارِتي
وڏي ويئي رُوحن ۾۔ منهنجي ميجارِٽي
ختم ڪئي خُلوصَ ۾۔ محبت مينارِٽي
محبت ۾ "مائلَ" کي۔ ڏِني پَروَرَ پِرارِٽي
جو سِڪَ جو سينارِٽي۔ آهي روز الست کان.

## بيت

جمال ۾ جلال جِي۔ غفار ڏِني آهِ گِفِٽِ
پيو پاور پَروَر آ ڏِنو۔ ناياب، نو لِمِٽ
تڏهن ڪيان تو ڪيترن۔ شَريَن جي شِفِٽِ
هيءَ لوحَئون مِلي لِفِٽِ۔ محبت ۾ هئي "مائلَ" کي.

## بيت

عشق ڪيو ايڪسيپٽ۔ نامينيشن نيهن ۾
تصحيح ڪيائين توّڪل سان۔ جيڪي هئا ڊِفيڪٽ
ڏنئين اهڙو ڏيهه لءِ۔ اُلفت جو افيڪٽُ
وائي ڪيون جا وات ٿا۔ سا ربّ نه ڪري رجيڪٽ
سِڪَ مان ڪيو هِنَ سائِلَ کي۔ سائين هو سليڪٽِ
الله سائين اليڪٽِ۔ ڪيو "مائل" ڏينهن ميثاق جي.

## عنوان: عشق جي آفيس

### بيت

سائين ڏئي سبجيڪٽ۔ مونکي عشق، عقل جا
پختو ڏِسي پيار جو۔ سچو سرٽيفڪيٽُ
انٽرويو جي عشقَ جي۔ سِڪَ مان ڪيئين سليڪٽِ
اپائنٽمنٽ ڊائريڪٽِ۔ محبت ۾ تي "مائلَ" جي.

11 محرم الحرام 1395 هجري 24 ڊسمبر 1974ع، هالا

❊

### بيت

هڪ دم ٽائيپ سو ٿيو۔ اعزازي آرڊرُ
تاريخ ڏهين محرمُ۔ هئو ڏينهن حشر
سالُ تيرهن سؤ پنجانوي۔ هجري سنَ اندر
وَرڌَ انهي ۾ هي هُئا۔ بلڪل لڪيل بهتر
تہ آهي عشق ملڪ جو۔ هي گزيٽيڊ آفسرُ
خود اپائنٽمنڊ اٿارٽي۔ اهو پڻ اڪرُ
پر اُن ڪان وڌ اختيار هئا۔ هو پنو ٿيل سو پُر
پرور وڏو پاورُ۔ ڏئي "مائلُ" ملازمت ۾ ڪنيو.

27 محرم 1395 هجري 9 جنوري 1975ع، هالا

## بيت

محبت ۾ "مائلَ" ڪي — مولا ڪيو منظور
ڪُرسي ڏنئين قُرب جي۔ ڏُکَ تيا سڀ دورُ
رُشوت نہ ونون مُور۔ ماڻهن ڪان ڪنهن ڪم جي.

27 محرم الحرام 1395هجري 9 جنوري 1975ع، هالا

❊

## بيت

اُلفتَ جي آفيس تي۔ مولا ڪيو محڪمُ
پي۔ اَي۔ ڪِلارڪَ اَسستنٽَ۔ سيني وٽان ڪيمُ
سپُرنٽينڊنٽ سمجهائيان۔ جو اُنهن ۾ اُتمُ
فائيل پُٽ آپ ڪيو فهم سان۔ دير نہ ڪيو دم
سچي ڳالهہ صاف لکو۔ بلڪُل نہ هٽجو ٻمُ
مون لءِ ڪمَ مِٽن جا۔ آهِن اُلفتَ ۾ اهم
سائِن ڪريو سِڪَ جي۔ ڪيان سڀ ڪنهن ڪم
تہ عوام ويچارو اسان وٽ۔ ڏڪا نہ ڪائي دم دم
جو ناهي دل ۾ وهم۔ ماڻهن لءِ مون "مائلَ" ڪي.

27 محرم الحرام 1395هجري 9 جنوري 1975ع، هالا

## بيت

اِنٽري اِنوَرڊِ ۾ ڪاغذَ ڪُلِ ڪريو
۽ پڻ آئُوٽوَرڊ ۾ سوچي سڀ لکو
تہ ڪتان آئيو ڪيڏانهن ويو جو پئي ڪو پتو
متان ڪا سُستي ڪري ڪاغذُ وڃائيو
سامهون ڪٽي اچي ڪو تہ رسيد ان کي ڏيو
تہ اطمينان اهو ڪري وڃي ماٺهو سو
ان ڪان پوءِ اُهو ريڙهيو هِڪدم رُوٽنگ لءِ

27 محرم الحرام 1395هجري 9 جنوري 1975ع هالا

*

## بيت-6

پهرين پُٽِ آپ ڪريو آوهين امپارٽنٽ
هِڪدم ڪيو هٽن مان اُن ڪان پوءِ ارجنٽِ
آرِڊنَري ٽيبل تي مُورِ نہ رکو منٽُ
جي نہ اچيوَ سمجھ ۾ تہ هڪدم ونو هِنٽِ
پَرَ جلدي ڪيو جينٽ وقتُ نہ وڃايو ويسلا

27 محرم الحرام 1395هجري 9 جنوري 1975ع هالا

## بيت

آهي هر ڪنهن ڪاغذ جي۔ رکٽي آن کي اونَ
ڪنهن اهم انفرميشن لاءِ۔ ڊائل ڪيو فون
جي ايندؤ سچائيءَ تي۔ تہ ڪاغذ رُڪجِئي ڪونَ
ماڻهن کي "مائلُ" چوي۔ ڪنهن پر رُلايونْ
بيتابَن کي بلڪُل پيا۔ سُنا پيش اچونِ
ڪنهن کي ڪِي بہ چئون۔ جو مجبورُ تي تا منٿون ڪن.

27 محرم الحرام 1395هجري 9 جنوري 1975ع هالا

❊

## بيت

اچوو سُني اخلاق سان۔ اوهين عوام کي پيشِ
مطمئن رکون "مائلُ" چئي۔ تن سان نہ ٿيو تيشِ
ڪڏهن بہ ڪنهن کان ڪيش۔ ونجو نہ ڪنهن ڪم جي.

27 محرم الحرام 1395هجري 9 جنوري 1975ع هالا

## بيت

جي اوهان ڪان ڪنهن ڪم جي۔ ڪو وٺي ڪٽي رشوت
تہ هردم اُنَ انسان جي۔ هوند ڪريو شِڪايت
مسلمانن جي مُور نہ آهِ۔ ادا هيَ عادت
ڪرڻ خدا' جي خلق جي۔ خُلوصَ سان خدمت
قادر ڪئي قرآن ۾۔ اِها افضل عبادت
عمل اَوهين بہ اهو ڪريو۔ تہ سَريوَ سعادت
سڀ ڪنهن لِءِ خير گهرو۔ ڪريو مُلڪ لِءِ محنت
قبوليندو سو قادرُ هو۔ جنهن جي آ قُدرت
لِکن پيا اعمالَ جي۔ ڪاتِبَ ڪِتابتَ
حساب ٿيندو هر ڳالهہ جو۔ مُور نہ ٿي مروت
وِساريو نہ واحد کي۔ جنهن جو آهيو ملڪيت
اوهين پڻ ڪائو اُن جي۔ عشق ۾ عبرت
تہ ذهني، قلبي سُڪونَ سان۔ رهو فائق منجهہ فرحت
نہ تہ اجها اچڻ واي۔ آهي ڪاري قيامت
حساب ٿيندو هر ڳالهہ ۾ مُور نہ ٿئي مروت
محمدَ ﷺ مسلمانن جي اڇي۔ ڪندو پَروَر کي پارَتَ
اُن ڪان پوءِ رحمت۔ "مائلَ" ٿيندي مٿن تي.

27 محرم الحرام 1395هجري 9 جنوري 1975ع هالا

### بيت

"مائلَ" مئنيجمنٽ- اهڙي رک آفيس جي
جو عوام جا ارجنٽ- ڪم تين قُرب سان.

27 محرم الحرام 1395هجري 9 جنوري 1975ع هالا

### بيت

واحد وزير اعظمُ- ڪيو محبت ملڪ جو
نينهن واري نفسيات سان- تا سمجهو سڀ ڪو ڪمُ
وڏن ننڍن وزيرن کي- ورچي ڏيون ڪمُ
ڀهرين ڪيون سو پِرتِ مان- جو آهي انهن ۾ اَهَمُ
پو صحينُ سان سِڪَ جي- وڏيون سڀ وهمُ
وڃائڻ نہ گهرون ڪنهن جو- هڪڙو دمُ
تو ڪري ڪَريمُ ڪرمُ- پر تي تو ذريعو ظاهر جو.

### بيت

واحد ڪيو وزيرُ- محبت واري مُلڪ جو
عوام جي ڏيون اندر کي- طلبن جو تاثيرُ
۽ خُلوصُ خاصو دِلِن کي- آهي جو اڪثيرُ
جو ڪري هر ڪنهن قلب کي- جيئن آهِ ماهہ مُنيرُ
رکيو هلن پاڻ ۾- هڪ ٻي سان پو سِيرُ
انسان سيئي هڪجهڙا- توڙي پير فقيرُ
وِرهُہ ۾ ئي وير- مولا ڪيو مون "مائلَ" کي.

## عنوان: اليڪشن

### بيت

آهي اميدوارن جو، امتحان اليڪشن
جذبات واري جوش ۾، ڀرين نامينيشن
ڪي ڪي بيهن پُختا تي، ٻيا ڪٽيو هَٽ وڃن
ڪِن تي ميڙيون منٿون، ڪي سياسي مصلحتن
ڪي ڦِرَن ڦيرائڻ لءِ، پولنگ اسٽيشنن
ڪي رڪائين پنهنجي راءِ سان، اسٽاف آفيسرن
ان هوندي به هارائين جي، ان لءِ محبت نه دِلِن
يا چالاڪي سان چُستُ ٿا، چلائن ترِن چالِن
بي چيني بِلڪل وڌي، وڌي وَرڪَرن
ڏِيڻ لءِ ووٽن، آخر ڏينهن اچو وڃي

## عنوان: سگريٽ

### بيت

ساڙي جيئن سگريٽ۔ تو انسان جي اندر کي
تيئن جي سڙن طلبَ ۾۔ تہ رَچي تِيَن سي ريٽُ
سِڪَ سان تِيَن سيٽ۔ پهچن پنهنجي پرينءَ کي.

### بيت

سگريٽ جيئن ساڙي۔ انسان جي اندر کي
تيئن جي سڙن طلب ۾۔ تہ پرينءَ هجن پاڙي
پوءِ ڳوڙها ڪئين ڳاڙي۔ وڃي "مائلُ" ملن محب سان.

### بيت

سگريٽ ساڙي جيئن۔ انسان جي اندر کي
بِرهہ سنديءَ باهہ ۾۔ تَپِن جي هو تيئن
تہ قريب ڪان سي ڪيئن۔ پَري رَهن پَلُ پِرِتِ ۾.

### بيت

موالي مچايو ويٺا۔ ڪين ڪئين دُونهان
جي سُوٽا ڏِين سَڪَ کي۔ تہ تين سجَڻن سان سُونهان
پوءِ لوڪَ اندر لُوهان۔ مُور نہ ڏين "مائلُ" چئي.

6 فيبروري 1975ع۔ مير غلام اصغر خيرپور واري جي جاءِ تي، P.E.C.S سوسائٽي، طارق روڊ، ڪراچي

## عنوان: رندانيت

### بيت

مُورِ نہ محتاج۔ "مائلَ" ڪڏهن ماڻهو جو
رکُ تون توڪل ربّ تي۔ تہ سيڪو سَرَئي ڪاڄُ
ءِ نہ ٿِيٽي ڪم جو بہ۔ ڪرئي الله سائين علاڄُ
رندَن جو رواڄُ۔ اهو اٿئي اصل کان.

❊

## بيت

وَمَنَ يَتَوكَّلَ عَلىَ اللهُ۔ هي رستو آهي رِندَن
ليس الانسان الاماسعيٰ۔ انهيءَ پِرِ پُرن
لباس الڪافرين قلوب المؤمنين۔ اهڙو عَمَلُ اَٿن
ونحن اقرب اليه من حبل الوريد۔ لوچيو هُو لهن
اِنَ اوليا لاخوف عليهم ولا يحزنون۔ ڪنهن ڪان ڪينَ ڊڄن
ڪُل نفس ذائقة الموت تي۔ پختو يقين رکن
ويبقيٰ وجهُ ربک ذوالجلال والاڪرام تي۔ ايمان آهِ سندن
ڪُل من عليها فان۔ سنسار سڀ سمجهن
مستي محبّت جي ڪٽيو۔ پنهنجي منهن هلن
ظاهر ۾ هن دنيا جو۔ هر ڪو ڪم پيا ڪن
اچين پورُ تہ وڃيو۔ بانگ بِرهَہ جي ڏين
۽ صلواتون سيّد تي۔ پرت منجهان پڙهن
نياز واري نماز سان۔ سائينءَ سجدو ڪن
شريعت جو شوق سان۔ پرورَ پردو ڏنُن
طريقت، حقيقت، معرفت جون۔ منزلون ماٽيون تِن
اجا پڻ اڳاهان وڃيو۔ وحدت ۾ گُم ٿِيَن
لِڪن اهڙا لوڪَ کان۔ جو لوڪُ نہ لَکي ٿن
پر آڪِن وارا تن کي۔ سُڃاڻيو وِجهن
هتي هن جهان ۾۔ اٿين پيا گهمن
سڪَ جي پنهنجي سَريرَ تي۔ پوشاڪ ٿا پهرن
عِجزَ وارو آبُ ٿا۔ پاڻي ڪيو پيئن

ڪُل شيءِ يحرڪُ ڪي- نُوچيو نهارن
جا افضل عبادت الله ڪئي- سا خدمت خلق جي ڪن
لا الله سان اندر مان- پيا دم ڪڍن
الا الله سان اندر مان- پاهر دم ڪين
محمدﷺ رسول الله سان- پُختو پيچ پِئُن
مستيءَ محبت جو مليو- مَشربُ آ مَستن
تا "مائلَ" گڏ محبّن- اهين گذارن ڏينهڙا.

9 صفر 1395هجري 21 فيبروري 1975ع، حيدرآباد

## عنوان: سُر مومل راڻو

### بيت

راڻا توکي رُسڻُ۔ مُور نہ ٿيو تي مومل سان
اک ڏني جو تپاسُ ڪري۔ ڪپندو هُٿُئِي ترسڻُ
سو رُسي هِڪدم وئين هليو۔ ڪري رُليءَ سان رِڻُ
ڪنهن پَرِ اڪيلو منهنجو۔ ٿيو نٿي سمهڻُ
ڪڏهن سُومَلَ ساڻو ڪري سُتِيَسِ۔ ڪھڙو هنيم ڏڻُ
ڪپندي توکي ڪينَ هٿي۔ دانا دير ڪرڻُ
ڪڏهن سوڍا سختي ڏيڻُ۔ پَرجي آئي پَتارَ تو.

### بيت

راڻا ڪوهہ رُسي۔ مُوملَ وڏيئي مَامري
ڪو مِنٿُ هِڪُ ترسي۔ ويچارُ ڪرين ها ورَ تون.

### بيت

پَرجي آيو پَتار تو۔ ڪيئن پنهنجو چڙهڻُ نَنگُ
رُسي راڻا وِئين هليو۔ هيڏو چڏي سُنگُ
عورتون بہ ڪڏهن ايئن نہ ڪَنِ۔ تو مرد تي ڪيو ڏنگُ
دَڪَڻُ ڪمُ ڍِلاتيون۔ ڪو جُوڏو ڪندو جَنگُ
لاَلَ بَڏو مون لُنگُ۔ محبت سنڌ جو "مائلُ" چئي.

11 مارچ 1975ع هالا

## بيت

"غني" صاحب غرقُ۔ نہ تجئين خامَ خيال ۾
محَبت سندو "مائلَ" ڪان۔ سِکُ سِکَ منجهارئون سبقُ
تہ قلبَ سندءِ جو قلقُ۔ لهئي لهجي هِڪَ ۾

سک "اُجڻ" صاحبَ اُلفت۔ محبتي هن "مائِلَ" ڪان
قُربَ منجهارئون قَريبُ تي۔ رکُ چڱن سان صحبت
اتئي خامَ خيالَ سڀ۔ بلڪُل ڀيا بدعت
رکي نيڪ نيّت۔ خدمت ڪر تون خلقَ جي.

"ڏاهري" صاحبَ ڏُور۔ مُور نہ رَهجئين "مائلَ" ڪان
سَرورِي سڏائي سِکَ مان۔ چِڏِ محبت نہ موڳا مُور
اهلِ دل ڪان دُور۔ ڪڏهن رهجئين ڪين ڪي.

"ڪاڪا" ڪرڻ قُربُ۔ سِکُ تون پنهنجي مائٹ ڪان
محبت رک تون من ۾۔ تہ راضي ٿيندئي ربُّ
نيتَ ڪوڻيَ سبب۔ مُور نہ ڏجئين "مائلَ" ڪي.

23 اپريل 1975ع
ڪيفي شيزان طارق روڊ، ڪراچي
نوٽ: مٿيان چار ست اسان دوست، 1. عبدالغني ميمڻ (اسسٽنٽ انجنيئر روڊس" 2. مسٽر بدرالدين اُجڻ "ليڪچرار" 3. پيارو خان ڏاهري "سيڪريٽري ٽائون ڪميٽي هالا" ۽ شير محمد ڪاڪا ويٺل پليڏنو ڪاڪا گڏجي چانهہ پي رهيا هئاسون تہ انهن جي چوڻ تي في البديهہ ٿي لکيا ويا. "مائل سروري"

## بيت

ڏسجي نہ ٿي بد نيت۔ ء ت ڪنهن ڪي اکن سان
جي حسن جي هادي ڏني۔ آ تن ما ڪنهن کي نعمت
هت ونڻو فقط واس آهِ۔ بي بلڪل سڀ بدعت
نيڪ نيتي ۾ نور آهہ۔ ۽ پوري بِرهہَ ۾ برڪت
آهي عشق شهنشاهہ جي۔ اصل بہ اِها عادت
پر اينهين نہ ڪن اڄڪلهہ جا۔ جوان پسند جدّت
ٿي ٿئي اُنهن جي حال تي۔ هر دم هيَ حيرت
جي ڏسي سندن ڪو نياڻن ڏي۔ تہ ونئي وڃين غيرت
پڙهي پروڙئيون ڪين ڪي۔ قادرَ جي قُدرت
جي ڏسن اندر جي اکن سان۔ تہ ونئي وڃين عبرت
پر ڏسن رڳو ظاهر ٿيا۔ ۽ اندر نہ سچي اُلفت
جي مطالع "مائلَ" ڪن سي۔ فائقَ جي فطرت
تہ سراپا محبّت۔ ڏسن سي هن ڏيهہ ڪي.

❊

---

اپريل 1975ع.
نوٽ: ڊرگ روڊ تي هڪ دوست سان موٽر ۾ گڏ ويندي سندس هڪ جسين عورت ڏي ڪنيل نگاهن ڪراچيءَ ڪان متاثر ٿي لکيو ويو.

## عنوان: اڄ جو نوجوان

### بيت

پڙهي اچي قاتا۔ آهن اڄ جا نوجوان
تربيت ناهي تن ڪي۔ نہ سُجاڻن علم جا مان
عمل ڪن نہ هو علم تي۔ رکو غلط رکن رُجحان
جي عَمَلُ ڪن هو عِلَم تي۔ تہ صحيح تينَ انسان
پر اينهين اڄ ڪلهہ ناهِ تڏهن۔ ٿيا ذليل ۽ ويرانُ
يونيورسٽي، ڪاليجن ۾۔ رکو بدتميزيَ بيان
لوفرن جيئن لُوهون ڏيَن۔ ڪِلَب چڙهين هو ڪانَ
تِتِ "مائلَ" تين مهمان۔ جتي رکو اُگهاڙيون ڊانِسُون

❊

28 اپريل 1975ع، ڪراچي

## بيت

اڄوڪا پڙهيل جوان تا۔ ڪٽيو هلن ڳر
سوا پڙهڻ ڊگريون وٺي۔ ٿيون گزيٽيڊ آفسر
جي ڊگري ملي ڪنهن کي ته۔ هلائي سياسي اثر
ڪم نہ ڪن پيو مُلڪن لءِ۔ جو احساس رکن ڪمتر
تہ افسر سوا نہ عزت ٿيندي۔ پيو بلڪل آ بدتر
پَر جي صحيح سمجهن علم کي۔ تہ پوين هوند خبر
۽ ٿِيَن ڪڏهن ڪين ڪي۔ سي پڙهيلَ دربَدر
افسوسُ انهن جي حالَ تي۔ جن پڙهي نہ پَروڙيا اکرَ
کهڙي کُليل ڪريان خبر۔ "مائلَ" اِنَ مذڪور جي.

❊

28 اپريل 1975ع، هالا

## بيت

گريڊن لءِ گهٽئي تا۔ خواهشون رکن خوب
تہ ويهي وڃي آفيس ۾۔ ڄمايون ڪو روبُ
۽ ڪريون زدو ڪوبُ۔ اسٽاف، عوام آفيس ۾.

❊


28 اپريل 1975ع، هالا

شاعر





حاجي مصري ڪاڪا 'مائل سروري'



کابي طرف مخدوم سعيدالزمان سائين ۽ ساڄي طرف مخدوم جميل الزمان سائين، مصري ڪاڪا 'مائل سروري' سان حيدرآباد ۾ فوٽو ڪيرايو. ڪين سائين طالب المولىٰ جن جي حڪم تي گهمائڻ وٺي ويو هئس.



قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ مخدوم محمدزمان 'طالب المولىٰ'. 1970ع واري اليڪشن ورڪ دوران ٽائون ڪميٽي عمرڪوٽ ۾ چانهه پيئندي. پر ۾ پير علي بهادر شاهه مصري ڪاڪا ۽ ٻيا بيٺل آهن.



سائين مخدوم امين 'فهيم' پر ۾ ننڍڙو مخدوم شفيق الزمان ۽ ان جي پر ۾ مخدوم رفيق الزمان. شفيق سائين جي پويان مخدوم خليق الزمان، قربان علي شاهه عرف گونگو شاهه، ٽوپلي سان پر ۾ پير علي بهادر شاهه، ان جي پر ۾ علي احمد شاهه 'ساقي'، ڪُراڪلي پٽڪي سان پير منظور، پر ۾ مصري ڪاڪا 'مائل سروري' ۽ ان جي پر ۾ حبيب الله بيٺل آهي.

نوٽ: هي فوٽو قليچ بيگ ورتو هو 1965_2_8



سائين مخدوم امين فهيم ۽ حاجي مصري ڪاڪا 'مائل سروري'




مصري ڪاڪا 'مائل سروري' ۽ مصري فقير 'مخمور سروري'




قبلہ مخدوم محمدزمان 'طالب المولیٰ' سائين پنهنجي فرزندن ۽ پوٽن سان گڏ



وزيرِاعظم پاڪستان محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ بروز اڱارو تاريخ 11 ـ جنوري 1994ع هالا هاءِ اسڪول ۾ منعقد ڪيل عظيم
روحاني پيشوا، شاعر ۽ اديب قبلہ مخدوم محمدزمان 'طالب المولىٰ' سائين جن جي پهرين ورسيءَ جي موقعي تي حاجي مصري
ڪاڪا 'مائل سروري' کي سماجي خدمتن جي اعتراف طور طالب المولىٰ گولڊ ميڊل ايوارڊ ڏيئي رهي آهي. گڏ بيٺل: سيد عبدالله
شاهہ، مخدوم امين فهيم، حڪيم محمد سعيد، مخدوم جميل الزمان ۽ ٻيا نظر اچي رهيا آهن.



چيئرمن ميونسپل ڪميٽي هالا مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘، مصري ڪاڪا ’مائل سروري‘ کي هالا ميونسپل لاءِ بهتر ڪم ڪار سرانجام ڏيڻ تي ميونسپل طرفان تعريفي شيلڊ ڏئي رهيو آهي. بتاريخ 27_3_1991



مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ ايم.پي.اي جن کي حاجي مصري ڪاڪا ’مائل سروري‘ سنڌ جو نقشو جيڪو شاهه لطيف جي بيت ۾ نڪتل آهي، ڪين سندن بنگلي ۾ تحفه طور ڏيئي رهيو آهي. بتاريخ 11_1_1998



سائين مخدوم جميل الزمان، حاجي مصري ڪاڪا ’مائل سروري‘ ۽ ٻيا



سائين مخدوم جميل الزمان ۽ حاجي مصري ڪاڪا ’مائل سروري‘ پنهنجي فرزند
طفيل سان گڏ




قبلا مخدوم امين فهيم، مخدوم حبيب الله، وڏيرو شاهنواز جوڻيجو، سيد علي احمد
۽ حاجي مصري ڪاڪا 'مائل سروري' هالا ۾



ساڄي کان اسسٽنٽ پروفيسر اختر علي قريشي، وچ ۾ سيد قمر رضا رضوي
پرنسپال ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو، کاٻي کان حاجي مصري ڪاڪا 'مائل سروري'




ساڄي کان مصري ڪاڪا 'مائل سروري' ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو لئبرري ۾ "طالب المولیٰ" ڪارنر لاءِ ناياب ڪتاب ۽ تصنيفات طالب المولیٰ تحفي طور پرنسپال کي ڏئي رهيو آهي. جنهن ۾ ڪاليج جا خاص استاد پڻ نظر اچي رهيا آهن. بروز جمع 1997_12_19





ساڄي کان وائيس پرنسپال مسعود دراني، حاجي مصري ڪاڪا، پرنسپال سيد قمر رضا، پر ۾ ڪيڊٽ راجه سهيل احمد کي "ديوان طالب المولیٰ" ڪتاب ڏئي رهيو آهي. پر ۾ پروفيسر اختر علي قريشي (انگلش) ۽ پروفيسر محمد سليم سهتو (سنڌي) بروز جمع 1997_12_19






سائين مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' طرفان حاجي مصري ڪاڪا کي تحفي طور ڏنل پارڪر پين.

## بيت

پڙهيل گهٽائي جُوا ڪندي- آتم اکن ساڻُ ڏٺا
تاش ڪيڏڻ پتّن لءِ- اچو پاڻهي تين ڳڻا
شرطن واري شِرَ ۾- رُڳو مَحوُ رَهن مِٺا
روز رَهن ٿا رَمِي سي- تانءِ ۾ تيڪيو پُٺا
تفريح ڪرڻ لءِ پيا ٻہ ڪم- گهٽئي اَهن سُٺا
پَرَ توجهہ نہ تِن جو اُن ڏي- رڳو ناهن هڪ ٻي چِٽا
اچي وَٽن ڪو اوچتو- تہ نهارين نہ نهٺا
مِلن نہ تنهن سان محبت مان- جلديءَ مان جُوٽا
۽ سمجهن تہ آهن خيال تي- بارَ جا ڪئين ٻٽا
لڄائين پيا لُوٽا- اينهين پنهنجي علم کي.

❋

5 اپريل 1975ع، هالا

## بيت

پڙهيل ڏِٺا اتم اکن سان- ڪيڏندي جوُا
گُذري نہ تن جو وقت ٿو- تنهن رهڻ راند سَوا
آهي رَمي تيئن راندين ۾- جيئن وٽن منجهہ لَوَا
جيئن پَکِن ۾ هنجَن اڳيان- هُو ڪارا اَچا ڳوَا
تيئن راندين ۾ هيءَ راند آ- ۽ نِڪمِي کڏين نَوَا
رُڳو وِيئي چِڙَن هَوا- صحت نہ سُڌري تنهن سان.

❋

5 اپريل 1975ع، هالا

## عنوان: مُلا ۽ موالي

### بيت

مُلڪ اسان جي ماڻهن ۾ـ رهن مُلا، موالي
هِڪڙن حُجتَ مسجد سان ـ ٻيا پِيَن ٻَنگَ پِيالي
هِڪڙا ڳَنڍِنا، ڪولاپا وجهن ـ ٻيا ڀِراڻ سان ٻالي
هڪڙا گيڙُوءَ غرق ڪيا ـ ٻيا فرقن في الحالي
هِڪڙَن ٻِرهُ نہ آهِ ٻانگُ ۾ـ ٻين ملاري آلي
نهڙُ نِفرت نيو تن ڪي ـ ٽِيَن هڪ ٻي دَلالي
موالي محبّت دمُ هڻن ـ مُلا چوَن خالي
هِڪڙَن دل ۾ درد آهِ ـ مَنَ ۾ ئي مالي
ٻيا نعرن مَستَن سان ـ ٿا ٻنجن سُوالي
سمجهن نہ هَڏِ سائين جي ـ قدرت، ڪَمِ خيالي
پيو ڏسي ڏيهن جو ڏٺي ـ جو جهانن والي
جو قادر ربّ قدير آهـ ـ جبارُ جلالي
"مائلَ" مثالي ـ محبّت نہ رکن من ۾.

⊙

1976ع، پليڏنو ڪاڪا

## عنوان: ڊاڪٽر

### بيت

ڊگريون وٺي ڊاڪٽر۔ ٿا ٿين ٿوري وقت ۾
پڙهڻ واري پيرڊ ۾۔ گهمن آپريشن ٿيٽرَ
سهي نہ سِگهن تشخيص ٿا۔ رُڳو ظاهر پڙهن اکر
جي وجهن گهڻي غور سان۔ مريضن تي نظر
۽ چيڪ ڪن هو چاهَہ مان۔ تہ پوين ڪا خبر
تہ مطمئن ٿِيَن مريض پو۔ ۽ ڪن دوائون اثر
پري ايهين نہ اچ ڪلهہ آ تڏهن۔ تہ مريض دربدر
مذڪور ان منظر۔ کهڙا چئي کهڙا چوان.

⊙

### بيت

ڪي ڪي ڊاڪٽر تن ۾۔ آهن پڻ چڱا
جي ڏسن چاهئون ڪٽيو۔ ڪنهن ڪي هِڪَ لِنگا
تہ مريض ان کان مطمئن ٿيو ڪن اُنَ وت وڃڻ لءِ وڃا
هر طبقي ۾ چڱا۔ "مائلَ" ماڻهو آهن مُلڪ ۾.

⊙

12 اپريل 1975ع، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس، حيدرآباد

## بيت

ماڻهن ۾ مال جا ٽيا۔ حڪيم ڊاڪٽر
ڪي جسماني، ذهني مرض جا۔ ٽا اڪثر پڙهن اکر
ڪي ايڪسري مشينون سِڪَن۔ ڪي آپريشن ٿيٽرَ
ڪي ليبارٽري ٽريننگ سان۔ ڪي هوميوپيٿ حڪمت اندر
ڪي نفسيات ۾ ٽا ٽِپَن۔ مورهئون مچي ماهرَ
ڪي علمياتِ روحاني پڙهن۔ ماڻهن لاءِ موثر
پرَ ڀلاج نه ٿي اڪثر۔ "مائلَ" علاج محبت جو.

⊙

12 اپريل 1975ع، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس، حيدرآباد

# عنوان: قومون ۽ انهن جا وڏيرا

## بيت

وڏيرن ويچارُ- رُڳو آهي اقتدار جو
غلط رَوَيو راڄن سان- ٿا تڏهن ڪي اختيارُ
سنوتِ نٿو ڏين جي- ڪو هاري يا ڪمدار
ته سؤ ڏهين ۾ چالان ڪرائي- ڪن پيدا ان لءِ آزارَ
۽ عادتون انهن ۾- بُريون بيشمارَ
چوريون ڪرائين چاهَ مان- هوڏي تي هوشيار
آزارين عوام ڪي- سندرو ٻڌي يارَ
خلق خدا جي خدمت جو- اٿن نه اندر آچارُ
خوف نه رکن خدا جو- جو واحد القهار
غلط ارادا انهن جا- مالڪ ڪر مُردار
چڱين وِجهين چِٽَ ۾- سولو ڪرين ستار
وري اچن واٽَ تي- اخلاق ڪن اختيار
مدعا مون ”مائلَ“ جي- قبول ڪر ڪلتارَ
هي عوام تان آزار- تون قادر لاهِج ڪرم سان.

⊙

## بيت

وڏيرن ڪي وَٿ۔ رڳو آهن اقتدار جا
غريبن حق غضب ڪري۔ ڄُوڪا هٽن پيا جهٽَ
پنهنجي پَڳَ بچائڻ لءِ۔ ڳن ڏاڍي ڏاڙهيءَ پٽ
اڪين تي اوندهه جا۔ چڙهيا اٿن الَٽَ
ڏسن نہ ڪنهن جي ڏکن ڪي۔ رڳو پئسي جي اٿن پَٽَ
مسڪينن سان "مائلُ" چئي۔ ڪن ٿا سوڙهيءَ گهُٽَ
پرورُ هٽي پَٽَ۔ سمجهائين ستار تون

## بيت

مسڪينن اڳيان "مائل" چئي۔ مورئون رکن مَٽَ
چون چڱا مُڙس آهيون۔ آهِ اسان تي پَڳَ
عداوت اخلاق سان۔ رکي ٿيا الڳ
هلن هر وقت وٺيو پيا۔ دوکي سندا دڳ
انصاف کي انڌا اهن، اڇي ڦِريا آهن اڳ
خلقِ خدا جي خدمت لءِ۔ رَهين نہ سائي رَڳَ
لعنت ڪرين لوڪُ پيو۔ اَهِن جيئرا منجهہ جَڳَ
"مائلَ" چئي اِيَ مَڳَ۔ ڪوڙَن رهندي ڪيتري

⊙

## بيت

چٽَ ۾ چٽائن- سچو وقت ٽا ساڙَ ڪي
ڪنهين وير قلب ۾- قربُ نہ ڪمائين
ذهني طور ذليل ٿي- سب ڪنهن ستائين
قرب محبت پيار جون- نہ ڳڙهاٽيون پائين
فتني ۽ فساد ڪي- پاڪر وڏا پائين
احسان ڪري ڪنهن ڪي- نہ پنهنجو بنائين
جي چڱو ساڻن ڪو هَلي- تہ ڪمزور ٿا پائين
بد نيت بيڪار سي- پيا وقت وڃائين
بچڙا پنهنجا پارَ پيا- لوڪئون لڪائين
ريّا وار فيصلا- زوريءَ مڃائين
سي لعنتي لوڪ ڪي چاهئون نہ هڏ چاهين
۽ مسڪينن تي مورهئون- روبَ بہ ڄمائين
ڪريم پنهنجي ڏي قرب مان- ڪُڏا نہ ٿا ڪاهين
آب اَڪِن مان عجزَ جو- وِلها نہ ڪي واهين
شرافت ڪي شرير سي- پاٽان دفنائين
پو بہ وڏيرا پاڻ ڪي- چاهئون چوائين
ڪُڏا ڪرتوت پنهنجا- پاٽئي پڌرائين
"مائلَ" تن جي من ۾- حيّا، شرمُ ناهين
ڪريم ڪهڙي پروا- پيا پاڻ منجهان لاهين
پُليل هِيئن پائين- تہ آهيون اسين ٿي مُلڪ ۾.

⊙

### بيت

قومَ پنهنجي لءِ قرب جو۔ لُوڻن نہ آهِہ لڳاءُ
وڏيرپ جو روز ڪن۔ بلڪل وڏو بچاءُ
جي اکيون پٽين اندر جون۔ تہ سَڙين پوي سماءُ
درد دنيا جو اٿن۔ گهرو اندر گهاءُ
سڏائين ٻاهر سيرُ ٿا۔ پر پِرتِ نہ اندر پاءُ
حسد، هَوسَ جو لڳي۔ اهڙو ڪو ويُنُ واءُ
جو تورو ڏجين تو ڪٽي۔ طلبن وارو تاءُ
تہ عقلئون وڃن آئوٹ ٿيو۔ ۽ سڌُ نہ رهين سماءُ
سِڪَ نہ رکن سَرِيرَ ۾۔ جو ڪنهن کي اچي ساءُ
لوڻن منجهان لاءِ۔ مورهئون ويو "مائلُ" چئي.

30 جنوري 1977ع، ڊاڪٽر رشيد جو گهر، پليڊنو ڪاڪا

### بيت

ڪاڳن واري قوم جو۔ آهِہ حافظ هاڻ خدا
هيءُ تنظيمون رڳو تن جون۔ رُڳو نلها آهن ڪوڪا
عهدَن تي آڪڙجيو۔ رڳو وڙهن پيا
انصاف نہ رکن اندر ۾۔ رڳو رکن رِيَا
مَڇن جي مثال جيئن۔ ٿيا آهن ڪِڪا
مولا وجهين من ۾۔ هاڻي چڱي ڪا
تہ خدمت ڪن ڪا خلق جي۔ اُتم آهي جا
ڪلفت ڪڍين قلب مان۔ تہ سائين ٿين سَوَلا
محبت ملي ڪن پاڻ ۾۔ ڪڍُ رُلن جا رولا
جو "مائلُ" چوي مولا۔ تون قادر آهين ڪُلَ جو.

12 اپريل 1975ع، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس، حيدرآباد

## بيت

هجيوَ لعنت لوڪ جي۔ ۽ جيئري ٿيو مُردار
پاڻ ٿي پنهنجي پاڻ ۾۔ سڙيا هجو سنگسار
جو "مائلَ" مون مسڪين لءِ۔ خالي ڪائو خار
الله سائين آئوَ۔ واحدُ الُقهار
تورا ڏينهن مون ڪي۔ ٻه آهي انتظار
وقت گذري گواه ٿي۔ پڌرا ڪندوَ پار
"مائلَ" مون مسڪين جو۔ آهي مولا مددگار
جو جلّ جلاَل جبّار۔ قادر آهي ڪُلَ تي.

17 مارچ 1975ع

## بيت

"مائلَ" مون مسڪين جو۔ آهي حافظ هو خدا
موڪل اوهان مڙني ڪي۔ آهي هاڻ ادا
ڪنئي تہ اوهان جي ڪانہ مون۔ اجا آهي هَڙَ ڪا
جو غلط ڳالهين تي لڳي تا۔ ڀُليل ڪائو ڀِڙڪا
چوان تو چِتِ چڙهي۔ سچي ڳالھ صفا
تہ مون ڪي ڪيو مولاَ۔ آهي مٿانهون مِڙِن ڪان.

⊙

17 مارچ 1975ع

## بيت

جنهن جي سائين ڪندو سولي- تنهن کي ڪنڌؤ ڇا
اوهين اجايو دل ۾- سڙيا سوچيو پيا
"مائلُ" چوي مُرم ڪريو- انڌا ڏسو نٿا
اکيون وڃيو پورجي- جهڙا نابينا
حسد ۾ هَجي ڪري- سَڙو ٻرو پيا
مون تہ ڪڏهن ڪانہ ڪنئي- اوهان جي هَڙَ ڪا
جو دل ۾ اوهين دڙڪا- ٿا مارڻ جا ڏيو "مائلَ" کي.

⊙

17 مارچ 1975ع

## بيت

قدرت جنهن جو ڪم ڪري- تنهن سان ڀُڇندو ڪيرُ
دُشمن ڀلي دِل ۾- ڪني ڪيڏو رکي ويرُ
ڪِي بہ نہ ڪري سگهندو- جو هُن جي مَن ۾ ميرُ
الله سائينءَ وٽ دير آهِ- پر ناهي يار انڌيرُ
ذليل ڪري تنهن ظالم کي- ۽ پَٽِ نہ ڇڏيس پيرُ
توڙي هجي پاءُ يا- توڙي هُجي سيرُ
جو پَروَرُ پاڻ نبيرُ- تو "مائلُ" ڪري تنهن ماٺهوءَ سان.

⊙

17 مارچ 1975ع

## بيت

سا قوم رهندي قرب سان۔ جنهن ڀَلو مِلي يوتارَ
ويهو پنهنجي پاڻ ۾۔ ڳن انصاف سان آچارَ
۽ ڳن جو ڪچهريءَ وچ ۾۔ هِڪ ٻي قول قرارَ
پورو ڪن تا پاڻ ۾۔ ڪريو انتظارُ
اخلاق اهڙي سان هَلن۔ جو وٺي نہ پوين وارُ
جو آهي هَر ڪنهن ڳالهہ جو۔ انصافَ تي آڌارُ
انصاف ري نہ اڳتي وڌي۔ قومن جو ڪردارُ
"مائلَ" پو معيار۔ ٿو مِلي تن کي مُلڪ ۾.

19 ڊسمبر 1976ع, ڳوٺ مارُو ڪاڪيپوٽا, تعلقو ڳڙهي ياسين, ضلعو سکر.

## بيت

پيا آهن هر قوم ۾۔ اجا تخريب ڪار
تن بُرن جي براين جون۔ آهن عادتون اِظهارُ
طرف تن جو سو وٺي۔ جيڪو رِيا ڪار
سچا نہ ساٿي تِن جا۔ جو آهن سمجهدار
جي پابندي اُصول جي۔ ڪن ڳڏجي سڀ اختيارَ
تہ ويتر ويچا نہ ٿين۔ پيار رهي رڳو پيارُ
ائين قومن جو ڪردار۔ "مائلَ" وڌي ٿو ملڪ ۾.

19 ڊسمبر 1976ع, ڳوٺ مارُو ڪاڪيپوٽا, تعلقو ڳڙهي ياسين, ضلعو سکر.

## بيت

قومون ڪن جي قُربُ- محبّت "مائلَ" پارَ ۾
۽ رکن سدائين هڪ ٻيءِ- جو احترام ادبُ
نيّت ڪوٺيءَ جو نہ ڏين- هڪ ٻي ڪي سَبَبُ
اندر رکن اخلاق ڪي- جيئن مسلم چوي مذهب
تہ راضي مٿن رسولؐ ٿئي- ۽ ريجهي پوين ربّ
۽ ٻائيچاريءَ ٻلبُ- روشنُ رهين رَحمتَ سان.

⊙

19 ڊسمبر 1976ع، ڳوٺ مارُو ڪاڪيپوٽا، تعلقو ڳڙهي ياسين، ضلعو سکر.

## بيت

پنهنجي تو پناهَ ۾- جنهن کي الله رَکي
تہ ڊولُ ڏِکيس اهڙو- جو لوڪ نہ ڪڍهن لَکي
۽ دونهون سندس درد جو- تو دِل ۾ تنهن دُکي
جيئن چمڪي چوڏهينءَ چنڊ تو- ٻِرهَ ۾ تيئن ٻَکي
۽ دم دم سندس ديدار جي- سو چاهئون چاڻ چَکي
جنهن کي سائين سنڀاليو سِڪَ مان- پرواهہ ڪهڙي تنهن کي
جو عشق سندس ئي ان جي- پيو پهرين ڏينهن پُکي
اهڙي عطا الله جي- تيندي آ تنهن کي
اصل نہ تيندي اُن کي- "مائلَ" محتاجي ڪنهن جي.

⊙

## بيت

ڪهڙي طرح ڪاڪي ڪي- تا چريو اوهين چئو
ڪپڙا ڦاڙي گاريون ڏي- يا ڪُڇاڙو تس ڪِئو
يا ڪنهن سا بي واجبي- ادا ڪري پئو
يا اوهان مان ڪنهن جي- ڪا ڪائي آ هَڙَ وِئو
ڪهڙي خبر اوهان ڪي- تہ ڇا ٿَس ٿئو
جي ڏسو اندر جي اکن سان- پائي ڪو لِئو
تہ هي مَستي محبّت ۾ مَچي- جيئري آهِ مُئو
۽ مَرڻ بعد حيات وٺي- جَجهو آهِ جِئو
جي آن هوند پيچ پِئو- تہ مُوڙ نہ چئو ها "مائلَ" ڪي.

16 فيبروري 1975ع، ملير ڪينٽ ملير هالٽ ڪراچي.

## بيت

ڳڏي واري مرد ڪان- ڪري هرڪو ڳَئُہ
بي هَمت ماڻهوءَ ڪان- بلڪل نہ ڪنهن کي پَئُہ
هِمت وارو هر ڪنهن ڪي- ٽُرٽئون ڏي تو ٿَئُہ
غُرور ڳري جيڪو- تہ ماري اُن جو مَئُہ
جو الله سائينءَ سان ان جي- لڳل آهِ لَئُہ
اندرُ رهيسِ ايئن ٿو- تہ پيرين نہ ڪنهن کي پَئُہ
چوي پنهنجي پارَ ڪي- تہ سچُ سڀن کي چئُہ
قلبئون پنهنجي ڪريمَ وٽِ- نياز منجهان ٿي نَئُہ
ڪڏهن نہ وِڪِجي ڪنهن وٽِ- ڪٽي ڪِروڙُ ڏي ڪو سَئُہ
جو ربّ انهي کي رمزُن جو- ڏنو اهڙو رَئُہ
تڏهن جوشن منجهان جئُہ- مُوڙ نہ هتي تو "مائلَ" جو.

16 فيبروري 1975ع، ملير ڪينٽ ملير هالٽ ڪراچي.

### بيت

مردُ انهي کي ميججي- جيڪو رَکي گڏو
هَلي ونِس اچي ڪو- تہ لَجائي نہ ٿڏو
دشمن دسي ائينءَ ٿو- جو جُهريس هَڏو هَڏو
ويتر وڙهيو تنهن سان- ڪٽائيس لَڏو
چون تہ مڙس تہ ڦڏو- نہ آهي جيءَ جڏو
"مائلَ" سوئي مُلڪَ ۾ سَڏِجي ٿو وڏو
باقي اَڪِرنِ جو گُڏو- ڪم نہ ايندو ڪنهن کي.

15 فيبروري 1975ع ڪاٽن ڪارپوريشن 11:30 بجہ صبح، ڪراچي

### بيت

ظالم سڀ زبونُ- قادرَ ڪر تون قهرَ سان
مِڙِني تي "مائلَ" کي- مولا ڪر مَسِنُون
جنهن کي تنهنجي طلب جو- جيءَ ۾ آهِ جُنون
سو محبّت ۾ مَفِتون- آهہ روز اَلستَ کان.

12 محرم الحرام 1395هجري، هالا

### بيت

"مائلَ" مون مسڪينَ جي- پَرورُ آهي پُٽِ
ڪيرُ بہ پَٽي نہ سگهندو- هاٿي منهنجي مُٽِ
ريَا ڪارن ۾ ڪُوڙَن سان- جوڙِي ڪندسُ جُٽِ
جو لالُ ڏني آ لَٽِ- مون کي محبّت مستيءَ جي.

1 صفر 1395هجري، 13 فيبروري 1975ع، فضل الحق سومرو سيڪشن آفيسر فنانس ڊپارٽمينٽ وٽ، سنڌ اسيمبلي بلڊنگ، ڪراچي

# عنوان: ڪاڪن واري قوم

## بيت

ڪاڪن واريءَ قوم کي۔ گڏُ ڪيو "چُنڻي پيرَ
جو نَيو پرهندو نمازَ هو۔ متي درياءَ سِيرَ
جنهن کي الله ءِ مُرشد جي۔ هُئي اندر ۾ اُڪيرَ
نائين 900 صديءَ جي سَنَ ۾۔ اَڪمَل تنهن اڪثيرَ
وِرچُ ڏِني تنهن کي وليءَ۔ نِرمَلَ نوحؒ فقيرَ
آهن غوث حق جا۔ "مائلَ" مِير مُنيرَ
ٿَنين ئي تَقديرَ۔ بَدلائي آ يَالَ ڪري

⊙

11 ڊسمبر 1976ع، 19 ذوالحج 1396هجري، ڇنڇر شام، آچر رات پليڏنو ڪاڪا

## بيت

ڪلو نو ڪِيائين قَربَ سان۔ پِرتِ هَٽي پادَرَ
اِشارو اُلفت سان۔ تنهن نِرمَل ڏنو نَرَ
”ميان چُنا“ مُور نہ وِهيئي۔ قومَ انهيَ اَڪرَ
ديهہ پينگهارو ڪاڪا ۾۔ سي ويتا ڪري گهَرَ
پينگهارو رَعيتي ۽ لَڙهَہ جا۔ ڪِن ورتا وِچي بارڊر
چَپَر خان ديهہ ۾۔ ڪي ويتا ڪري وندرُ
ڪِن اِهانجو جمالي ديهن ۾۔ جوڙيا مَنهَن منظرَ
چوڏهن آهن ڳوٺ۔ ۽ بيا ڇڙوڇڙ گهَرَ
سَتَ راڄي پٽي سڏجي۔ سا اندر ۽ ٻاهر
تپو پينگهارو تعلقو هالا۔ ضلعي حيدرآباد اندر
پڏرا اُنهن ڳوٺن جا۔ آهن انگ اڪرَ
سندُ سڏين تنهن صوبي کي۔ جا ڪُلِيَل آهِ خبرَ
جنهن کي بابُ اسلامُ ڪيو۔ ذُريتُون آ داوُرَ
جِي آل جئي پٽي، جيئندي۔ جنهن قائم ڪيو قادُرَ
سَتَن پاڙَنِ مان وڏي۔ ويڙها ويا آخر
تنهن جي سُجاڻَپ لِءِ۔ رکيئون نالا نِشانبرَ
خبرَ پنهنجي ڪُرَ۔ ”مائلَ“ هيءَ منظُوم ڪئي.

⊙

11 ڊسمبر 1976ع 19 ذوالحج 1396هجري. ڇنڇر شام آچر رات پليڏنو ڪاڪا.

### بيت

وڏو پاڙو تا چون- ڀھرئين "عيساڻي"
"سيتار"، "ڳاھا" گڏ تيا- اُنھن سان ساڻيِ
"مَرڪِيو"، "اڳھَر" بہ گڏ تيا- گڏيِن "شريفاڻِي"
"سِيراجَ"، "فقيرَ" پاڻ ۾- ۽ گڏِيَن "ڪگِڙاڻِي"
پوءِ "چَنيسَرَ"، "ٻُوڪَ" هئا- ۽ ٻِئا هُئا "ڪاراڻِي"
باقي "قاسِماڻي"- وينا هئا وِچ تي.

⊙

### بيت

اُتر "پليڏني" ڳوٺ ڪان- "قاسمُ"، "خدا بخشُ"
ذڪرڻ "پير بخشُ" ۽ "بيگُو"، "بَچلُ" تنھن پَرِ ۾.

⊙

### بيت

اُلهندي اسان جي ڳوٺ ڪان- آهن "سيراچون"، "قُل"
اُيرندي "مُنڊو"، "دِلاور" تيا- "پَريو"، "خيرو"، "بچلُ"
تو "بچلُ" سڏجي "ميان چُتو"- جِتِ آهِ اسان جو اصل
چِروچِڙ اوڏيءَ چَڪِ ۾- ۽ "ڪگِڙاڻِي"، "ڪارو" ڪُلِ
"مائلَ" هليلُ هُلُ- جھجھائيءَ جو جُوءِ ۾.

⊙

11 ڊسمبر 1976ع 19 ذوالحج 1396هجري، ڇنڇر شام آچر رات پليڏنو ڪاڪا.

## بيت

ٽُرٽُ ناهي تنظيمَ تو۔ بَد نيتيءَ سان بيڪارَ
پَڌِرا پهرين ڏينهن هُئا۔ پِٽيَلَ سنڌءِ پارَ
پنهنجي پَڳَ بچائڻ لءِ۔ چٽُ تي وچايئي چارَ
سُتو پيو هئين پَلنگَ تي۔ منجهيلَ جيئن مُردار
قومَ سڏڻَ ۾ ڪُڏا رکيئي۔ رُڳو ساهيٺَن سارَ
غَريبن ڪي سڏڻ جا۔ اندر نہ آيئي آچارَ
جو تو سمجهيو رهندا۔ منهنجا انهن سان وقار
ڪاٺي پنهنجي تون وٺين۔ عقل ڪان ٺي مارَ
يا مورهٺون موڙهل ڪي مليئي۔ غلط صلاحڪارَ
ويجها پنهنجي پاڻ ڪي۔ رکيئي اهي ٺي يار
۽ تنهنجي هلڻ جا انهن جي۔ مَشوِرَن تي مدارَ
جن ويجهو اچڻ نہ ڏنئي۔ سُلجهيلَ سمجهدارَ
جن جي نظر ۽ قلب ۾۔ قومي هٺا معيارَ
۽ مرشد سنڌي محبت جي۔ تن ۾ هُيَن تارَ
تِن ڏنا توکي ان ڏينهن هٺا۔ اهڙا ٺي اقرارَ
تہ ڪمُ ڪندي جي قوم لءِ۔ تہ ڪُلهو ڪُلهي ۾ يارَ
انهن جي هي اندر ۾۔ اڳئي هٺا آزارَ
تہ ڪماليت جا قوم ڪي۔ پَسايون ڪي پارَ
حالتون اهڙيون هيون۔ سچ پچ تہ سازگارَ
جو آيا البت انهن ڪي۔ بہ اُن تي اعتبارَ
۽ خوش تي ڪيئون وقت جا۔ ويٺي انتظارَ

پَرَ گُذري وقت گواهَہ تي- پَڌِرا ڪيوَ پارَ
ظاهر تي هَر ڳالهہ وئي- تي فاتح ويا سچارَ
مِلي ويا آهن خَاڪ ۾- ڪوڙَن سندا ڪارَ
جو ڏنو هر ڪنهن کي پئي- سائين ربّ ستارَ
"مائلَ" پڌِرا ملڪ ۾- مرد مٽيادار
ڳالهيون تِن ڳٽين تا- وريو وريو ويجهارَ
جو قادر ڪُل مختيار- مَرهِيُن محبّت مان ڪٽي.

⊙

11 ڊسمبر 1976ع 19 ذوالحج 1396هجري، ڇنڇر شام آچر رات پليڏنو ڪاڪا

نوٽ: هي بيتُ علي بخش ڪاڪا جيڪو اُن وقت اسسٽنٽ ڪمشنر هالا هو ان ميٽنگ قوم جي سڏائي هئي. جنهن بابت منهنجي نظر ۾ جيڪو هو مون هِن بيت ۾ لکيو آهي. "مائلُ سروري".

## بيت

ميتنگن مان مُور۔ ماٺهو نہ تهن مَلڪ جا
جيسين نہ ڪڍبو قلبن مان۔ فِتنو ۽ فُتورُ
۽ ايجنبا ۾ انهن جي۔ رکبو نہ نيت نُورَ
تہ ويتر ويڙهائيندين پاڻ ۾۔ ۽ ٿيندا هيڪ ٻئي دُور
ڪج بخشش، ريَاڪارن ۾۔ ويندو وقت ضرورُ
۽ هر ڪنهن کي رهندو۔ پنهنجو پنهنجو سُورُ
ايندو نہ ڪنهن جي قلب کي۔ سچو ڪو سُرورُ
نيّت رکبي نيڪُ پوءِ۔ ڪندا سڀِ منظورُ
۽ صحيح سوچُن جو سَرِيَر ۾۔ پل پل رهندُن پُورُ
ويندو تِن جي وجود مان۔ غِيبت ۽ غُرورُ
هر هِڪُ "مائلَ" رهندو۔ محبت ۾ مسرورُ
پوءِ بارُ جُوانُ ۽ جُهورُ۔ خوشيون ڪندو پيبو خلقَ ۾.

⊙

11 ڊسمبر 1976ع
19 ذوالحج 1396 هجري
ڇنڇر شام آچر رات پليڊنو ڪاڪا

### بيت

جنهن قوم ۾ ڳيڙ ۾، آهي نہ انصافُ
تيندي هِڪَ ڏينهن وڃي، آخر اُها آف
”مائلُ“ چوي اي ماڻهوئا، تو سچ پچ چوان صافُ
لوڪو ناهي لاف، ٻُڌو هِينئين جي ڪنفن سان.

⊙

11 ڊسمبر 1976ع
19 ذوالحج 1396هجري
ڇنڇر شام آچر رات پليڊنو ڪاڪا.

### بيت

نہ ڪَنِ نہ سَهَن، نہ ڪي ڏِيَن ڏَڍُ
پاڻان وِڃهن وَڏُ، اچو ”مائلَ“ مَنَ ڪي.

⊙

11 ڊسمبر 1976ع
19 ذوالحج 1396هجري
ڇنڇر شام آچر رات پليڊنو ڪاڪا.

## بيت

عَادِلَ نام الله جو، اُن سان گڏُ حڪيمُ
قادر خلقِي قدرت آ، هو آهي پاڻ عظيمُ
محبّت ۾ جو مولا جي، رهي مستقيمُ
تہ وَهَبَ انهيءَ کي واحِد ڏي، رازق ربّ رحيمُ
نظرَ انهيءَ تي نُورَ جي، ڪري نبي ﷺ ڪريمُ
مولا ڪري محبت سان، اُن جو قلب سَليمُ
هِنَ جهان ۾ هلڻ لءِ، فائق ڪريس فهيمُ
پاڪَ عشق جي عِلم سان، غفّار ڪريس غنيمُ
قادرُ سائين سان، پنهنجو ڪريس ڪليمُ
رهيس پنهنجي ربّ ڏي، اندرُ سدائين عليمُ
قادر ٻسائين قدرت تو، جيڪا آهي قديمُ
نوازشن ساڻُ نعيم، "مائلَ" ڪري تنهن ماڻهوءَ کي.

## بيت

جو ماڻهو پنهنجي مولا سان، من ۾ رکي محبّت
تہ ڏسي پنهنجي پاڻ ۾، الاهي عبرت
تہ قادر رکي آ قلب ۾، ڪيڏي وڏي قدرت
ناهِي هِڪَ هندّ ڪيئن آهہ، فائق هيءَ فِطرت
حقيقت ۽ معرفت، گڏجي رهن تيون دل ۾.

⊙

11 ڊسمبر 1976ع 19 ذوالحج 1396هجري، ڇنڇر شام آچر رات پليڏنو ڪاڪا.

## عنوان: ٿر جو سفر

### ڏهر

اڪمَل ڪي عرض ڪيو۔ هو علي بهادَر پيرَ
تہ ڪامل ڪيو قرب ڪو۔ والي وَرِنهَہ وِيرَ
هلو ٿَرَ ۾ ٿَرِن ڏي۔ جنين اندر آهِہ اُڪيرَ
مُريد مڙئي تنهنجا۔ آهن اُهي اڪثيرَ
اُن تي اڪمَل انئين فرمايو۔ مسند نشين مُنيرَ
تہ هاڻ انهن ڏي هلبو۔ "ونهيل" وِيرَ وزيرَ
پروگرام پَڪي ڪرڻ جي۔ ڪريو ڪا تدبيرَ
قادر قُربائتن جي۔ ڪئي موچاري تقديرَ
جو فيض يَرئي فقير۔ اچي پِٺَن تي پيرو ڪيو.

### ڏهر

پِٺُن تي پيرو ڪيو۔ قربئون اچي ڪامِل
حيدرآباد مان هليا۔ هئي پهرين جت منزل
گڏ هليا هئا گوهر سان۔ ڪيئين محبتي "مائلَ"
ڪلمي جي تنوار جا۔ هئا هيڪاندا هُل
اسٽيشن تي استقبال لءِ۔ هئا ماڻهو گهڻئي بيٺلَ
ڪي محبّتي ڪي مريدُ۔ ڪي سيڪڙو سائل
تي ريل رُڪي جنهن جاءِ تي۔ اتي اُن مهل
تي محبتي مڙيا اچيو۔ جن هئي ڪامل ڪُلَ
سلام ڪيئون تي سِڪَ مان۔ نمي ڪي نِرمَلَ
جن هئا هَارَ هٿن ۾۔ اُنِ پاتا اچي اُنَ پَل
صورت ڏِسيو سُهڻي جي۔ ڪي ٿئي تيا قائلَ
اهڙو طرح اڪمَل۔ ماڻهو مڙئي موڪِيا.

## ڏهر

ﭘِڙُن تي ﭘيرو ڪيو- ﭔَلي ڪري ياڻُ
سو سَن تيرهَن سؤ ستاآسي- هجريءَ وارو سالُ
تاريخ ڇهين ڏينهن خميس جي- سُڻي سوالَن سوالُ
مهيني شعبان ۾- اچي جڏن ﭘَسايئين جمالُ
سرورُ چڙهي سوارُ ٿيو- ٻُڌي هُتن حالُ
ته ههڙي هاديءَ جو هو- هلڻ وڏو محالُ
پر ڪاملُ ڪري ڪمالُ- ﭔلو ﭘِڙُن تي آيو.

⊙

## ڏهر

ﭔَلي ﭘِڙُن تي آيو- ساٿ وٺي سردارُ
حيدرآباد کان هليا- جتي هو ڪوڪڙا پارُ
تن ۾ خليفو خاص هو- هِڪُ سيّد سمجهدارُ
حاجي فتح الدين شاهه- جنهن جو ﭘَرمُ رکي ﭘَتارُ.

⊙

## ڏهر

جو مَڃي نه منهنجي مُرشد کي- سو بلڪُل بي ايمان
"مائلُ" تنهن مُرشد جو ڇا ڪري بات بيانُ
اُهو مُرشد مهربانُ- ﭔَلي ﭘِڙُن تي آيو.

⊙

## بيت

چيمُ انهن کي چِتو تي- تہ صلاح آهي سَوَلِي
ڪنهن توبچيَ تِکي ڪان- ڪا هَٽايونِ گولِي
يا پيرَ ڪٽي پڪو ڪري- ۽ گهَرايو ڪولهي
۽ حسابُ رکون هيءُ- جي ڳالهہ اٿو ڪولِي
فورن سمجهي سا وئي- خَفِتن جي ٽولِي
تہ ٻولي جا ٻولي- سا "مائلَ" ونو ميڙَ جي.

⊙

## بيت

اُتران هَٽَرُ پنجوڙَ جِي- ٽُرتئون ڪيون تِياري
اولهہ رسيُون ڪُتن جون- جي موچارا ماري
اوبڙ ڪڙو ماٺهن ڏيو- جنهن گهيري نہ هُجي گهاري
ڏَڪِڻان ٽَڙيونِ تاءَ سان- ڪري ڪُڙڪا ڪنگهڪاري
۽ فائز بندوقن جا ڪري- ڏُوڏَٽَ ڏَڏِڪاري
گهوڙَنِ پَلَن سوار ٿئا- چَڙهيلَ چؤڏاري
قاٽ ڪائن جو پوئتي- ڪجو هَڪَل هَاهَاري
تہ آخر لهواري- ڪندا رُخ رَسِيُنِ ۾.

⊙

## بيت

جي رَسيا رُخَ رَسِيُن جي- تہ ڪَپَ ڪائيندا تِن
ڪيڏي چيڏجو چوٽَ مان- اُنهي مهلَ ڪُتنِ
تہ مِلي مڙَئي انهن کي- هِڪدَم وِجي دَسِنِ
اُن ڪان پوءِ ونُن- ڪاري پوري ڪي.

## بيت

اجا ٻـ نڪرن نـ ٿمر مان۔ تـ ٻاهن ڪري ٻڄ
اتو باڊيءَ اهڙا۔ جيئن ٿِهاٽي وڄ
ٻُل ڏِين ٻيمان جي۔ تـ هٽِجون ڏٿا ۾ ڪڄ
جيئن ڪُتا آهِن سلهاڙِيا۔ ريڙهين ۾ سان رِڄ
تيئن ٿنگن سان گڏ پُڄ۔ ٻِلڪل ٻڌجو ٻيمان سي

## ڏهر

مهر ڪري ميهار تي۔ آيو سروري سُلطانُ
جنهن وٽ ”جُهڳليي“ ڳوٺ ۾۔ مُرشد ٿيو مهمانُ
تاريخ سورهين، آچر رات۔ ۽ مهينو شعبانُ
۽ سترهين سومر رات۔ ميهار هو ميزبانُ
نالو انهيءَ نِرمل جو۔ آهي محمّد زمانُ
سو سترهين پڳ سرور جي۔ شاهي جنهن جو شانُ
”طالب المولا“ تنهن کي۔ تو سڏي سڄو جهانُ
اهو ڪامل قريشي آيو۔ الله وارو انسانُ
صورت سندس کي ڏسي۔ آڻين ڪئين ايمانُ
”مائلُ“ ڪاڪا چا ڪندو۔ تنهن پُورل جو بيانُ
تو دليئون ڏي دانُ۔ سچن صديقي سُلڇڻو

## ڏهڙ

تنهن ٻلي ٻلا ٻالَ ڪري. سُرهو ڪيو سڀ ٿَرُ
جي سِڪيا سالن ڪان پئي. تن اجريو هاڻ اندرُ
اُهو اجهو ۽ آڌرَ. ٻلي ٻِٺُن تي آئيو.

⊙

## ڏهڙ

سچو صديقي سُلڇڻو. آيو موچارو مهمانُ
ڪنهن کي اِيءَ نہ ڪڏهين. هو رڳو وهمُ گُمانُ
تہ اڪمل ايندو ٱيَرن تي. ايڏو ڪري احسانُ
پر ڪامل آيو قرب سان. سائين سرتُ سجانُ
تنهن مرشد آئي ملڪ ۾. وَڏيو مريدن جو مانُ
تنهن وڻَ ٽِڻَ سيئي واسيا. ۽ خوش هر انسانُ
ٻِٺُن کي ٻَلو ڪري. تو سُرهاڻ ساڻ سُلطانُ
سا سُرهاڻ منجهس سائينءَ جي. جو صاحب ربّ سبحانُ
وصفون منجهس واحد جون. جنهن قادر مُڪو قرآنُ
جو مجي نہ منهنجي پِيرَ کي. سو بِلڪُل آ بي ايمانُ
"مائلَ" تنهن مُرشد جو. ڇا ڪري باتُ بيانُ
سو مُرشد مهربان. ٻَلي ٻِٺُن تي آيو.

⊙

## ڏهر

يلي پٺن تي آيو- سات وٺي سرورُ
تِن ۾ "بچُو راڄڙُ"، "لاڪو"، "رونجهو" ۽ "ڦوٽو" ذات ڪوڪرَ
"بابُو"، "لاَلو" مهربان- ۽ "محمد بخش ميربحر"
۽ ماٺهو هِڪُ وسارڻ جو- نالي "غلام حيدر"
مِڙَئي مُريد، مُراد وند هُئا- هو هر هِڪُ ڊرائيور
جي هِمت ساڻ هليا پئي- گاڏِيُن هٽي گيئرُ
لا اِله الا الله محمّد رسول الله ﷺ- قلبئون ڪري ذِڪرُ
اهڙُ سُهڻو ڪنيو ثمرُ- سات هليو پئي سروَر جو.

⊙

## ڏهر

اجا انهيءَ سات ۾- هو "تاجُو ميربحر"
جنهن ڏنو هر رات تي- پهري جو چڪرُ
"صالحُ خاصخيلي"، "الهه بچايو مري"- بہ هردم هئا حاضرُ
"محمد"، "لُقمان" ملازم هئا- جن "پير علي بهادُر"
اسان سڀي سات جو- اَڪملُ آهي آدرُ
اِهي مهربانيون مُرشد جون- جو ڪيئين نيڪ نظر
ڪيو سُرهو هيءُ سفرُ- الله سائينءَ اسان جو.

⊙

## عنوان: مختلف موضوعن جا بيت

### بيت

صدقي توتان ساهه- پرين ڪيو مون پنهنجو
"مائلَ" کي محبت ۾- مرڻ آهي مباحُ
جاڻي هِڪُ الله- رَهيو آهينم رُوح ۾.

⊙

11 رمضان المبارڪ 1391هجري 1 نومبر 1971ع، حيدرآباد کان ڪراچي ويندي رستي ۾.

### بيت

اگهِيا در عجيب جي- جي هليا منجهارئون حُبَ
پائي پاندُ ڳچيءَ ۾- عجز ساڻ ادبَ
ڪرمين مِلن قربائتا- پيا سيئي آهن سبب
راضي ٿين ربّ- "مائلَ" مليا محب سان.

⊙

### بيت

عجيب اڄ ڏني- خاصي خوش خبر
ته عاشقن لءِ اسان جا- کُليلُ آهن درَ
"مائلَ" مليا محب سان- ٿيا سجايا سفرَ
واليءَ ڪيا ورَ- پُنيون مرادون مَن جون.

⊙

### بيت

پُنيُون مُرادون من جون۔ ٿيا لايا سجايا
"مائلَ" محبتن جا۔ ٿيا سفر سجايا
جي پِرين ڪٽي پياريا۔ سِڪَ مان سجايا
پلارن پلو ڪيو۔ بَخت پڙايا
عِجزئون جي آيا۔ اُهي اگهِيا در عجيب جي.

### بيت

"مائلُ" مِليو مُحِبتَ سان۔ ويا ويچا وارَ
ڏِنا اچي ڏُکويل کي۔ عجيبن آڌار
فذڪروني اذڪرڪم۔ سجڻ لڌي سارَ
"مائلَ" محبتن جا۔ ٿيا بيڙا پارَ
ڪرمَ ڪيا ڪلتار۔ ڪي ئي اج ڪِنَن تي.

⊙

9 رمضان المبارڪ 1991 هجري 10 آڪٽوبر 1971ع، هالا کان حيدرآباد ويندي بس ۾.

### بيت

مُلڪ اسان جي ماڻهن ۾۔ گهڻئي خود مطلبَ
تِن هَٿِ مهل نہ اچئي مُورهئُون۔ ڪي ٿيا ابِن الوقت
اڪثر عادتن اهڙن سان۔ ٿين بِلڪُل بدنيت
"مائلَ" بَچائين مولا تون۔ سائين اهڙي صحبت
جو مَنَ مان تِن محبّت۔ نڪري ويئي نياز جي.

⊙

### بيت

ماٺيو ماٺن مان- ويو ٽڙي ويو
هِرسُ، هَوَسُ ۽ هَبَڄَ آهِ- گهٽن نيو ٽڙي نيو
ڪو ڪو انهي عادتَ ڪان- آهِ يارَ بچيو
اڪثر اجائي سيٽ ۾- اندر خيال رکيو
عشقُ سنڌءِ ڏي الله تون- "مائلُ" اڻ مَيو
جنهين سان جيو- آهِ هر انسان هِن دنيا ۾.

13 سيپٽمبر 1977ع، پليڊنوڪاڪا

### بيت-8

سجڻ تنهنجي سِڪَ ۾- سِڪي سندم ساهُ
پرين سنڌءِ پورن ۾- پڄيو ٽيان پاهُ
کهجاٽان کهڙو ٽيو- اوهان جو ارواحُ
آئون ڏوريان ڏکن ۾- اوهين بنجو بي پرواهه
آهي اسان جو به الله- تون يَلي سُورَ سختيون ڏي

### بيت

عجيب تنهنجي عشق ۾- سيئي ويئي سُرِت
پرين تو پارتَ- آهي ابوجهن جي.

### بيت

جتي چا جاٽان- پرين سنڌءِ پيار مان
ريجهي ڪا راٽا- مهر ڪريو مون "مائلَ" تي.

### بيت

"مائلَ" تي مرشد۔ محبت سنڌءِ مهر ڪئي
الف جا عدد۔ پڙهائيئن پريت مان.

⊙

### بيت

سجڻ تنهنجا سُورَ۔ سَهڻا پيا ساهَہ کي
جانِبَ جُدائيءَ ۾۔ پلٽيو پون پورَ
جيءُ سندم جَلِي تيو۔ جُڏو آهي جُهورُ
ڪيا مون قُرب ۾۔ کهڙا آهن قُصورُ
عرض آزيون تو ڪريان۔ اي حاڪم هوتَ حضور
مِنا مون "مائلَ" کان۔ وڃي تيو وهلُور
ڏُکويَن کان ڏُور۔ ڪڏهن تجي ڪينَ ڪي.

⊙

### بيت

پيارا اوهان جي پِرت جي۔ پَل پَل آهِ پچارَ
ڇا کان مُنهن مَٽي وئين۔ محبَ منا منٺارَ
اٿم عجيب اندر ۾۔ آن سندا آزارَ
آئون اوڏو تو اچان۔ تون ڏِڪيو ڪرين ڏارَ
مُنهنجي مُحبَ تو مٽي۔ ناهي ڪابہ ميارَ
ڪڏهن لهندين سارَ۔ منا هِن "مائلَ" جي.

⊙

## بيت

جيڪو نہ رکندو رُوح ۾۔ مُرشد جي محبت
اصل نہ ٿيندي اُن کي۔ حاصُل هدايت
ڪِڏي ڪُلفت قلب مان۔ ٿي سائين جي صحبت
يخرجهم الظلمات اليٰ النور۔ ٿي ان کي لڳي عِبرت
پر ڪندو جڏهن ڪمال سو۔ "مائلؔ" ۾ محبت
اُن کان پوءِ اُن ماڻهو کي۔ سرندي سعادت
۽ ذهني قلبي سڪون سان۔ فائق ۾ فرحت
ڪڏهن ايندي قلب کي روئڻ ريَ راحت
جو اچيو اُن جي اُلفت جي۔ ٿو ڪري عشق امامت
بيماري تنهن بِرھہ جي۔ عالي علالت
دم دم ان دُکيءَ جو۔ آهي عبادت
۽ الله سائين تنهن عاجز تي۔ ٿو رحمَ وَسائي رحمَتَ
ڏِسي ساري ڏيھہ کي۔ ۽ ڪائي پيو عِبرت
پيو بِرھَہ سندس ۾ برڪت۔ نيڪ نيتيَ نُور ٿيو.

⦿

10 محرم الحرام 1397 هجري 1 جنوري 1976ع پليڏنو ڪاڪا

## بيت

دلڙي دلبر يارَ تو۔ وڏي سُورَن منجھ سَٽي
سوز سوايو روز ٿئي۔ ڪنهن پر ڪينَ هَٽي
مون کان چو منهنجا پِرين۔ وئين محب مَٽي
ڪچايون سڀ ڪَٽي۔ مِل اچي هِن "مائِلؔ" سان.

### بيت

رهاڻ مان راحت- اچي روحاني رُوح کي
فِڪر ريءَ فرحت- ناهي "مائلَ" مَنَ ۾.

### بيت

دِلَ ۾ ڏارَ ڏيانُ- هَتان مَ وڃائج هَڙَ
ڪڏي غيرَ گُمانَ- "مائلَ" مِلُ تون محب سان.

### بيت

توڙي سڏائين سَرَ ۾- "مائلَ" مسلمانُ
پر عمل رِيَ انسانُ- ڪڏهن ٿيندي ڪينَ ڪي.

⊙

28 آڪٽوبر 1961ع، آچر جي ڏينهن، حيدرآباد

### بيت

اڄ تہ ڪريون آچارُ- پرين پِرتِ جو پاڻ ۾
تہ محبت جي منهنجا مِٺا- ڪنهن تي ناهي ميارَ
فذڪُروني اذڪرڪم- سدا آهي سار
"مائلَ" جو منهنجا مِٺا- توتي آهي مدارُ
ٻيو سيوئي سنسارُ- تو ڪامِلُ تان قُربان ڪيان.

⊙

### بيت

جڏهن پاتم پاڻ ۾۔ دلبر دل جو يارُ
تہ ويا مِڙئي وِسري۔ سيئي آوَرَ ۽ پارَ
انهي ئي آثارَ۔ سڄڻ سچاتم ساھَہ ۾

⊙

26 شوال 1392هجري 3 ڊسمبر 1972ع هالا

### بيت

"مائلَ" جنهن سان مهر مان۔ تو تئي مولا مددگارُ
تہ انهي اٻوجهہ انسان جا۔ ٻيڙا تين تا پار
جو سائين ربّ ستار۔ تو مَرهي اُنَ ماٺهو ڪي

⊙

2 فيبروري 1975ع سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪراچي

### بيت

تنهن ڪي لهر نہ لوڏو آهِ ڪو۔ جنهن سان ساٿي آهِ اللهُ
سو توڪل سندي تُرهَي۔ سولو ڪٽندو ساھُ
"مائلَ" ان ڪي ڇا ڪندو۔ هن دنيا جو درياءُ
جو ان لِءِ سمنڊ اٿاھُ۔ بہ ڪُجهہ ئي آهي ڪين ڪي

⊙

2 فيبروري 1975ع D_12 محمد سوسائٽي، سائين جن جو بنگلو ڪراچي

## بيت

قادر هر ڪنهن ڪم جو۔ آهي مقرر ڪيو وقت
جي اُن وقت ڪان اڳ ڪم ٿئي۔ تہ ڀلو ڇئبو بختُ
پر ڪرڻي انهي ڪم لاءِ۔ آهي محنت سخت
عزم پختي ساڻ گڏ۔ ٺيبونڪ نيت
تہ "مائلؔ" مولا مُهتُ۔ ڏي تو اُن انسان کي.

27 محرم الحرام 1395 هجرفي 9 فيبروري 1975ع. ماستر منتار علي ڏاهري جي اوطاق. هالا

## بيت

مون کي هي معلوم نہ هو۔ تہ هادي آهي همدم
پاڻ پَسايئين پيار مان۔ قادر ڪري ڪرم
گولي گنهگار تي۔ ربّ ڪري رحمُ
پسان پنهنجي پاڻ ۾۔ داتا سو دم دم
ڏنئين عِلمُ عشق جو۔ جنهن تي عِلمُ ختم
بخشش باريَ هيَ ڪئي۔ آهي اڄ اُتم
ڳالهہ ڪيان مان ڪهڙي۔ زبان نہ ڪري ڪم
نہ ڪو لکي سگهندو۔ ڀلي ڪهڙو هجي قلمُ
جمال ۽ جلالُ ڏِنئين۔ جيئن آهِ سردُ گرم
"مائلؔ" کي مولا ڪيو محبت سان محرمُ
الله سائين آهِ ڪيو۔ مون کي ايئن مقدمُ
واصل ڪيئين وحدت سان۔ اُن ۾ ٿيس ذَمُ
مجي يا نہ مجي ڪو۔ اُن سان ڪونهي ڪمُ
تو محبت سان مبهم۔ واحد وريو ڪئين وَهَبَ ڏي

27 محرم الحرام 1395ع 9 فيبروري 1975ع. پيربخش لائٽ واري جي دُڪان تي. هالا شريف

### بيت

هِڪَ ڏينهن نيٺ هلندو، هِتان هر انسانُ
رهندو نہ ريَ پيو ربّ ري، آهي فنا جو مڪان
"مائلَ" هِتِ مهمانُ، ماڻهو خبر ناهي ڪيترو.

⊙

27 محرم الحرام 1395ع 8 فيبروري 1975ع، 9:30 رات، ڪراچي کان حيدرآباد ايندي بس ۾ سپر هاءِ وي

### بيت

عارضي انسان لءِ، آهِ موت بہ هڪ منزل
سفر وڏو آ سائين جو، جنهن جي نہ ڪنهن کي ڳل
"مائلَ" سمائج محبت تون، جو آهين هِتِ ڪي پَلَ
ساٿي ڪٽي سِگھَ ڪي، هَليو وڃ تون جَلَ
ڪھڙي خبر ڪنهن پل، "مائلَ" مٿيندي موت ڪان.

⊙

27 محرم الحرام 1395هہ 8 فيبروري 1975ع، 9:30 بجہ رات، ڪراچي کان حيدرآباد ايندي بس ۾ سپر هاءِ وي

### بيت

مَمات بعد حيات جا۔ اجا آهِن سفرَ
پَسندو تڏهن پارُ سو۔ جڏهن پوندو منجهہ قبرُ
"ڪل نفسٍ ذائقة الموت"۔ هي آيت جا اکر
روح نہ ڪڏهن رحلت ڪري۔ بلڪُل سڀ بَشَرَ
ايندا الله سائينءَ اڳيان۔ مڙئي ڏينهن محشر
اعمال ناما انسانن جا۔ پوندا سڀ پڌرُ
لنگهندا پُلصراط سان۔ جا تِکِي کان تَبَرَ
ڏهڪاءُ آهي تنهن ڏينهن جو۔ ۽ ڏاڍا خوف خطرَ
اُتي محمّدﷺ مسلمانن جي۔ اچي پارت ڪندو پرور
۽ معافي ملندي مڙن کي۔ مهابي سروَرﷺ
سا خاوند سڀ خبر۔ آهي عِلمُ غيبَ جي.

⊙

27 محرم الحرام 1395هہ 8 فيبروري 1975ع 10:00 بجہ رات, ڪراچي کان حيدرآباد ايندي بس ۾ سپر هاءِ وي.

### بيت

اڳيان پويان ڏوهہ سڀ۔ مون کي ڪر تون معافُ
حاضُر جاٽي رت ڪي۔ تو ڪريان اعترافُ
پنهنجي ڪيو تم پاڻ سان۔ اهوئي انصافُ
قلب سندي ڪعبي کي۔ تو تهدل ڪريان طَوافُ
الله سائينءَ آهي اُن ۾۔ قرآن چيو صافُ
پڙهندس سوئي پرتِ مان۔ محبت ساڻ مُصافُ
مُرشِدُ منهنجي محبت جو۔ بَتَرُ نہ ٿيندو آفُ
سچ تو چوان صاف۔ ٻڌو هينئين جي ڪنن سان.

⊙

27 محرم الحرام 1395هہ 8 فيبروري 1975ع 10:00 بجہ رات, ڪراچي کان حيدرآباد ايندي بس ۾ سپر هاءِ وي.

## بيت

موقعو ڏئين ڪونہ تو- جو ڪجن حال احوالَ
چو نہ ٻُڌو تا ٻاجھہ مان- گذريا ڪيئي سالَ
ويترِ وريو پيو وجهين- حبيبَ هَٿ جا ڪالَ
مونکان تو منهن ڦيريو- ڪرين پين مقالَ
ڪريون ڪنهن مهل عرض جي- تہ جهلين سارڻ جلالَ
ڪنهن پر ٿيندس ڪين ڪي- توتي آئون وبالَ
آٽي وڌئي عشق ۾- هاٽي غيرت جا سوالَ
سَين هٽون تا سائينءَ ڪي- جو سيني سُٽي سوالَ
تنهن ڏيهن جي ڏاتار ڪي- معلوم مڙيو ئي حالُ
مهابي محمدؐ جي- ۽ انهي جي ئي آلَ
"مائلَ" مون مسڪينَ تان- مولا لاهيندو ملالَ
اُڪاريندو احسان سان- سو جلالَ منجهان جنجالَ
پِرتِ مان پروَر پالَ- ڏئي ڍَڪيندو ڍولُ مون.

⊙

27 محرم الحرام 1395هہ 8 فيبروري 1975ع 11:00 بجہ هالا شريف

## بيت

ٻانهو جڏهن بخشڻ تي۔ تي اچي خدا جي ذاتِ
تہ اچو لرزش ۾ وڃي۔ تي ڪُل تي ڪائناتِ
ٻجي باطل تا ٿين۔ مَري سي ئي ماتِ
۽ عشق اُن جي اندر ۾۔ تو اهڙا هٽي آلاتِ
جو سِڌو پنهنجي سائين سان۔ سو بلڪُل ڪري باتِ
پَسائيس ڏاتر ڏيهہ جا۔ ٿُرتئون تفصيلاتِ
"مائلَ" سِڪَ، صبر جا۔ مِڙئي معامِلاتِ
ڏسي سوئي سيَ ڪي۔ ۽ ٻيڻَ مَماتِ حياتِ
اُن ڪان پوءِ انسان سو۔ مَري نہ تي ماتِ
جو پنهنجو ڪري پَرور تو۔ ڪريس سدا حياتِ
سا قبول ڪري ڪريم تو۔ جا وائي ڪيڊي واتِ
اهڙا ڪئين انعامات۔ الله سائين ڏي اُن ڪي.

⊙

15 فيبروري 1975ع، سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪراچي

## بيت

جيڪي جيئرا ڏئي نہ سگهيا۔ سو مليم ڪان غائبن
سي سُتا پيا آهن پَٽ تي۔ ڪامِلَ منجهہ قبرن
ڪاٺڻُ تِن جي ماس تي۔ حرام آهِ ڪِينئن
رُوح رهي اُن جسمن ۾۔ رُڳو بُرقعو مَٽيو اٿن
غائبانا تِن سان۔ رملاقاتون ٿِيَن
نقش قدم تن نينهن جو۔ ڏسيو مُريدن
آهن غوث حق جا۔ منجهہ فائق فقيرَن
۽ پڻُ سرورُ نوح رحہ تا۔ رہ انهي کي چون
سَپُوت تِن سائن ڪئي۔ پُٺِ تي مون پِيرَن
تہ واحس سان وَهَنبَن۔ "مائلَ" مليو مهر مان.

⊙

2 صفر 1395 هجري 14 فيبروري 1975ع صبح 10:00 بجہ تغلق هائوس سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچي

## بيت

سچا هميشہ ڪُوڙَن سان۔ قريو ڪن فسادُ
ڪُوڙا تِن جا ڪوٽَ پَچيو۔ ڪن سچ ٻَڌَلَ آزادُ
جو ڪوڙن جي هر ڳالهہ آ۔ بلڪل بي بنيادُ
سچن حاصل سائين ڪان۔ ٿئي من جي سڀ مراد
ڪوڙن وٽ ڪلفت جو۔ ڪني رُڳو مواد
سچڻ جي سنگت مان۔ سِڪ جو اچي سَوَاد
ڪوڙن جي آ قلب ۾۔ غير رڳو آباد
سچن جي سَريرَ ۾۔ عشق آهي آباد
۽ من جي سڀ مُراد۔ پوري ڪرين پَل ۾.

⊙

2 صفر 1395 هجري 14 فيبروري 1975ع جمع 10:00 بجہ صبح، سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪراچي

## بيت

مخالفن کي موافق۔ "مائلُ" ڪري تو منٿ ۾
روبُ وجهين رمزن جو۔ تہ ماڻهو ٿِيَن متفِقُ
اُن کان پو پيدا ٿئين۔ شوقن جو شفق
جو اُلفتِ جو اُفقُ۔ ڳرِڙو وجهين تو قلب تي.

⊙

11 فيبروري 1975ع، هالا

## بيت

سچا هميشہ ڪُوڙَن سان۔ ڪريو ڪن فسادُ
ڪُوڙا تِن جا ڪوٽَ ٻَجيو۔ ڪن سچ ٻَڌلُ آزادُ
جو ڪوڙن جي هر ڳالهہ آ۔ بلڪل بي بنيادُ
سچن حاصل سائين کان۔ ٿئي من جي سڀ مراد
ڪوڙن وٽ ڪُلفت جو۔ ڪني رُڳو مواد
سچڻن جي سنگت مان۔ سِڪ جو اچي سَواد
ڪوڙن جي آ قلب ۾۔ غير رڳو آباد
سڄڻن جي سَرِيرَ ۾۔ عشق آهي آباد
۽ من جي سڀ مُراد۔ پوري ڪرين پَل ۾.

⊙

2 صفر 1395 هجري 14 فيبروري 1975ع، جمع 10:00 بجہ صبح سنڌ سيڪريٽري، ڪراچي

### بيت

چيو هيئن لطيف آهه- "تہ سچن ڪونهي سُور"
سچن جي سرير ۾- رڳو نرمل نُور
وجاءَ الحق وزهق الباطل- باطل ڇڪنا چور
سچا نهارين نظر سان- جي ڪنهن ۾ ڪريو گهُور
تہ اچي اُنِ جي اندر ۾- پرت جو پل ۾ پُور
۽ اچيو ذات ربَ جي- ان ۾ ڪري ظهورُ
هر وقت رهي هاديَ سان- سو سانجهيءَ سحور
"مائلَ" بخشي منٿ ۾- توڙي ڪيڏو ڪري قصورُ
هي داتا جو دستورُ- ٻانهي تي آ ٻاجهہ جو.

### بيت

روز روز رِفرنس- کھڙا ڏِٻا قُرب ۾
ڪجهہ تہ رکبو پانهجو- ڪو ڳاٺن سينسُ
دلبرِ دئت مينس- "مائلُ" چوي ڏس محبت ۾.

### بيت

سائين ڪيو تو سيگهہ مان- ڪِني ڪي سُئو
ڪچرو ساڙيئي قلب جو- ٻاري ٻِرهَہ ٻئو
قادرُ تنهنجو ڪرشمو- اٿم اکن ساڻُ ڏٺو
انسان رڳو وَهمَن ۾- پاٺهي پاڻ مُئو
تون ڏِسين نہ ڏاتار تو- ڪو عيبن جو ڇِٽو
رحمت وسائي ربَ تو- جيئن ساوڻ مينهن وٺو
تيئن آهي اُنو- محبت سندي جو "مائلَ" تي.

⊙

5 صفر 1395هجري 17 فيبروري 1975ع ڪراچي بنگلو

## بيت

جتي اڳي ڪجهه نه هو- اُتي آهي سڀ ڪجهه
"مائلَ" مولا جو رنگ هي- سوڍي تون سمجهه
ڳولڻ سان ئي ڳجهه- تو لَڀي هر ڪنهن ڳالهه جو.

⊙

16 فيبروري 1975ع، ڪراچي

## بيت

ڪڏهن به مون سان قُرب ۾- ڪيئي نه ڪو آپريشنُ
ڏسيو توکي ڏور کان- ڪايو وڃان سُنُ
محبت ريَ نه مور ڪپي- دلبر سندئي پيو ڏن
وسرين نٿو وجود کان- ڪا مون کي گهڙي ڪن
مَحِوَ مستيَ ۾ رهي- تو "مائلُ" سندو من
ريجهي نه ڪنهن پر ڪنهن- جوشن جو هي جَنُ
هيبت هاديَ آ ڏني- تو ڪري هرڪو ڪَنُ
محبوب منهنجا منٿا- پڌ تون ڏيئي تنُ
گهڻن گولاڙن جو- هت وڏي ويو آ مَنُ
آڻيا پيو امن- جنگيون ۽ جهيڙا ڪري

⊙

27 محرم الحرام 1395هجري

## بيت

"مائلَ" مسلمانن مان۔ ويو دين رسولؐ
الله ۽ رسولَ جو۔ اصل نہ رکن اصول
وچن نہ سڌيَ وات مان۔ رڳو ڦيريون ڏين فضول
ڪلمون جي رسولؐ جو۔ قلبئون ڪن قبول
تہ مٿانهن معاف ٿئي۔ مولا جو حصولو
محبت ريَ نہ مُور ٿئي۔ هدايت حصول
انهي ڪري عوام تو۔ "مائلَ" ٿئي ملول
هي اُلفت ساڻ اصول۔ رکن تہ رَسن ربّ کي.

⊙

2 فيبروري 1975ع

## بيت

پرور ڪيا پاڻ ئي۔ بيڙا تنهنجا پار
ريجهي سو ربّ پيو۔ جنهن سڀ اختيار
مولا تنهن کي مائل تون۔ ڪنهن دم ڪين وسار
"ونحن اقرب اليه من حبل الوريد"۔ پنهنجي پاڻ نهارِ
"فذڪروني اذڪرڪم"۔ سائين کي پو سارِ
نہ ڪرمُ ڪندئي ڪلتار۔ هردم ۽ هر ويل ۾.

⊙

10 فيبروري 1975ع، ڪافي هائوس ڪراچي

## بيت

پنهنجي پاڻ پاڻ مان۔ پڻ ئي پاڻ پِيُون
خاوند ڏنيون خوشيون۔ سي ڪايو پيا ڪِيُون
الله ڪاڻ لوڪ جا۔ ڪوئيو ڪم ڪريون
سمهڻ پر سائين تا۔ پنهنجي پاڻِ پَسُون
اُتڻُ وِهڻ ۽ هلڻ پر۔ همدم تا سمجهون
بي واجبي ڪنهن تي۔ ڪاوڙ ڪين ڪريون
خلوص نيّت سان سيني ڪي۔ چاهه منجهان چاهيون
جو مخلوق سڀ مولا جي۔ هڪجهڙي تا سمجهون
نيّت کوٽي جا سبب تا۔ ڪنهن کي ڪين ڏيون
الله سائين جي آسري۔ هتي پيا هلون
اهڙيَ طرح جيون "مائلَ" مولا جي مُلڪ پر

⊙

15 فيبروري 1975ع ڇنڇر 3:30 بجه تغلق هائوس ڪراچي

## بيت

جنهن کي لڳا قُرب جا۔ قلب ۾ ڪيئي ڪانَ
تِڙ ترسن ڪين ڪي۔ اصل اُهي انسان
بيتابن کان بِرهه جي۔ ڪنهن جي بُڌن ڪانَ
چون برابر هيئن ٿا۔ تہ تڪڙ ڪم شيطان
پر هُن جي تڪڙ تمام آهِ۔ ڪارڻَ لءِ انسان
ءِ مخالفت مولا جي۔ چڙي ڪمينو ڪانَ
اُن جي تَڪڙ جي نيت ڪان۔ الله ڏي امانَ
پر هُن جي نيت هيَ آهِ۔ تہ محبت رکون شانَ
تڪڙ آهي تن کي۔ تہ پهچون محبوبن مڪان
پهچون هِڪدم پرين وٽ۔ تہ ڪريون بِرهَہ جا بيانَ
تِڙ نہ تڏهن ترسن سن ٿا۔ ادا اُهي انسانَ
طلبن ٿَنَ جي تِن جي۔ آهِن چيڙيا ڪيئي تانَ
"جو ونحن اقرب من حبل اللوريد"۔ آهہ قادر چيو قرآن
سو راڳ چيڙين رڳُن ۾۔ ٿا برهہ جا ٿي سي يانَ
پرور تن کي پيار جا۔ پختا هنيا پيڪانَ
اهڙي همت کان انهن جي۔ آهن سوچ ۾ ڪئي سلطان
تہ قادر وڏايا ڪرم سان۔ ڪيئي تن جا مانَ
آهن "مائلؔ" مسلمان۔ اصلئون سي عاشق احمدؐ جا.

⊙

1 صفر 1395هجري، 13 فيبروري 1975ع، صبح 9:00 بجہ اورينٽ بيڪري ڪراچي

## بيت

وصفن وٽاياس- پاٽيهي پرينءَ ڪي
نہ تہ ڪنهن جهڙوڪينَ ڪي- ادا آئون هُياسِ
ڏسيو پنهنجي پاڻ ڪي- تي مَرمَ منجهہ مُياس
تہ قادَر ڪٽي ڳُلن ڪان- متي ڪيئن ڪياسِ
ڪري نوازِش مون ”مائلَ“ تي- پَروَر ڪيو پاس
ربّ ڪٽي ڪيو راسِ- ريزَ ڏئي رمزن جا.

⊙

12 محرم الحرام 1395هجري هالا

## بيت

اڄ تون سگهو عاجز ڏي- لڪياري لڄپالَ
دُعا ڪريو دل سان- تہ ٿئي واحد جو وصال
سيّد سڻئو سيگهہ مان- سُواليَ سندو سوال
جيَ تان هاڻ جنجال- لاهيو مهر نظر سان.

⊙

نوشهرو فيروز ويندي موٽر ۾.
نوٽ: هي بيت شاهہ صدرسائين لڪياريَ سان منسوب آهي.

## بيت

"مائلَ" مون مسڪين جو۔ تون الله نگهبانُ
آهين مالڪ مخلوق تي۔ ڏاڍو مهربان
محبت مستيَ جو ڏنوئي۔ داوَرَ مون کي دانُ
مخلوق سندس ۾ مان ٻه هُئس۔ اڳلو هڪ انسانُ
بديون بخشي باري ڪئي۔ وڏو هي احسان
ڪريم پڙهائي قلب کي۔ منجهان قرب قرآن
پيو مالڪ ڏنئي مَنَ کي۔ اُتم هو ايمانُ
مِٺيءَ منهنجي کي ڏنئي۔ مهر مان مولا مانُ
رَڳ رَڳ آهي چڙيو۔ طلب سندئي جو تانُ
پيو واڪاٽيان تو واحد کي۔ برهه ۾ تي مان پانُ
تو سڳورا سبحان۔ ڪنهن پر وساريان ڪين ڪين.

⊙

9 مارچ 1975ع ڊاڪٽر حيدرعلي قاضي جي ڪلينڪ تي لطيف آباد حيدرآباد

## بيت

پنهنجو عشق الله ڏئي- ڪيو محبت ۾ ممتاز
ٻاجھ ڪيائين ٻانهي تي- آهي باري بندء نواز
خالق خلقڻهار سو- آهي ڪريم ڪارساز
وجهي پيو وجود ۾- سڪ سندس جو ساز
هردم آهيان حضور ۾- نوڙت ساڻ نياز
جو چنبن منجھ چاڙهي ويو- برھ سندس جو باز
خالص ڏنائين خيال ڪي- پراهون پرواز
۽ دهشت وڌي دل ڪي داوَرَ دل نواز
پيو پرور پڙهايو پرت مان- عشق سندو باٿلاز
تڏهن اچي ٿو اندر مان- اُلفت جو آواز
اهو ربّ جو آ راز- "مائلَ" مون مسڪين تي.

⊙

9 مارچ 1975ع ڊاڪٽر حيدرعلي قاضي جي ڪلينڪ تي لطيف آباد حيدرآباد.

## بيت

چڙهي ڏنئي جي چوري ڪي۔ تہ بہ آهي اجا الله
جنهن مالڪ خلقي محبت مان۔ سائينءَ وڏو ٿم ساهہ
سو "مائلؔ" مون مسڪين جي۔ ٿيندو پشت پناهہ
مدايون معاف ڪندو۔ غفّار هر گناهہ
ايمان منهنجو ڪڏهن۔ ڪين ڪائيندو لاهُہ
سو ڏينلمر مهابي مُحمّدﷺ جي۔ دلڙي جيئن درياءَ
آهي هيڻن جو همراهہ۔ سو هر دم ۽ هر ويل ۾.

⊙

9 مارچ 1975ع ڊاڪٽر حيدر علي قاضي جي ڪلينڪ تي لطيف آباد حيدرآباد

## بيت

پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل ۾۔ آهي هيُ فرق
هو پڙهي پنهنجي پاڻ ڪي۔ هيَ سڪي ٿو سبق
هُن جو زور ظاهر تي۔ هيُ قلبي رکي قلق
هي ڏسي ظاهري اکن سان۔ هيُ منجهيُ مستغرق
هُو گهُمي سڀ طبق۔ هيُ ڏسي نقط ظاهر ڪي.

### بيت

آهي عشق شهنشاهہ جي۔ ڏئي الله سائين امانت
جنهن ڪئي اڇي قلب جي۔ آهي امانت
امانت انهيءَ ۾ ڪڏهن۔ ڪبمي نہ خيانت
پاٽا سِڪَ صبر سان۔ وتائبيس وڏي وَسِعَتَ
عجز ادب ۽ نياز سان۔ ڪري عبادت
پيش اچيو اُن ڪي ڪبي۔ سدا صداقت
ٻانهو ٻڌي دل سان۔ نياز ڪبي نوڙت
قياس، رحم همدردي۔ ۽ ان سان گڏُ مُروت
جو واحد ساڻ وحدت۔ ڏني "مائلَ" ڪي محبت سان.

17 فيبروري 1975ع ڪيفي لبرٽي طارق روڊ پي.اي.سي.ايچ سوسائٽي ڪراچي

### بيت

پرور ڪيو آ پرت مان۔ مون ڪي منسلڪ
آهيون تي ويا هڪ۔ جدا نہ سمجهان جيَ ڪان.

17 فيبروري 1975ع ڪيفي لبرٽي طارق روڊ پي.اي.سي.ايچ سوسائٽي ڪراچي

### بيت

مالڪ جي مخلوق ۾۔ هُئيس هڪڙُو فرد
ڪرم ڪري پانهنجو۔ دل ۾ ڏنئين درد
هردم سندس هٽ هيٺ تو۔ رهان گرم سرد
قلب اُجاري قرب سان۔ واحد جوئي درد
سڏجي تڏهن سنسار ۾۔ "مائلُ" جوان مرد
جو هيٺين سان همدرد۔ تيون رسولﷺ الله جو.

3 صفر 1395هجري 15 فيبروري 1975ع، ٹغلق هائوس ڪراچي

بيت

"وحده لاشريڪ له" مور نہ ٻيو معبود
ڪر تون حضور قلب سان۔ تنهن سائين کي سجود
تہ ڪرئي قادر ڪرم سان۔ عاقبت محمود
۽ سدا رهين سائينءَ سان۔ اُلفت ۾ آ سود
فڪر فاني جهان جا۔ ٻيا سيئي اٿئي بي سود
تہ "مائلؔ" سڀ مقصود۔ حاصل هادي تو ڪري

⊙

8 صفر 1395هجري 21 فيبروري 1975ع جمع نماز بعد مسجد شريف ٽيليگراف هائوس حيدرآباد

بيت

ڪر تون حضور قلب سان۔ پرور کي پڪار
نہ لاهي ڇڏئي لحظي اندر الله سائين آزار
وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ۔ سو دم کان ناهي ڌار
ڏس تون اندر جي اک سان۔ تہ انجو ڏسين اظهار
سو تہ قادر ڪُل مختيار۔ جنهن "مائلؔ" آنديئي محبت سان.

بيت

اسان ڏي اسلام۔ مولا هيئن آ موڪليو
مخاطب تي مُحمّد ﷺ سان۔ قادر مُڪو ڪلام
تہ منهنجي تون مخلوق کي۔ ڏي پرين هيءُ پيغام
"وحده لاشريڪ له"۔ آهي اسان جو نام
لا اِلہ اِلا الله مُحمّد رسول الله ﷺ۔ جو دل ۾ وجهو دام
"فذڪروني اذڪرڪم" جي۔ طلب رکو تمام
"واقيمو الصلواة وآتو زڪواة" ۾۔ عشق ڪريو امام
قلب سندي ڪعبي اڳيان۔ ٻڌو اُلفت جو احرام
طواف ڪريو تنهن کي۔ صبح توڙي شام
ڪريو خدمت خلق جي۔ خاص توڙي عام
نيّت رکو نيڪ ۽۔ ٿيو خلوص ساڻ خدام
تہ ٻنهي جهانن ۾۔ آهي اوهان جو انعام
پيا پڙهو منهنجو نام۔ "مائلؔ" چئي محبت سان.

## بيت

جهيڙن سنڌئي سال جانب تو۔ وڏي ويتر پيار
اصل ۾ مون اڳلي تي۔ هئي آهي تنهنجو آرُ
ڏاريون نہ سهندو دل سان۔ سهي ڪاوڙ قربدار
جدائين ڪي جيَ سان۔ ڪري پاتم ڳچيءَ هار
جو جدائين ئي جيَ ڪي۔ قريب ڏنم قرار
۽ سِڪَ وڏي سرسيَ ٿئي۔ جيڪا ڪري انتظارُ
جو تون تہ آهين پاڻ جو۔ پاڻ ئي خودمختيار
پر پنهنجي محبت عشق جو۔ تون محب تي مدارُ
حڪم تي حاضر رهان۔ ڪريان نہ ڪڏهن انڪار
جو اصل کان اقرار۔ ڪيو "مائلَ" ڏينهن ميثاق جي.

سومر 17 مارچ 1975ع هالا

## بيت

آهي برابر سڀ ڪنهين۔ سنڌوئي الله
۽ واحد هڪ جهڙوئي وِڏو۔ سيني ۾ آ ساهُہ
جسمن گهٽ وڌ رکيو۔ مالڪ آهي ماهُہ
۽ دليون انهن سان گڏ۔ ڪيون محبت ساڻ مُباح
پر ڪن ۾ سُتي سوڙهہ آهِہ۔ ۽ آهن ڪي درياءُ
ڪي لنگهن ٿين درياءَ۔ ڪي "مائلَ" نہ نِيَنِ اڏون.

بيت

"مائلَ" ملين محب جي- خوب خوشيون ڪين تين
ٺري ڳنگ تي پين- اڪيون پوءِ عجيب هي.
⊙

4 جولاءِ 1961ع پليڊنو ڪاڪا

بيت

پسڻ ريَ نہ پُوريون- اڪيون ڪڏهن عجيبَ
نامِ خدا نذر سان- موتي مِلُ مجيب
ڪر ڪو قُربُ قريبَ- تہ رَسي راحت روح کي.
⊙

4 جولاءِ 1961ع پليڊنو ڪاڪا

بيت

اَکِيُنِ انتظارُ- آهي رڳو عجيبَ جو
پَسيَ پرين پانهنجو- جانبُ جيَ جيارِ
ڪنديون پوءِ قرارُ- سُمهي سي ئي سڪ ڪري
⊙

4 جولاءِ 1961ع پليڊنو ڪاڪا

بيت

پرين تو پرديس ۾- ڏينهن وڃي لاتا
اُڏايم اُداس مان- خبر لءِ کياتتا
پَسڻ لءِ مون پورهيت جا- نيڻ آهن آتا
اڄ تہ سُورُ سُٽائيان- پرين پيرائتا
دلبر لڳ داتا- وارڄ واڳ وڙڻ جي.
⊙

4 جولاءِ 1961ع پليڊنو ڪاڪا

### بيت

پيرين تو پرديس ۾- لايا ڏينهن وچي
اچ نام الله جي- منهنجي منٿ مڃي
پيرو ڪِيمَ پچي- ويهج يارَ وِلهيَ ڪان

⊙

4 جولاءِ 1961ع پليڊنو ڪاڪا

### بيت

منهنجا ڏِسي ڏوهَ- ڪرِ نہ پاسي پاڻ ڪان
دردن ڪان ئي دل تي- اٿم ڪئين اَندوهَہ
تڳان پيئي توهَ- سڄڻ سدائين تنهنجي

⊙

4 جولاءِ 1961ع پليڊنو ڪاڪا

### بيت

منهنجا ڏوهَ ڏِسي- ڪر نہ پاسي پاڻ ڪان
تنهنجي يار فراقَ ۾- ويئي سڀ خوشي
جي تون بہ وئين رُسي- تہ ڪيڏانهن ويندي ڪوجِهڙي

⊙

4 جولاءِ 1961ع پليڊنو ڪاڪا

### بيت

پڙهي پڙهي ڪتاب- مٿوم وڃاءِ مُورَڪَ
پنهنجي ڪر پرَکَ- "مائلَ" پنهنجي پاڻ ۾

⊙

22 فيبروري 1962ع امين منزل گاڏي ڪاتو حيدرآباد

## بيت

سورن وارا سازَ، آلاپين اندر ۾
انهن جا آواز، ڪير ٻڌي پيو قلب ري.

⊙

2 جولاءِ 1962ع امين منزل گاڏي کاتو حيدرآباد

## بيت

وقتُ، هَوا، دولتَ، سدائين مَٽجن
مگر سچي محبت، ڪڏهن مَٽجي ڪين ڪي.

⊙

2 جولاءِ 1962ع امين منزل گاڏي کاتو حيدرآباد

## بيت

ڪهڙا ڏي خطابَ، ”مائلُ“ محبوبن ڪي
محبِ، مَنڙا، مِٺڙا، منور منهن مهتاب
آهين عالي جنابَ، سچڻ اڳئي سيئين پَرين.

## بيت

مردِ خُدا مُلڪ ۾، اچا ئي آهين
ڪري ڪچهريون قُرب جون، قلبئون ڪَٽ لاهين
وهين وِهائين، سچيون راتيون رِيجهه ۾.

## بيت

"مائلؔ" مليو محب سان۔ ويا ويچا وار
ڏنا اچي ڏکويل کي۔ عجيبن آڌار
فذڪروني اذڪرڪم۔ سچڻن لڌي سار
"مائلؔ" محبتن جا ٿيا۔ ٻيڙا پار
ڪرم ڪيا ستار۔ ڪيئي اڄ ڪِنَن تي

⊙

9 رمضان المبارڪ مطابق 1391هجري 3 آڪٽوبر 1971ع هالا کان حيدرآباد ويندي بس ۾

## بيت

جن گڏيل سازش سان۔ هو ٺاهيو متحد محاذُ
سي ڪِرائي ڪينَ سگهندا۔ قوم ڪڏهن آزادُ
جو رکيو تن آ اُن جو۔ نيّت کوٽيَ بُنيادُ
سي ڪامياب نامُراد۔ ڪينَ ٿي اُن مان سگهيا.

⊙

5 مارچ 1977ع حيدرآباد

## بيت

ناڪامي پنهنجي بعد جِن۔ قومي ٺاهيو اتحادُ
اُن ۾ ڪنهن طرح سان۔ نہ مُخلصيَ موادُ
ٿرٽ ڪن سي تضادُ۔ پي.پي وارن سان تڏهن.

⊙

5 مارچ 1977ع حيدرآباد

### بيت

ضيا ٿُنهنجي زَنگ۔ ڦهري چڙهيو قلب تي
بلڪل تو بُڇڙاڻِ ۾۔ ڏلا ڪيو آ ڏنگ
واحدُ وجهندو وَنگ۔ قادُر توکي قهرَ جو۔

⊙

نوٽ: جنرل ضيا جي مارشل لا ڪان پوءِ بيت لکيا ويا.

### بيت

هٽي نعرو حق جو۔ تو جانب ڪريان جهاد
تہ باطل پڇي پورا ٿئي۔ جو بلڪل بي بنياد
ڏڦيڙ وڏائين ڏيهہ ۾۔ هي ڦڏو ۽ فساد
مور نہ آهي ماڻهن ۾۔ سڪ جو ڪو سواد
الله ۽ رسول ﷺ جو۔ وڃايون اعتقاد
رهيو نہ اعتماد۔ "مائلَ" مسلمان ۾.

⊙

2 فيبروري 1975ع ڪراچي

## عنوان: سسئي جا بيت

### بيت

چڙيون هٽندي ڇپر ۾۔ ساريو ڏِيان پٺي ساھہ
ٿَڪي جي ٿيءِ هاڻ تون۔ پرين پُشت پناھہ
هيڙِي جي هِن حَب ۾۔ ڪانهي توريَ واھہ
آرِي سٽِي وَرُ آهَ۔ "مائلَ" مون مهجور جي.

⊙

25 شوال 1392 هجري 2 ڊسمبر 1972ع

## بيت

هيٺيَ تان تون هَٽُ- ڪَڻُ م پاروچا پاجهه جو
”مائلَ“ جو تون ئي مِٺا- آهين اَجهو ۽ آٿُ
مون ڪي ڏني محبت جي- وَرَ هيَ وڏي وَٿُ
پوءِ سجڻ پنهنجي سٿُ- ڇنيي ڪين ڇوڙي ڇڏيئي.

⊙

1 محرم الحرام 1395هجري

## بيت

فائق فيصلو- پاڻهي ڪيو ٿم پاڻ سان
ته ايندي نه جي اَيري ڏي- ۽ بلڪل نه ڪندين پلو
ته به ورنديس نه ڪڏهن وات تان- مِلو يا نه مِلو
ڇو ته ڪيچي سندئي قُرب جو- اٿم قلب منجهه ڳلو
جو سڪ سندئي جو ساهه ۾- هو سائين رکيو سَلو
انشاءالله پهچنديس- ڪَرَنَ هَٽي ڪَلو
نه ته به ڦران مَنَ وات تي- ته به ٻيٽار ٽِئيم ٻَلو
ٽڙيان تو لءِ ايئن تي- جيئن پاڻيءَ ۾ پلو
سو نينهن تنهنجي ڪي نِلو- ”مائلَ“ نه ڪنديس مخلوق جي.

⊙

13 محرم الحرام 1395هجري

## بيت

سا‌ڙي پئي سَريف ڪي- بِرهه سندئي جي باھه
جنهن جي پنيان باھه- تنهن جو آسرو ئي لاھِ
ڪيچي سگهو قرب مان- ڪوجهي ڏي تون ڪاھِ
هاڻ هَنَ دنيا ۾- گهَڙيون چند ڪي آھِ
جَوشن ڏاڍي جذيَ ڪي- سختي ڏني آ ساھِ
اڃي هورَ هنئين جا- لائق ڪري لاھِ
آهون سُڻُ اڙيال جون- ڪڏُ ڪَنَنِ مان ڪپاھِ
متان هٿَ افسوس جا- پو مَلين مون مٿاھِ
ڪس سُيئي ڪڏهن سنسار ۾- مُئي موتي آھِ
چاهئون ڪٽي چاھِ- "مائلَ" مون مهجور ڪي.

⊙

13 محرم الحرام 1395 هجري

## بيت

آري ڪندن اوير تون- تہ سَڙي ٿيندي خاڪ
وائي سندم وَرَ پو- لاڙڻ ٿيندي لاڪ
پو ڳالهائيندي ڪنهن سان- تي بلڪل چوان بيباڪ
نہ تہ ٿڪي پنهنجي تاڪِ- ڪر تون ڪامل پاڻ سان.

⊙

13 محرم الحرام 1395 هجري

## بيت

ڪيچي ڪنيو ڪيئن تو- هيٺيَ تان آهِ هٿُ
پُنهل نہ آهي مون پورهيتَ جو- توريَ اجهو آتٿُ
محبت سندئي جي من ۾- واحد ڏني ٿم وٿُ
سووِساري ڪيئن ويهي رهئين- پئي ڪريان اهوئي ڪٿُ
جو سُهڻل پنهنجو سَٿُ- ڇڏيئي "مائلَ" هِن مهجور ڪان.

⊙

13 محرم الحرام 1395هجري

## بيت

متان ڪان لاهُ- پَسي ڏونگر ڏکيا
ڪاهج پٺي ڪيچ ڏي- جيسين اٿئي ساهُ
پنهنجي ڪر تون پاڻ ڪي- پُنهل لاءِ ٿي پاهُ
ويچائج وجود جو- جيڪو اٿئي جاهُ
اهڙي ٿي تون آريَ لءِ- جو لڳين نہ رهي ماهَ
ڏَرين متان ڏونگر ڏسي- توڙي آهي آتاهَ
هٿجئين نہ هڏ تون هوت ڪان- اهو اٿئي گُناهُ
جي هَڏَ هلڻ ڇڏي ڏين- تہ بہ روحَ جي ونجئين راهُ
ساٿي ڪڻ سفر ۾- ڇري سندس ئي چاهُ
تہ آخر سندس نيٺ الله- مدد ڏيندو تو "مائلَ" جي.

⊙

13 محرم الحرام 1395هجري

### بيت

ڪر تون پنهنجي ڪيچيءَ جي- ڳولا ۽ ڦولا
پهري وچ تون پاڻ تي- چاهَ جا چري چولا
وري متان وَرَ ريَ تون- ڏسي رَندَن جا رولا
ساهي نہ ڪڻ تون سفر ۾- ڀلي گرم لڳن جهولا
رکي توڪل ربّ تي- بيا ڀڄي سڀ ڀولا
تہ پنهل پڄندئي پَل ۾- لهندي اندر اولا
رحمت جا رحمان جي- ترڪي پئي تولا
۽ مدد ٿيندو مولا- "مائلَ" تو مهجور جي.

⊙

13 محرم الحرام 1395 هجري

### بيت

آسرو الله مان- متان تون لاهين
سو مدد مهجورن جي- آهي سڀاجهو سائين
سو ستار سدائين- لڄ رکندئي لوڪ ۾.

⊙

13 محرم الحرام 1395 هجري

### بيت

آسرو الله جو- ڇوري هڏم ڇڏ
"لاتقنطو ابن رحمت الله" جي- اندر ۾ ٿي اڏ
ڪيچي ڏي تون ڪاهن ڪان- هٿجئين نہ هاٿي هڏ
سوال ڪر تون سائين کي- تہ گولي هُن سان گڏُ
جو سائين پهرين سڏ- تو "مائلُ" سُڻي مهجور جي.

⊙

13 محرم الحرام 1395 هجري

## بيت

ڏين متان ڏيرن کي۔ مهجوري ميارَ
حڪمت انهي ۾ هادي جي۔ اٿئي ڪا آپار
ڏس رَندَن ۾ رُلي ڪري۔ پيئي ڪڍين ڪيئن پارَ
جو انهي طرح ازل کان۔ هئي لکيو منجهه ڪپارَ
پارج انهي پرت کي۔ روئي زارو زارَ
۽ الله سائينءَ تنهن جا۔ پيڙا ڪندو پارَ
تہ اچي وَرُ ونڊر ۾۔ سگهو لهندئي سارَ
جو قادر ڪُل مختيار۔ "مائلَ" آهي مڙني تي.

⊙

8 فيبروري 1975ع سپر هاءِ وي ڪراچي کان حيدرآباد ايندي بس ۾.

## بيت

جيڏيون جانب جت ريَ۔ مُور نہ ٿئي مونڻ
اُترڻ ويهڻُ ۽ سُمهڻ نہ ٿئي۔ حَرام آهي ڪاٺڻ
آهي قسم الله جو۔ تہ وِهُہ ٿيمر ويهڻ
سو سر ٽيئون ڪنديس ڪيئن مان۔ چريون اوهان جو چوڻ
پنهنجي وڃي پاڻ کي۔ پَلِيو اوهين پڻ
ڪاهيو تہ اوهان جوَ ڪونہ ٿي۔ ويان آئون ڏَڻُ
جو جَتِيون چئو ٿيون جامَ تان۔ هاڻ هَٿُ تون ڪَڻ
اتم اندر کي هاڻ هيَ۔ رکو ٿي اُڻ ٽُڻ
جي مُيَسِ ويندي واٽ تي۔ تہ بہ جامَ پهيس جَڻَ
باروچل باڏايان — تہ سوال سِڪنديَ سُڻُ
جي نصيب نہ ٿيو پهچڻ۔ تہ بہ گهوريَس "مائلَ" محب تان.

## بيت

پُنهل اچي پهچ- ڪيچي ڪري قربُ تون
جهڙي تهڙي حال سان- پَندُ ڪيو اٿم ڳچُ
هاڻي هَڏَ هيٺا ٿيا- مُور نہ رهيو مَچُ
آهيان رَوان روحَ سان- تي سُهڻَلَ چوان سچُ
آهُون سُڻي اچ- "مائلَ" مون مهجور ڏي

⊙

2 صفر 1395هجري 14 فيبروري 1975ع جمع 10:00 بجہ صبح، سنڌ سيڪريٽ، ڪراچي

## بيت

ڪيچي پَوَئي مَنَ ڳَنَ تي- ڪا پَرنديَ جي پاڪارَ
ٻُنڊيِيل آهي ڳَهليَ جي- تَن جي تو سان تارَ
اهي روزَ الست کان- ڪيا آتَئون اقرار
پُختو هي يقينُ اٿم- تہ پاڻهي لهندي سارَ
پَرَ فِطرتاً فِڪرُ ٿيو- تنهن تايو آهي يارَ
صبرَ سمجهہ کان وِيا چڙهي- بي تابِن جا بارَ
طلبون تڙپيو تائن ٿيون- آهن ڏاڍيون بي قرارَ
ماريو يا جياريو- آهي اوهان جي اختيارَ
سُهڻَل سگهو سارَ- لَهہ "مائلَ" مون مهجور جي

⊙

2 صفر 1395هجري 14 فيبروري 1975ع جمع 10:00 بجہ صبح، سنڌ سيڪريٽ، ڪراچي

## بيت

وينديَس ورنديس ڪينَ ڪي۔ پُڄان يا نہ پُڄان
صلاح اوهان جي سرتيون۔ مورهئون ڪينَ مڃان
جيسين ساهُ سِسِي ۾۔ تيسين ڪينَ وِهان
ڏاتَرَ ڏُکَن ڏارڻ لءِ۔ ڏِنَم ڏھ هينيان
ڪاٿيو وَرَ وندرُ جا۔ واڪيندي وڃان
سور سيئي سرتيون۔ پاٿيءَ جيئن پيسان
فرض ادا آئون پنهنجو۔ ڪيچي لءِ ڪيان
جو پاٿھي ڪيم پاڻ سان۔ پلي ڏُک ڏِسان
ڏِسي ڏُکَ ڏونگرَ جا۔ هيڪان ۽ نہ هَٽان
آسري الله جي۔ هوت ڏي هلان
آهُنِ ڪي آزيون ڪريو۔ اُن کي هيئن چوان
تہ پهتو هڪدم پنهل وٽ۔ ڪريو وڃي ڪُوڪان
قياس ڪري من پنهنجو۔ اچي ”مائلَ“ ڏي متان
۽ چئوس تہ هڪ پيرو آن کي۔ جيئري ڏسي مَران
نہ هاٿي يارَ هِتان۔ لاشو ڪڻندي لالڻ تون

27 صفر 1395 هجري 9 فيبروري 1975ع هالا شريف

## بيت

شوت نہ تنهنجي هٿ ڪا۔ اچي رُليءَ ڪي راهَ
ڪيهون ڪريان ڪوهَن ۾۔ سختي لڳي تم ساهَ
هينيون ڦاٽي تو حب ۾۔ ڪيڏانهن ڪريان ڪاهَ
ناهي وَرَ ولهيَ جي۔ توري وسيلو واهَ
نرمل نامِ الله۔ رَسُ ”مائلَ“ مون معذور کي

### بيت

ويو وَرَ وڃائجي- گوليَ ڪان پرَ گسُ
مُور نہ ڏي تو مُوڙهل ڪي- ڏونگرُ سَنڌئي ڏسُ
ڪيئن ڪيان ڪيڏانهن وڃان- ڪونہ هلي تو وسُ
رهبر سگهو رَسُ- ”مائلَ“ مون معذور ڪي.

### بيت

رُليَ ڪان راهُون- وِيون وَرَ وڃائجي
ڏاڍيون ڪيان ڏونگر ۾ دلبر تي دانهون
ڪري گهل گَئيَ تي- اچ تون اوراهون
آري سُٽي آهون- رَسُ ”مائلَ“ مون معذور ڪي.

### بيت

وسيلو وَاهَرَ- وَرُ ناهي وِلهيَ جي
ڪريان پيئي ڪوهَن ۾- ڪيچَ ڏٽي ڪُوڪَرَ
اچي تئُي آڌر- ”مائلَ“ مون معذور جي.

⊙

4 جولاءِ 1961ع پليڊنو ڪاڪا

### بيت

ڪو آپريشن قبول ڪري- ”مائلَ“ رهہ مشغول
خدا ڏنو خير سان- داتا اُهو دستورُ
مولا بخشئي مَانَ سان- سدائين سُرورُ
رکبو هر ڪنهن ڪم ۾- نيڪ نيتي نُورُ
۽ عزم پُختي ڪان ڪڏهن وڃبو نہ وَهلُورُ
قادرُ پنهنجي ڪرم سان- مالڪُ ڪندو منظورُ
تہ پَرورَ پهرين پُور- سائين رسائينو سائل تي.

⊙

18 اپريل 1978ع

### بيت

سسئيءَ ساڻ نِڪاحُ۔ پُنهونءَ ڪيو هو پاڻ ٿي
هُن جو ڏوهه نه آهِ۔ عشق لڳو هو آريءَ کي.

### بيت

پريِنءَ وٽ پهچڻ لِءِ۔ آهي طلبن منجهه تڪڙ
حاصل ڪرڻ لِءِ هوت جي۔ ڪندس وڏي وٽ پڪڙ
جو وڪوڙيو وجود کي۔ وِرهِه سندس جي وَڳڙ
اندر سندس عشق جا۔ تا ڏڏڪا ڪن ڏُڪڙ
سڄ بڏايان صاف تي۔ هَنيون ناهيان هَڪڙ
سو "مائلَ" مون مهجور تي۔ ڪريو اجائي نه آڪڙ
جو لوحئون لڳل لاڪڙ۔ آ قُرب سندس جي قلب کي.

⊙

15 فيبروري 1975ع ڇنڇر 3:30 بجه. ٽُغلق هائوس, ڪراچي

### بيت

طلبن مان تڪڙي۔ آئون ويِنديس پنهنجي وري
جو اَڏيون دل آريَ سان۔ جيڏيون آهِ جڪڙي
جي هلڻو تو هاڻئي هلو۔ نه ته هلي ويندس هڪڙي
سُتل سور جاڳائين۔ لنئن جي هٽي لڪڙي
آڪ تاري سندس حي عشق مان۔ تي ڏڏڪا ڪري ڏڪڙي
جو پنهون آ پڪڙي۔ منهنجي دل "مائلَ" ڇني.

⊙

12 فيبروري 1975ع سپر هاءِ وي ڪراچيءَ کان حيدرآباد

### بيت

چون برابر هيئن تا۔ ته تڪڙ ڪم شيطان
پر طلبون جنهنجي تائين تيون۔ سا وس ۾ رهي ڪانه
ڏيرَ جنهن وت رانڙي۔ اچي تيا مهمان
هُن ته ڪِليو ڪيڪارئن پي۔ جو دل ۾ هُيس ڪانه
پر آڌي رات آريَ ڪي۔ هو ڪٽي ويا جُوانَ
پو طلبُن ويچاريَ تايو۔ ۽ وَس ۾ آهي ڪانه
اچي ننڊ سوريَ تي۔ هيَ فطرت آ انسانَ
جنهن ڪان حَقُ ڪٽي ويا۔ سا تڙپي ڪيئن يلا نه
ڪجن ڪهڙا بيان مهجوري۔ تنهن "مائلَ" جا.

12 فيبروري 1975ع سپر هاءِ وي ڪراچي کان حيدرآباد

## عنوان: پينگهاري ۾ ڪُتن ۽ خنزير جي شڪار بابت ٺهيل بيت

### بيت

پينگهاري ۾ پيدا تيا۔ سُورَ ڪي ڪنڌارَ
جن پيا ڪيا هِن پَٽ ۾۔ اهڙا آهِن آزارَ
ڪَراڪا ڪايو تا وجن۔ توڙي ماٺهو سُتَلُ بارَ
هَڏِڪيُون ڏيو ڊيڄاريو۔ هَرِ ڪنهن وجن يارَ.
لوڏيُون ڪئين بڄڙائجي۔ ڪائي وٺين هارَ
سوچون خَفِتِن جون به تي۔ بِلڪل وٺيون بيڪارَ
حِيلا سَبِ هلائيون۔ جيڪي منجهه شڪارَ
حالت ههڙيَ ڪي ڏسي۔ وينا ڪَنِ ويچارَ
اندر اتن آچارَ۔ ته مارِيُون ڪيئن "مائلُ" چئي.

### بيت

صلاحَ سمجهي سيئي ويا۔ ٽُرڻئون تِي سي تيارَ
تہ ڪرڻو آهِ هڪدم هي۔ شوقئون هاڻ شِڪارَ
صحيح سنبري سَڀ هَليا۔ جوءِ انهي جُهونجهارَ
سوگهو ڪرڻ لءِ سيئين پرئين۔ ڄاڻن وچاڻا چارَ
حيلا هلائي هوشياريءَ سان۔ ڪيئون نيٺ ڪنڌارَ
چڙهيا رُخَ رَسِيُن جي۔ ڪيُن ڪُتن اهڙو ڪارَ
ڪيون ڪيڪاٽيون ڪاري جو۔ بند جي ويسُ بهارُ
هنجِي جهليس همت سان۔ بهادر بَلغارَ
پڄَڙڻُ پيسُ پوپٽُ ۾۔ ڪَنَن ڪاريهر ڏارَ
راڪيٺ پُڻ رسيو وڃي۔ اُن ڪي اچيٰ اُنَ وارِ
بند تيون بيمان جون۔ هُڏِڪيون ۾ هُڏڪار
ڪولهيءَ رسي ڪاري جون۔ ٻڌِيون تنگون يارَ
پُوري ڪي بہ وَرائيو۔ گهوڙن جي هِڻڪارَ
تِن ٻوڙي پُنيان هُن جي۔ سُنبَن ڏَئي سَتِڪارَ
آندئون طرف اُن ڏي۔ جِتِ پنجوڙَن جا چارَ
لڳو اچي سو لنگهہ سان۔ جِتِ خَفِتِي خبردار
وِٻسِ وڪوڙي يارُ۔ ٻڌئونس تنگهون پُچَ سان.

## بيت ـ 7

خبر ٻُڌي هِيَ خوشيءَ جي۔ اَچي ميڙُ متو ماڻهن
ڪَٽائي هَليا خَفِتِي سي۔ سَگهَن هَمراهن
رَسا وجهي روبَ جا۔ ڪنڌُ ڏئي ڪي ڪايَنِ
پيڙا پَليڏني ڳوٺ ٿيا۔ نزديڪ گُدامَن
زمين هٽي زنجير ٻِيا۔ وڃَ پَچي واڇُن
ڪڍيئون ڪُتا چارِ چارِ۔ جنِ دسيُن پَرَ پُٺَنِ
ڏِنـو مزو ماڻهن پي۔ هُئي وَهُوَا گهڻَن واتَن
ساٿا ڪري سيڪاتي۔ ڏَٿا هٽي ڪڃُنُ
ساهہ ڪڍيئونَ سَريرَ مان۔ ذُرُتُ لتو ڏيهِنِ
خَفِتِي سيئي ماپيا۔ نٿي منجهہ خوشين
جو محنت تن جي ثاب پئي۔ مالِڪُ مدد تِين
بيٺي وراٽيو وَهُوَا۔ ”مائلَ“ اُت ماڻهن
جو پينگهاري پٽَن۔ خالق ربّ خير ڪيو.

⊙

27 سيپٽمبر 1979ع بروز خميس 3:00 بجہ شام پنهنجي اوطاق پليڏنو ڪاڪا.

## عنوان: ڊرائيورُ

### بيت

صحيح ڊرائيونگ سِکڻ لءِ۔ ماڻهو نہ آهن تيار
اڪثر مالِڪ هلائن ٿا۔ وڏا، ننڍا ٻارَ
ٻيو وڏي ويا مُلڪَ ۾۔ ٽريفڪ جو آزارُ
احترامُ نہ آهِ قانون جو۔ ٿيو سڀ کو خودمختيارُ
جي پوليس پڪڙي ڪنهن کي۔ وجهي روب رعبدار
پئسن، پوليٽيڪل اثرن تي۔ سي وڃن هليا اُن وارُ
مُلڪَ اسان جي ماڻهن جا۔ اهڙا هَلن وَهنوار
جِتي ادا ٿيندو اهڙو۔ ڪرتُوتن ڪردار
غريبن مارَ گهٽي هَلي۔ وَڏنِ نہ رَهي ويچارُ
عوام بہ ايهين ٿي ويو۔ جيئن شُتَر بي مهارُ
پڙهيل بہ جاهِلن جيئن ڪن۔ عملي قدم اظهارُ
جاهِلَ تہ اڳي جَجها آهن۔ جِن ۾ ڪيئي سردارَ
افسوس انهن جي حَال تي۔ جِن پَڙهي نہ پَروڙيو يارَ
پڙهن، پروڙڻ سان ٿئي۔ انسان تہ بيدارُ
نہ غور فڪرو ڪو يارَ۔ پَر توجهہ نہ "مائلَ" تربيت ڏي

## عنوان: پوليس

بيت

جيئن ڪاتبَ لِکفنِ ڳُلهن تي۔ تا نڪيرُ ۽ مُنڪرُ
تيئن پوليس بہ لِکي پيپرَن تي۔ ڏوهن اکَرَ اکَرُ
انويسٽيگيشن بعد تي۔ تئي خقيقت ظاهر
کي لَکَن پَڳَن ڪتابن تي۔ ڪي اَڃن پَنَن اندرِ
ڪو پوي اَچي جو وچ ۾۔ ڪو ماٺهو مُعتبرُ
تہ ڪيس ڪڍَن پو ڪيترا۔ ۽ تئي تي درگُزر
اهڙي طرح آخر۔ "مائلَ" هلي هي مُلڪ پيو.

⊙

5 اپريل 1980ع، ڇنڇر رات 12:00 بجہ پوليس اسٽيشن، سعيد آباد

## عنوان: وڪيل

بيت

قلب واري ڪورٽ ۾۔ تي وِحدت جو وڪيلُ
الله سائينءَ جي اُلفت جو۔ مُثبتُ ڏِجُ دَليلُ
تہ تومان خوش تي خيال جي۔ اَندرَ جو اَصيلُ
تہ جلُ جلاَله جليلُ۔ ڇڏائيندو وڃيهَن ڪان.

⊙

16 اپريل 1982ع، اڱاري رات 9:000 بجہ وڪيل احمد قريشي جي آفيس، حيدرآباد

بيت

آ فڪرُ جنهن فصيح۔ قُرب واري ڪورٽِ جو
سو غلط کي صحيح۔ ۽ صحيح کي غلط ڪري

⊙

16 اپريل 1982ع، اڱاري رات 9:000 بجہ وڪيل احمد قريشي جي آفيس، حيدرآباد

## بيت

قُرب محنت ڪِرمنَل جو۔ تي عادي ڏوهارِي
جن سزا ڪاڏي سِگَ ۾۔ پرِت ٽنين پارِي
شوقَ واري شُنوائي ۾۔ متارن وجهين گهارِي
غير حاضرَنُ تي غُصي مان۔ تو بارُ ڏئي بارِي
تہ "مائلَ" موچاري۔ پو فتوي ملندي فتح جي.

16 اپريل 1982ع اڳاري رات 9:000 بجہ وڪيل احمد قريشي جي آفيس، حيدرآباد

## بيت

سِوِل ميٽرَ سِگَ جو۔ داخُل ڪر فريادُ
۽ ثبوت ڏي تون سائينءَ کي۔ تہ داوَر ڪرئي دادُ
ڳولي قولي محبت جو۔ ڪر تون پيش موادُ
حاصل ڪرڻ لءِ حق جي۔ برهُہ ئي تيو بنيادُ
ڪيئي الله سائينءَ آزادُ۔ "مائلُ" ڏينهن ميثاق جي.

16 اپريل 1982ع اڳاري رات 9:000 بجہ وڪيل احمد قريشي جي آفيس، حيدرآباد

## عنوان: ٺيڪيدارن ۽ انجنيئرن جو پروسيجرُ

### بيت-1

پَرسنٽيجُ پُورو- جنهن ڏِنو نہ ٺيڪيدارَ
تہ انجنيئرَ بہ ورِيو اُن ڪي- ڏين قلم جي مارَ
آڪڙجو اِن ڳالهہ تان- پيا پاڻ ۾ ڪن آچارَ
جي سچي ڳالهہ چٽُ ڪٽي- تہ دِل ۾ ڪائين خارَ
صحيح ڪم ڪرڻ لءِ- ڪير بہ ناهي تيارُ
ٺيڪيدار بہ نڳي لءِ- وينا ڳن ويچارَ
تہ ڪهڙي طرح ڪم ڪري- پئسا بچايون هزارَ
۽ هِڪدم هٿ ڪريون- بنگلو، موٽر ڪار
هي بلڊنگ، روڊس، ايريگيشن- سيني کاتن جا وهنوارَ
"مائلَ" هن مذڪور جي- ڪيا ڪهڙي خبر چارَ
پيا پڌرا آهن پارَ- مُلڪ اسان جي ماٺهن جا.

⊙

30 جون 1975ع اسسٽنٽ انجنيئر بلڊنگ جي آفيس، حيدرآباد

## بيت

انتظار۔ اي ڊي پي جو۔ آهي اهڙو انجنيئرن
جئن نهارجي رمضان چنڊ کي۔ تيئن تڪيو تا تڪن
خاصي مِلڻ اماونٽ تي۔ ڏاڍا خوش سي ٿين
جي ڪنهن وقت ملڪي حالتُن تي۔ پئسا گهٽِ اچن
تہ وينا اُن حڪومت جون۔ شڪايتون سي ڪن
هينان رهن هَوس ۾۔ تہ پئسا ڪمائجنِ
بنگلا، موٽرڪاريون۔ هڪدم هَٿِ ڪجن
الله سائين پناھ ڏي۔ ڪان اهڙن ارادن
جيڪي هَوَس ۾ هُجن۔ سي "مائلَ" سدائين مونجهہ ۾.

## بيت

اسٽيمنٽُون بہ اهڙيون۔ تا ناهِن اورسيئر
جت ضرورت نہ هُجي۔ اُتي هِڪدم ڪريو رِپيئر
رَنگ بلَ ناهن سي۔ تنهنجا تنهن ويرَ
پَرسَنٽيجُ پورو وٺي۔ تيون مالدارن سان نبيرَ
ڪي بلڪل پئن تا پيئر۔ ڪي سڱن تا هِڪَ سُرڪَ لءِ

## بيت

سائيڊ چيڪ ڪرڻ تي۔ ڪن داروغا ڏيڙات
ڪُجھ اسان کي به ڏيو۔ نه ته ڦاڙينداسون ڦات
هٽو جيڪي ٽا اوهين۔ گورنمينٽ جا ڪاٺ
ٺيڪيدار مجبور ٿيو۔ ڪجھ چڪائين ٿن کي چاٽ
جو نڪي تن جي پلئه پئي۔ ۽ ظاهر ۾ سي لاٺ
ڏِسجين ته ڏهڪاءَ ساڻ۔ گھُمَن جيئن ڪنواٺ
پرَ مُورِ نَه ڪٽن "مائلُ" چئي۔ سي ڪنهن اڳيان ڳاٺ
چوکي لڳين چماٺ۔ ته سمجهي وڃن سيئين پرئين.

## بيت

اسسٽنٽ انجنيئر به وريو۔ جلدي نه ڪن سائِن
جو انهن جون به اکيون۔ انهن ٻِلَنَ ۾ آهن
ٺيڪيدار نه هَلي سنئون ڪو۔ ته ان کي رُلائن
ميئرمنٽ تَنهنجي لءِ۔ وريو حُڪمُ هلائين
ڪاٽ ڪريو تنهنجي۔ نقصان پهچائين
ته پر سنتيج پورو ڏي۔ نه ته تولءِ ڪم ناهِن
جنهن کي هو پا پاٽئون۔ پيا چاهَه منجهان چاهِن
ته ڪُليل تنهن لءِ آهن۔ دروازا اُن دفتر جا.

## بيت

اڪائونٽنٽ ۾ آفيس مليو ٿا۔ رکن پنهنجا ريٽَ
جي حصو نہ تن پورو مليو۔ ٿا ڏاڍا وجهن سي ڦيٽَ
جيئن زميندار خريد سان۔ چيٽيو وٺن ٿا چيٽَ
ٺيئن ٺيڪيدارن جي ڪاغذن جي۔ بلڪل پيٽان پيٽُ
جي لڳين ڪا لپيٽ۔ تہ سمجهي وڃن سيئين پَرين.

## بيت

ٽينڊر ڪلارڪ بہ ٽائيپ ڪيو۔ ٿا حصو پنهنجو وٺن
اُنهن کان پوءِ ٽينڊرن کي۔ پاڻهي پُر ٿا ڪن
جي پئسا نہ مِليا اُن کي۔ تہ رولا ڪئين وجهن
ٺيڪيدار بہ اُنهن کان۔ دل ۾ ڪيٻائين
تہ وقت نہ وڃائن اسان جو۔ ۽ وقت تي ڪم ڏين
۽ ڪاغذ سڀ ٽائيپ ڪري۔ ورڪ آرڊر ڪڍن
اهڙا ماڻهو سڀ مليو۔ ڪم پيا هلائن
پئسن جي ترقي لءِ۔ ڏاڍو سڀ چاهن
نٽ ٺانگر سان رهي۔ ڪاڏا اونچا ڪاٺين
جڙ سوڏاچي آهن۔ ماڻهو مالِڪَ "مائلَ" سي.

⊙

1 جولاءِ 1975ع ارشاد جي جاءِ لطيف آباد حيدرآباد

بيت

پٽيوالن پَٽَ۔ رُپئي ٻِن جي هر ڪنهن
جيڪو گهِڙي آفيس ۾۔ اُن کي هَٽَنِ جهٽ
جو وَهي انهن ساڻ ڪو۔ تہ ان تي رهن ڳاهٽ
انڌير نگري تا چون۔ ۽ راجا جنهن چَرِيٽ
مُلڪَ انهيَ ترڪٽُ۔ "مائلَ" ماٺهو ڪن ڪيترا.

1 جولاءِ 1975ع ارشاد جي جاءِ لطيف آباد حيدرآباد

بيت

واسطيدار آفيسر تا۔ ڪوشش وڏي هيَ ڪن
۽ آڊٽ آبجيڪشنن ڪان۔ تا ڏاڍو لهرائن
غلطيون پنهنجون ڪوشش سان۔ ڪريڪٽ تا هو ڪن
جيئن وڃي نہ اسان جي نوڪري۔ خراب نوٽ لڳن
ڪن خاص خاص تاريخُن تي۔ هو گهر ۾ لڪيو وهن
اچي متان ڪو اوچتو۔ آڊيٽر ڪڙڪن
۽ غلطين دُرست ڪرڻ جو۔ موقعو متان نہ ڏين
متان رولا گهٽا هُجن۔ ۽ پَڪڙجي پئون ڪنهن پَل ۾.

بيت

اخلاق اسان جي ملڪ مان۔ "مائلَ" هليو ويو مُورِ
مسلمان ۾ مَروَت ناهِ۔ آهي ڏاڍو اهو ڪو سُورُ
وهي گهٽئي ويا وهڪري ۾۔ جوانُ ٻارُ ۽ جهُور
الله سائين بچاءِ تون۔ ڏاڍو ڏُکويو دور
تو ذهن رهي چُور چُور۔ ڏسو اهڙيون ڳالهيون.

بيت

اڇي ويو آ مُلڪَ ۾- اخلاقي زوال
مادي ترقي تي گهٽئي- پر آهي يار جهجال
سادگي وئي سپين مان- رکن اوچا گهڻا خيال
الله سائين بچاءِ تون- آهين تون لجپال
"مائلَ" مون مسڪين جو- سائين سُڻ سوالُ
هي رحمت ساڻو ويالُ- لاهِ اسان جي ملڪ تان.

بيت

انصاف اسان جي مُلڪ ۾- زوريَ ڪيائون دَفنَ
نہ ڏنائونس ڪفنُ- ڪٺي پورئيونس ڪَڏَ ۾.

بيت

سَندرو بي واجبيَ تي- گهٽن ئي آهِ ٻَڌو
جي ڪنهن کي هدايت ڪري ڪٺي- تہ ڪري ٻُڌو اڻ ٻُڌو
مُور نہ سمجهي محبت سان- ۽ موچڙي سان سڌو
تيار گهڻا تي ٿا رهن- تي هلڻُ هِت ڪُڌو
جي نظر ماڻهو مان ختم تي- تہ اکن هوندي انڌو
تي ڏاڍو ويو گندو- ماحول "مائلَ" هِن مُلڪ ۾.

بيت

کهڙا تي ويا حالَ- "مائلَ" مُلڪَ جي ماڻهن جا
تعليم ظاهر جين وڌي- تيئن اخلاقي پيا ڪالَ
خواهش وڌي وئي گهٽن جي- ميڙڻ لۓ ٻَرَ مالَ
وڏا ارادن اهڙن- آهن ماڻهو جام جنجال
خوشروئي وئي ختم تي- ماڻهو رهن ملالَ
هلي جت ڪٿ يارَ تي- مونجهاري مقالَ
جلَ جلاله جلال- خير ڪر ڪو خالقَ تون.

## عنوان: مُرشد سائينءَ سان مخاطب

بيت

پولا پُوَ پَچيج۔ مُرشد مٺا مون "مائلَ" جا
ان الله مع الصابرين جو۔ سبق سيکاريج
قلبئون ڪَسُ لاهيج۔ نُوري هڪ نگاهَ سان.

بيت

تهدل توڏي آهيان۔ "مائلُ" آئون مِٺا
سندم ساهُ پَساهُ آهِ۔ توتان سدا فدا
ڪر تون نظر قلب تي۔ نرمل نامِ خدا
تہ جانب ٿينَ جُدا۔ سيئي وهمَ وجود کان.

بيت

"مائلَ" کي منهنجا پرين۔ ڪانهي ڪابہ خبرَ
تون نُوري ڪر نظر۔ تہ اکيون کُلن اندر جون.

بيت

اکيون کُلن اندر جون۔ ۽ مچي محبت مَچُ
دلبر سيئي، دُور ٿئي۔ قلبَ منجهارئون ڪَچُ
سچ تو چوان سچُ۔ تہ طالبُ تنهنجو آهيان.

⊙

1 جولاءِ 1961ع۔ امين منزل، گاڏي کاتو حيدرآباد

بيت

سچُ پچُ سُهڻلَ- مهرَ ڪرين مون "مائلَ" تي
تہ هَڪُ ئي نِگاهَہ نرملَ- لهي ڪَسُ قلب تا.

⊙

1 جولاءِ 1961ع- امين منزل، گاڏي کاتو حيدرآباد

بيت

ڪامِلَ هَڻُ ڪا ڪرمَ سان- من تي محبت مُهرَ
ڪُلفت وڃي ڪِڇِي- اُجري سندم اندرُ
آهِہ اوهان جي عشق جو- اندر منجهہ اُبرُ
جانبَ پياريو جَرُ- پياسي هِن پينارَ کي.

⊙

1 جولاءِ 1961ع- امين منزل، گاڏي کاتو حيدرآباد

بيت

عاجز ڪري ٿو عجز مان- سائين تو در سوالُ
آڻ ميو ڏيو عجزَ جو- "مائلَ" محبت مالُ
تو در داتا آئيو- هيڻو ڪٺي حالُ
سواليءَ سُڻي سوال- نُوري اڄ نواز تون.

بيت

"مائلَ" اٿئي مرشد جي- حڪم ۾ حڪمت
مڃ سدائين محبت سان- اُن ۾ اٿئي عبرت
تہ قادر جي قدرت- پَسندي پاڻهي پَڪ سان.

⊙

8 رمضان المبارڪ 1391هجري 29 آڪٽوبر 1971ع بروز جمع وقت 11:30 بجہ هالا شريف

## بيت

مَچ سدائين محبت سان۔ هاديءَ جو حُڪمُ
حُجت ڪيمَ هلائجئين۔ ڳنڀي ڪَرُ قدم
پائي پانڌُ ڳچيءَ ۾۔ نَميو پيو تون نَمُ
هينو هلجئين حضور ۾۔ اِهو ڪر تون ڪمُ
تہ ويجهو ٿيئي ويساهہُ سان۔ جيئن توسان آهي دم
رکئي مهابي مُرشد جي۔ ڀَلارو ڀرم
پو ڪري رحم ڪرم۔ "مائلَ" نوازئي محبت سان.

⊙

8 رمضان المبارڪ 1391هجري 29 آڪٽوبر 1971ع بروز جمع وقت 11:30 بجہ هالا شريف

## بيت

اڪمل اج اچي۔ ڪيا ڪم ڪِنَ جا
نالائق نوازيئين۔ ڏنئين ڪانہ ڪچي
هَليا جيڪي حُبَ مان۔ پائي پانڌُ ڳچي
"مائلَ" سندس محبت ۾۔ مَستُ ٿيا مَچي
سي بِلڪل پيا بچي۔ جي ان درِ آئيا عِجزَ سان.

## بيت

جي اِنَ درِ آئيا عجز سان۔ دِل کي ڪري پيرَ
سي نالائق نوازيئين۔ مَنَ تان لاهي ميرَ
ڏِنئين تن کي ڏاجَ ۾۔ سِڪ، صبرُ جا سيرَ
"مائلَ" اچن جي محبت سان۔ تہ هُن وٽ ناهي دير
اويرَ ۽ سويرَ۔ ڪاملُ ڏسي ڪينَ ڪي.

⊙

9 رمضان المبارڪ 1391هجري 30 آڪٽوبر 1971ع بروز ڇنڇر، هالا شريف

بيت

ڪڏهن رنجايو ڪون ڪو۔ منهنجي محب وٽان
مجرم ڪي معافي ملي۔ حبيبن هٿان
جو ڪري اچان اچان۔ سو سڏيو وِهاري سَٿَ ۾.

بيت

ڏولڙ آهي ڏَڪُ۔ ڪڏي عيبَ نہ ڪنهن جا
مُحب جو مرڪ۔ اِهو آهي اصلَ ڪان.

بيت

"امين" گهوٽ اچي۔ همدم ٿيءُ حبيبَ تون
تہ محبوبَ تنهنجي محبت جو۔ وڃي مچُ مچي
هم صحبتن مان ڪين ٿيو۔ رڳو ريٽا ٿيا رَچي
جيڪي گهريئون حبيب ڪان۔ سو سيڪي مليُن سچي
پر ساهُ نہ سُڪايئون سائينءَ لءِ۔ پائي پانڌُ ڳچي
ماريئون ٿي مسڪين ڪي۔ ڪري ڳالهہ ڪچي
مهر ڪريو مون "مائلَ" تي۔ تہ بلڪل پوان بچي
تہ نرمل پوءِ نچي۔ هٽا نعرو تنهنجي نينهن جو.

بيت

اڳيان در حبيبَ جي۔ هليا منجهارئون حُبَ
پائي پانڌُ ڳچيءَ ۾۔ عجز ساڻ ادبَ
ڪرمين مِلَن قُرب پيا۔ پيا سيئي آهن سبب
راضي ٿين رَبَّ۔ "مائلَ" مليا محبت سان.

## بيت

عجيبن اڄ ڏني- خاصي خوش خبر
تہ عاشقن لءِ اسان جا- کُليل آهن درَ
"مائلَ" مليا محب سان ٿيا سجايا سفرَ
واليءَ ڪيا ورَ- پنيون مرادون من جون.

## بيت

پُنيون مُرادون من جون- ٿيا لايا سجايا
"مائلَ" محبتن جا- ٿيا سفر سجايا
پو پرينءَ ڪٽي پياريا- سِڪ مان سَوايا
پلارن پلو ڪيو- بختن پڙايا
عجزئون جي آيا- اُهي اَگھِيا در الله جي.

⊙

11 رمضان المبارڪ 1391هجري، 1 نومبر 1971ع حيدرآباد کان ڪراچي ويندي بس ۾.

## بيت

عاجز ڪري ٿو عجز مان- سائين اوهان کي سوال
تہ مون سان هلو ميڙ ٿي- جو هيٺو اٿم حالُ
راضي رهبر کي ڪريان- جو لاڪيٺو لجپال
آهي روز حشر جو ۽ هجري نئون سال
ڏکيو دشمنن آ گھٽئي- ڪوڙو وجهي ڪالُ
معافي وٺي ڏيو محب کان- تہ پُليل ٿان بحالُ
"مائلَ" محبت مال- صرف کپي ٿو سِڪ جو.

### بيت

مڇيان سدائين محبت سان۔ هاديءَ جو حڪمُ
حجت هلايان ڪين ڪي۔ ڪنبي ڪٿان قدمُ
پايان پانڌ ڳچيءَ ۾۔ نہ دعويٰ سندو دمُ
هيٺو هلان حضور ۾۔ اهو ڪريان ڪمُ
ويجهو اٿم ويساهہ سان۔ جيئن مون سان آهي دمُ
مُهابي مُحمّدﷺ جي۔ ڀلا رکيو ڀرمُ
هاڻ ڪري رحم ڪرم۔ "مائلُ" نوازيو محبت سان.

### بيت

جٽِي ڇا جاڻان۔ آئون پرين تنهنجي پيار مان
نالائق نواز تون۔ سُهڻَل سياڻا
ريجهي ڪا راڻا۔ مهر ڪريو مون "مائلَ" تي.

### بيت

جاڻان ڇا جَٽِي۔ آئون پرين تنهنجي پيار مان
پيارج وِرهَہ وَٽِي۔ قرب ڪري ڪو پنهنجو.

### بيت

جَٽي جاڻان ڇا۔ پرين تنهنجي پيار مان
ٻَرِڇي پنهنجي ڪا۔ مهر ڪريو مون "مائلَ" تي.

## بيت

ڪڏهن ڇڏيندس ڪين ڪي۔ دلبر سندئي دَرُ
پرين ڏي ڪو پيار مان۔ پيالو ڪري پُرُ
تہ نشو ٿئي نَرُ۔ نرمل اوهان نينهن جو.

⊙

6 جولاء 1961ع هالا

## بيت

پيارا تنهنجي پِرت جي۔ پل پل اٿم پچارَ
چِني يار ڇڏي وئين۔ محب مٺا منٺارَ
اٿم عجيب اندر ۾۔ آن سندا آزارَ
سگهو لُهہ تون سار۔ "مائلَ" پنهنجي جي مٺا.

⊙

4 جون 1961ع هالا

## بيت

سجڻ تنهنجي سِڪ ۾۔ تو سڪي سندم ساهُہ
پرين سندءِ پورن ۾۔ پڇيو ٿيان پاهُہ
ڪهُہ جاڻان ڪهڙو ٿيو۔ اوهان جو ارواحُ
آئون ڏوريان ڏُکن ۾۔ اوهين بِلڪل بي پرواهہ
نِرمل نامُ الله۔ "مائلَ" ڏي ورُ محب تون.

⊙

4 جون 1961ع هالا

## بيت

محب ملاقات۔ سڄڻ ڪرائج سيگهہ مان
اڪيون عجيب اُڪنديون۔ تيون ڏس ڏينهان رات
سِڪَ سنڌءِ ۾ ساهہ ڪي۔ ساجن آ سَڪِرَاتِ
"مائلَ" مون مُشتاق ڪي۔ محبت ڪيو ماتِ
وائي وصل وات۔ واحد ڪارڻ وارِ تون.

⊙

4 جون 1961ع هالا

## بيت

وائي ورڻ وار تون۔ ويهہ وساري
سندم ساهہُ پساهہُ تو۔ سُهڻَل تو ساري
"الفراق اشد من الموت" تو۔ متا مون ماري
ڳڻتي تنهنجي روز تي۔ ڳچ هنئين ڳاري
جڏيَ سندي جيَ ڪي۔ وڃ جانب جياري
واڳ وصل واري۔ مِل اچي تون "مائلَ" سان.

## بيت

ورمَ وساريجُ۔ سڄڻ سپاجها سپرين
واحد لڳ ولهيَ ڏي۔ واڳ وصل واريجُ
پرين اچي پيارَ جا۔ ڪي پيالا پياريجُ
جانب جياريجُ۔ "مائلَ" مون مهجور ڪي.

⊙

4 جون 1961ع هالا

## بيت

دلبر مون ڪان دُور- جانب جڏهن تو ٿئين
تڏهن تنهنجي طلب ۾- سهِسين سهان سُورَ
مٺا مون "مائلَ" ڪان- وڃين متان وهلورَ
ڏکوئين ڪان ڏُور- هرگز نہ تي حبيبَ تون.
⊙

28 جون 1961ع

## بيت

تو ڏسان پنهنجي پاڻ ۾- رمزن جو تو رازُ
ڏنم ڏاتر ڏيلَ ۾- نُوري ڀيو نيازُ
اُتم مليو خيال ڪي- پراهونَ پروازُ
سِڪ مان پيو تو سازُ- وڃي سندس وحدت جو.
⊙

15 فيبروري 1975ع

## بيت

بِرهہ سندي باغ ۾- ٿيءُ گوندر سندو گُلُ
تہ سُڳَنڌ سُنگهئي سيڪو- چئي "مائلَ" ٿيئي مُلُ
ءِ هلئي ڏاڍو هُلُ- سُرهاڻ جو سنسار ۾.
⊙

15 فيبروري 1975ع سومر شام 7:00 بجہ ڊپٽي ڪمشنر بنگلو حيدرآباد

## بيت

"مائلَ" رمزون مُرشد جون- ميجي ڪر سرت
ڪيڏي چڏيون قلب مان- ڪوڙي سڀ ڪِرت
رکج سدا روح ۾- نرمل سندي نِرت
پڪي ڪر پرت- تہ ويجهو ٿيئي ويساهہ سان.

⊙

## بيت

"مائلَ" رمزون مرشد جون- سَمجهي تيُ سُجاڻ
اکيون پَٽي اندرَ جون- اُنَ سجڻ کي سُڃاڻ
مولا اُٿئي مِلائيو- سُهڻل اهڙو وساڻ
آگي سندي عطا جو- چاڻ اهو اهڃاڻ
هلجئين نئڙت، نياز سان- پنهنجو سنيالي پاڻ
ڪر حاصل حال حبيب ڪان- جَتُ تي وڃاءِ مَ چاڻ
پاسي ڪر تون پاڻ- تہ ويجهو ٿئي ويساهہ سان.

⊙

## بيت

"مائلَ" رمزون مرشد جون- سمجهي ڪر ساڃاءِ
ويٺو پنهنجي وجود ۾- وريو وريو وهنجاءِ
سانڍ سداءِ ساهہ ۾- ڪنهن کي ڪيم سُڻاءِ
ڳالهيون سندس ڳُڻن جون- ڳايو ڳايو ڳاءِ
ڪري پو تون قدمن تي- ۽ پانڌ ڳچيءَ ۾ پاءِ
قلب منجهہ ڪماءِ- محبت سندي مام کي.

بيت

پائي پاندُ ڳچيءَ ۾ـ ريجهائج رهبر
محبت رک من ۾ـ ڪج نہ ڪڏهن ظاهر
اينهين لڪائج لوڪ کان ـ جڻ آهين بي خبر
ادب، نوڙت، نياز جوـ رک تن ساڻ ثمر
تہ نرمل ڪري نظرـ قلب اجاريندئي قرب سان.

⊙

26 سيپٽمبر 1962ع ڪوئيٽا

بيت

ڪچي ڪيئن ڪوهہ ـ جو روح رنجايئي رهبر جو
"مائلَ" معافي وٽ تون ـ جو ڏاڍو ڪيو تئي ڏوهہ
اهرو ڪين اندوهہ ـ رکڻ گهرجي روح ۾.

بيت

خطائن کان خفا تي ـ جڏهن رهبر تئي تو رنج
تڏهن ڏين تا ڏنجهہ ـ اچيو وَهَم وجود کي.

بيت

تدبير جو تعلق ـ رکو رهي تو عقل سان
مگر محبت عشق ـ اوڏو ناهي اُن کي.

### بيت

مُرشد ڪيو مقُدم۔ سمجھ سڀ ڪنهن ڳالھ ۾
اڳيان اُن جي ادب سان۔ نميو پيو تون نمُ
"مائلَ" سندس محبت ۾۔ ڏي تون هڏ ۾ چم
ناتو نيائج نياز سان۔ اهو ڪر تو ڪم
پر دعوي سندو دم۔ ڪڏهن هڻجئين ڪين ڪي.

⊙

### بيت

مرشد کي مقُدم۔ حاضر، غائب ڄاڻ
ڪڏهن به پنهنجو پاڻ۔ آڻ نه آڏو اُن جي.

⊙

### بيت

جڏهن مرشد جي محبت۔ رکندي پنهنجي روح ۾
تڏهن ويندئي وجود مان۔ ڪدورت، ڪُلفت
ان کان پوءِ عبرت۔ ليندين پنهنجي پاڻ ۾.

⊙

## بيت

رهبر سندي روح کي رليا ڪيم رنجاءِ
اگلِيون پنهنجون عادتون- محبت ساڻ مٽاءِ
پاڻ سنڀالج پانهنجو- ڪر نہ ڳچي تون ڪاءِ
سختيون سيئي ساهَ کي- صبر ساڻ سهاءِ
حجت واري هام تون- هرگز ڪيم هلاءِ
پاندُ ڳچيءَ ۾ پاءِ- تہ راضي توڪان رهبر ٿئي.

⊙

8 آڪٽوبر 1962ع منڊو ڪاڪا

## بيت

مُرشد مهربان- جڏهن ٿئي تو جنهن تي
تہ ڪڍي ان جي قلب مان- وڏي وَهمَ گُمان
ان کان پوءِ انسان- صحيح معنيٰ ۾ تو ٿئي.

⊙

## بيت

"مائلَ" سوئي مرشد ڪان- ڪندو حاصل حالُ
جو دُئيءَ جو دجالُ- ڪڍي ڇڏيندو قلب مان.

⊙

## بيت

ڪَٿي خوش اعتقاد- "مائلُ" پنهنجي مُرشد ڪان
باقي بي اعتماد- ڪڏهن پِرائي ڪينَ ڪي.

## عنوان: جُنونُ

### بيت

جُنون ڏيئي جوش- پهچايم پرينَ وٽ
ڪنهن پر پُڄان ها ڪينَ ڪي- جي هجان ها هوَش
”مائلَ“ محبت ۾ وڃي- ٿيسُ دلبر سان هم دوش
نَبِيزُ ڪريان پيو نوش- من ۾ سندس محبت جو.

⊙

جنوري 1975ع

### بيت

جُنونَ سوا جاني- ڪنهن پر ڏسان ها ڪين ڪي
پُرَڙَ سوا نہ پُڄان ها- هجي ها حاصل حيراني
پهتيس جڏهن پِرَ ڪي- تہ ڪئي عجيبَ احساني
تنهن جو ڪيئن ثاني- ساٿي ڪنديس ڪو پيو.

⊙

جنوري 1975ع

### بيت

جنهن راهہ رَليو رهبر سي- تنهن ”مائلَ“ نہ پُڄان ها مُور
هجي جَسُ جُنونَ کي- جو پهتس پهرين پورُ
پيا جَذبا ويچارا جهُورَ- تن رستو ڏَسيو رَمَزَ جو.

⊙

جنوري 1975ع

## بيت

محبت واريَ مستيءَ جو۔ مَشربُ آ مستنِ
"وحده لاشريڪ له"۔ پختو يقين اٿن
"ومن يتوڪل عَليٰ الله" تي۔ هردم پيا هلن
"ونحن اقرب اليه من حبلاللوريد" تا۔ پنهنجي پاڻ پَسن
"الله نورالسماوات والارض" ۾۔ ڏسيو تا ڏسن
"ڪل سيرو في الارض" ۾۔ گهميو تا گهمن
"لااِلٰه اِلاالله محمّد رسول الله ﷺ"۔ قلبئون اُچارن
"ڪل شي يجرڪ" ۾۔ نوچيو نهارن
اهدنا الصراط المستقيم سان۔ پرور ڏانهن پُرن
"ليس الانسان الاماسعيٰ" جو۔ فرض ادا تا ڪن
خلوص محبت پيار سان۔ هر ڪنهن پيش اچن
عبرت ۽ عجب جو۔ ڪاڏو تا ڪائن
عجز وارو آب تا۔ پاڻي ڪريو پيئن
سِڪ جي پنهنجي سرير تي۔ پوشاڪ تا پهرن
لڪيو اينهين لوڪ کان۔ گهمندا پيا وَتن
سچو وقت سائين سان۔ "مائلَ" مَحِوُ رهن
افضل عبادت الله ڪئي۔ سا خدمت خلق جي ڪن
هتي هن جهان ۾۔ اينهين گذارن
لوڪُ نہ لکَي تن۔ ويا واحد گڏجي

⊙

1 صفر 1395هجري 13 فيبروري 1975ع جمعرات 2:45 D_12 بنگلو محمد علي سوسائٽي ڪراچي

بيت

جلوي جلال جمال سان۔ مولا ڪيو ٿئي مست
منهنجي اهو مقدر ۾۔ لکيئي روز الست
هيَ قادر ڏيکاري قدرت تو۔ نہ تہ پرور هئس مان پَستُ
دير نہ ڪيئي دم ڪُو۔ جو سائين ناهين سُست
محبت سنڌئي ۾ مولا مان۔ هاڻ چريو بہ آهيان چُست
جو داتا رکي دَستُ۔ ڪٿي "مائلُ" مٿي ڪيئي مهر مان.

⊙

1 صفر 1395هجري، 13 فيبروري 1975ع جمعرات 2:45، D_12 بنگلو محمد علي سوسائٽي ڪراچي

بيت

محبت جي مستيَ ۾۔ جو مچي ٿئي مستُ
سو مُور نہ ٿئي ماڻهن جو۔ زوريَ زيردستُ
جو قدرت اُن جي قلب کي۔ ڪيو زبردستُ
مستيَ مَحوِيَت ساڻ گڏُ۔ چالِ هلي سو چُستُ
جو اُن کي روزُ الستُ۔ قادر ڪيو قلندري.

⊙

12 محرم الحرام 13952هجري هالا

بيت

مشرب ۾ يا مولا تو۔ محبت ڏني مستي
قادر ڏنئي ڪرم سان۔ هادي اهڙي هستي
نالائق نوازيئي۔ ستائين نہ ڪيي سُستي
محبت سنڌئي جي "مائلِ" کي۔ چوٽ چڙهي چُستي
الله سائين آباد ڪيئي۔ برهہ واري بستي
تقويت ڏنئي توڪل جي۔ پرت نہ ٿيندي پستي
محبت ڏني "مائلَ" کي۔ تو آهي الستي
وهبَ ڏنئين ٿي وحدت جا۔ ٿي وسي اندر وستِي
پنهنجي ڏئي پيار جي۔ دردن ڏنئي دَستي
ٿي وَسي اندر وستي۔ جو وَهَبَ ڏنئين پيو وحدت جا.

## بيت

مشرب ۾ يا مولا تو۔ مونکي ڏني محبت
ڏسان پيو سڀ ڏيهه ۾۔ قادر سندس قدرت
اکيون ڪائن عجب ٿيون۔ ۽ آهن منجهه حيرت
ٿي نظر اچي انسان جي۔ هر ڪائي فطرت
بيشڪ تون ئي آهين۔ سڀ ڪان وڏي طاقت
ضايع ذرو نہ ڪرين۔ مولا ڪنهن جي محنت
تنهنجي هر ڪنهن ڳالهہ ۾۔ هادي آ حڪمت
قربان تنهنجي نام تان۔ هردم ۽ هر وقت
تنهنجي روزِ الست ڪان۔ بلڪل ڪيم بعيت
وساريان ڪئين واحد مان۔ تنهنجي پاڪ طينت
جو سڪ مان ڏني ستار تو۔ سائين سگهي صحت
هن جهان ۾ هلڻ لءِ۔ وڌ نہ ٻي نعمت
گهنگار گدلي سان۔ مولا ڪيئي مِروتِ
ڪفر ڪذب ۽ ظلم جي۔ ڪان بچايئي لعنت
شيطاني شر ڪيئي۔ ربّ ڪري رحمت
جلوو پسايئي جمال جو۔ ۽ جلال ڏنئي جُرَت
پاڙيَ ڪي تو پُر ڪيو۔ تو ڪاوان اها عبرت
جو واحد گڏيئي وحدت۔ "مائلُ" ڪٽي مهر مان.

⊙

1 صفر 1395هجري 13 فيبروري 1975ع

## بيت

الله سائين مون تي۔ سنديءَ لک احسانَ
لک تہ آهن تورڙا۔ هت جاءِ ڪروڙن ڪانَ
سائين ڪيئي سولو۔ پرت مان پشيمانَ
نہ تہ ڏاتر هئي ڏيهہ ۾۔ پيا بہ گهڻي انسانَ
الله الصَمَدُ تون آهين۔ اتئي ڪنهن جي پروا ڪانَ
قادر آهين ڪُل جو۔ سگهورا سُبحانَ
بخشيئي گنهگار کي۔ منهنجا مولا مهربانَ
صدقي امام حسينؑ جي۔ پنهنجا سُجاڻي شانَ
مهابي مرسلﷺ جي۔ "مائلَ" ڏنئي مانُ
پنجتنؑ، چوڏهن جي صدقي۔ سجاتئي سبحانَ
جلال سارُ جهان۔ ڪئي معافي ڏنيئي "مائلَ" کي.

⊙

1 صفر 1395 هجري، 13 فيبروري 1975ع

## بيت

بيشڪ سڀ جو آهين۔ الله سائين مالِڪُ
نِپايئي ننڍڙي هوندي کان۔ ٻاجهہ پئي ٻالڪ
سِڪَ، مستيءَ ۾ سالِڪُ۔ "مائلُ" ڪيئي مهر سان.

⊙

1 صفر 1395 هجري، 13 فيبروري 1975ع

## بيت

محبت مستيءَ ۾ ڪيو، مولا مونکي ممتاز
عشق سندس جو اندر ۾، اهڙو ڏنئين آواز
ٿو ٻليل اچي بازُ، جو هڪ پيرو ٻڌڻ سان.

## بيت

"مائلؔ" مون مسڪين جو، آهي مولا مددگار
جو جلؔ جلالؔ جبار، قادر آهي ڪُل تي.

## بيت

پرور ڪئي پاڻهي، چرئي سان گڏ چالاڪُ
پيو وائي ورائيان حق جي، بلڪل ٿي بيباڪُ
ٿو سڻايان سنسار کي، وحدت سندوئي جو واڪُ
وحدت سندي واپار ۾، چاهئون ڪيئي چالاڪُ
نرخ سڻائيان نياز جو، بلڪل ٿي بيباڪُ
چوان ته هي سستو سيٻ ڪان، آئٿو وحدت سندو واڪُ
وڪڙ ونو وِتِرو، جو پئي به ٿئي پاڪُ
ته ڪُليوَ ڪُلِفُ قلب جو، جو ٿيو آئٿو لاڪُ
الله سائينءَ ٻڌو آڪُ، رکيو انهي تي رحمت جو.

⊙

1 صفر 1395 هجري، 13 فيبروري 1975ع

## بيت

هِتي هُتي آهيين- منهنجو تون الله
پيدا پرور پاڻ ڪري- سائين وڏو تئي ساهُ
جمال ۽ جلالَ ساڻ- جوڙئي ڏنئي جاهہ
"اهدنا الصراط المستقيم" جو- ربّ ڏيکارئي راهہ
تيو پردو آهين پناهہ- "مائلَ" مون مسڪين جو.

⊙

1 صفر 1395هجري 13 فيبروري 1975ع

## بيت

مِهر ڪري يا مولا تو- ڏني قوت قلندري
سچو ثابت تي ڪيئي - "مائلُ سروري"
پنهنجي پروري- ڏيکاريئي ڪيئن ڏيهہ ڪي.

⊙

1 صفر 1395هجري 13 فيبروري 1975ع

## بيت

هِتي هلايئي حڪمت سان- هادي ڏئي همت
جمال ۽ جلال جي- جيَ ڪي ڏنيئي جُرت
ڪيئي پلارا ڪرم سان- پلي سندم قسمت
آهيان الله سائين آئون بہ- انهي ۾ عبرت
تہ گولي گنهگار تي- ايڏي سندءِ شفقت
بانهي ۾ تو باجهہ سان- ڪيڏي رکي قدرت
عقل فهم سڀ عاجز ٿيا- آهي هردم ئي حيرت
عشق اچي اگواڻ ٿيو- ڪيئين امامت
ظاهر باطن ۾ ڏسان- تنهنجي ئي طينت
مَحِوُ اهڙو محبّتَ- "مائلَ" رهي تو مستيءَ ۾

⊙

4 صفر 1395هجري 14 فيبروري 1975ع D_12 بنگلو محمدعلي سوسائٽي ڪراچي

## بيت

مولا وٽ مظلوم جي- ڪيو آهُن نيٺ اثرُ
اچي مُحمّدﷺ مير ٿيو- اُن دم ئي آڌر
ظالم سڀ زبون ٿو- پاڙ ڪري پرور
جو مسڪينن جو مولا وٽ- ٿيو سفارشي سرورُ
پاڻا نوري نظرَ- ڪيئين "مائلَ" مون مظلوم تي

⊙

## بيت

فورن آهي فون- لءِ ماڻهن ملاقات
ڪري ڪالَ ٻُڌ سي- بلڪل ڪن ٿا بات
توڙي هجي ڏينهن يا- توڙي هجي رات
انسانن اهڙا- آهِن نَسبُ ڪيا آلات
ڪن جي غور گهَرو — ته منجهن مواصلات
"ونحن اقرب اليه حبل اللوريد"- آهي ايَ سچي آيات
سڏو پنهنجي سائينءَ سان- بلڪل ڪن سي بات
جي مَحوُ هن محبت ۾- ته ٿنَ ۾ ڏسن تجلات
"مائلَ" تِن کي موت پو- ماري نه ڪندو مات
ءِ رهندا سدا حيات- قائم سي ڪائنات ۾

⊙

1 صفر 1395 هجري 13 فيبروري 1975ع

## بيت

ڪرمُ ڪِنَنِ سان تو ڪرين- پيو سُجهي نه ڪو سرورَ
آهين ابوجهن جو- اَڪمل تون آذر
هيڻن جو همراهه تون- بي واهن سندو وَرُ
ناهي "مائلَ" جو مِنا- توريَ پيٽي پرُ
ڇاڻي تو پَرورُ- ته محتاجن جي مدد تون

## بيت

دلبر سنڌءِ در تي- آهي سواليَ هيَ صدا
"مائلَ" کي منهنجا مِٺا- ڪڏهن ڪج نہ جدا
ڪري پٽي پيزارن جي- نرمل نامِ خدا
نظر نوازش مان- اهڙي ڪر ڪا
نرمل پنهنجي نُور مان- ڪر اگلي تي عطا
مور نہ ٿجئين محب تون- خاطيَ کان خفا
پولا پيچن پرهَہ ۾- ۽ سينو ٿيئم صفا
قلب ڪعبو تي ويجي- منهنجا محب مِٺا
رهي هِن جهان ۾- هُجان جهان کان جدا
پيارج پِڪَ پريم جي- ڪاملَ اهڙي ڪا
تون سخي سراپا- سرور سچي سَرَ جو.

⊙

## بيت

ڏئي "مائلَ" کي- طلبن سندو تابُ
ڪيُوَ پنهنجي قُرب سان- نُور نظر نايابُ
تہ بِلڪُل ويو پُلجي- حبيبَ حسابُ ڪتابُ
هردم ۽ هر ويلَ ۾- آٺيان اکن آب
بخشي بديون بيڪار جون- ڪامل ڪَيُئِي ڪامياب
فقيرَ فيض مآبُ- ڪرمَ ڪِنين سان تو ڪيو.

⊙

عنوان: ليلان

بيت

مٺيءِ مٺي موهجي- مُٺي هَٿِمَر مَرُ
ليلان لڳي لوڏ تي- وڪٽي چڏيئي وَرُ
ڏِيلَ پنهنجي ۾ ڏَرُ- ڪر ڪو پنهنجي ڪانڌ جو.

بيت

ڪندو مٺيءِ جو موهُه تو- خوب خلق ۾ خوارَ
چڱون چوئين تو چِلولِي- ڏيان تون دل ۾ ڏارِ
اها ڪميٽي ڪارِ- چڱي چنيسر نا لڳي.

بيت

سُهٽي اها صلاح تون- منهنجي منج مُٺِي
نہ تہ ڏيهِنِ منجهہ ڏِٺي- ٿيندينءَ مٺيءِ جي موهَہ ڪان.

بيت

لِيلان لَجَ نہ ٿِيَئِي- جو ڪانڌُ مَٺيو تو ڪَڇَ تي
مُٺِي ڪينَ مَجيئي- پاڻ ويهايئي پاڻ لءِ

⊙

22 فيبروري 1962ع امين منزل گاڏي ڪاتو حيدرآباد

بيت

ماڻڪ سندو مُلُ- ڪٿي وڏو تو ڪچَ سان
آئيي ڪينَ عقلُ- مُنينءَ مٽئي جي موھ تي.

بيت

مُئينءَ مٽئي جي موھَ تي- ھي ڪيئي ڪُجاڙو
ھنيئي پنھنجي پيرَ تي- ھَٿ ٻين ڪُھاڙو
جو پرين جو پاڙو- پاٽھي وڃائئي پاڻ ڪان.

⊙

بيت

چنيسر جي چاھ مان- جٺي نہ ھِڏ جاتوءِ
"نُوريَ" جيان نيازَ جو- پاندُ نہ ڳچيَ پاتوءِ
جو ھارُ ڳچيَ پايوءِ- ٻڏي مرين ھا اِن ڪان.

⊙

بيت

ڪڏھن ڪميڻِن سان- ڪري نہ چنيسرُ چاھُ
سچ تي چوان سرتيون- جاڻي ھِڪُ اللہ
جنھن جو ڍِڄي ساھُ- سا "مائلَ" وني وَرَ ڪي.

⊙

22 فيبروري 1962ع امين منزل، گاڏي کاتو حيدرآباد

## عنوان: رقيبُ

### بيت

رقابت ڪان رِيسَ ـ ڪرين روز رقيب تون
هيڻن سان هر ويلَ تو ـ هَيَا ڪرين هِيَس
روح رنجائين خوامخواه ـ ڪيڏا ڪرين تو ڪِيسَ
انڌو نہ تي ابليسُ ـ پاڻ وِهائين تو پاڻ لءِ

### بيت

ڪري رِيسَ رقيبَ تون ـ ڪندين ڪُجاڙو
مُور نہ ڇڏائيندي "مائلَ" ڪان ـ پرين جو پاڙو
پنهنجي هٽين تو پيرَ تي ـ پاڻ ئي ڪُهاڙو
سڙيل اهو ساڙو ـ نهڙُ نينڌُئي اوچتو.

### بيت

رليا رقابت رِيسَ ڪان ـ يَر نہ پنهنجو پَيُ
ڪيڏا هٽين ڪوڙَ تو ـ ڇَڻ تو ڦاڙين اُپُ
سڃڻ سمجهن سپ ـ رتون تنهنجي روح جون.

### بيت

ڪر نہ پڌرا پانهنجا ـ لُوتا تون لڇڻ
سمجهن سپ سڃڻَ ـ رِتون تنهنجي روح جون.

⊙

2 جولاءِ 1961ع هالا

بيت

رِتون هر ڪنهن روح جون- سجڻ تا سمجهن
پر چئني گُلُ ڏين- مُور نہ ڪنهن کي مُنهن ۾

⊙

بيت

رولي لاءِ رقيبَ وڏا وس هلائيا
پر هِڪُ نہ ڪڍّهن حبيبَ- ٻڌيس مُدعا من جي

⊙

بيت

جي رهيا روز رقيب تي- ڪينَ آيا سي سالِ
پائيَ ۾ ڪوهہ پئين- تون پنهنجو پاڻ سنيالِ
پنهنجي اندر پالِ "مائلؔ" محبت محب جي

⊙

2 جولاءِ 1961ع هالا

## عنوان: سُورَ

### بيت

سچڻ تنهنجا سورَ، سهڻا پيا ساهہ ڪي
جانب جدائيَ ۾، پلٽيو پون پُور
ڪيا مون قُرب ۾، ڪهڙا آهن قُصورَ
مٺا مون "مائلَ" ڪان، وڃين ڇو وهلُور
ڏکيون ڪان ڏُور، ڪڏهن تجي ڪين ڪي.

⊙

### بيت

دلڙي دلبر يار تو، وڌي سُورَن منجهہ سَٺي
سوز سوايو روز ٿئي، ڪنهن پر ڪينَ هَٽي
مون ڪان ڇو منهنجا پرين، وئين محب مَٽي
ڳچايُون سڀ ڳَٽي، مِلُ اچي تون "مائلَ" سان.

⊙

### بيت

سچڻ مُڪئي سورَ، قرب منجهان ڪيئي
توڙي ڏنئون ڏيلَ کي، اچي سختيون سوين ئي
تہ بہ پرين آئون پيئي، سانديان تن کي ساهَہ ۾

⊙

1961ع هالا

بيت

سجڻ تنهنجا سُورَ۔ سانڍيم ساهَ سنوان
پرين تنهنجي پُورن ڪي۔ ٿي پيرين روز پوان
جونئين سِج نوان۔ تو "مائلَ" ڏي تون موڪلين.

⊙

بيت

"مائلَ" ڏي تو موڪليا۔ سورَن سَوَ هزارَ
ڳڻڻ ڳاٽيتو ناهِ ڪو۔ آهن اڪيچارَ
تا لاهين لَحِمُ لَنگهن تان۔ ڳُجهڙِي وِجهو ڳارَ
ساڙن ايئين سَريرَ ڪي۔ جيئن ڪُوريَ ٻرن انگارَ
تہ بہ پرين تنهنجا پيارَ۔ پايان سي پٽي ٻرهہ ۾.

⊙

بيت

"مائلَ" ڏي تو موڪليا۔ سجڻ سوين ئي سُورَ
پاليان پيو آئون پِرت مان۔ پرين تنهنجا پُورَ
جو اندر منجهہ اَنبُورَ۔ وڌئونم تنهنجي وِرهہ جا.

⊙

بيت

ٻَسيو پنهنجا سُورَ۔ وڃن ٻَراوا وسريو
پُورن مٿي پُورَ۔ چڙهن سدائين چِتَ تي.

⊙

1961ع هالا

# غزلیات

## غزل (نعت شريف)

مطلع:

"هدايت لاءِ تي هاديِ نبي نورالهديٰ آيو"
اسان جو رهنما رهبر محمّدؐ مصطفيٰ آيو.

1- اچي انسانيت کي جنهن اُجاريو آهِ عَالَمَ ۾
۽ بَخِشَشِ جو سَبَبُ بنجي هتي خيرالُوَرا آيو.

2- ڪلام الله جا شارحُ ۽ عاملُ هر عَملَ تي خود
هو مشڪل جو حل بنجي هتي مشڪل ڪُشا آيو.

3- ڪهين کي ڪا خبر هئي ڪانه خالق جي ڪا عظمت جي
سَرَاپَا صورتَ و سيرتَ تي هِت باخدا آيو.

4- تيو "مائلُ" رهي هردم محمّدؐ جي محبت ۾
اُهو ئي منهنجي مَنَ ۾ نُورالهديٰ آيو.

⊙

نعتيه طرح هي مشاعره ساڳي ڏينهن واري رات تي هو جنهن جي طرح مٿي آهي. اهو پڻ مشاعره هلندي لکيو ويو.

## غزل (1)

مطلع:

هو تير نظر سان ٿي گهائي هليو ويو
وري زخم دل جا ڇڪائي هليو ويو.

1- پي سمجهيم ته محبوب وِهندو گهڙي ڪا
هو آيو اگهڙ پير پائي هليو ويو.

2- خدا ڄاڻي قاصد اچا ڪونه وريو
جو پُرزور پرينءَ لءِ لڪائي هليو ويو.

3- ڏسي مون تي غالب جُنونءَ کي مُلا جي
چريو چئي خلق کي کِلائي هليو ويو.

4- هي آهي رقيب اوهان جي رقابت
تڏهن محبت منهنڙو مٽائي هليو ويو.

5- تهين کي ڪندو ڇا سنڌءِ وعظ واعظ
قدم قُرب ۾ جو وڌائي هليو ويو.

6- صنم تو ٿئي تنهن سان ساڻي سدائين
جيڪو نينهن ناتو نڀائي هليو ويو.

7- اچن پيا مبارڪ ڏني مون کي قاصد
ڳجهي ڳالهه ڪَنَ ۾ ٻُڌائي هليو ويو.

8- پَسي تنهنجو جلوو متا يار جاني
اڳيان سيڪو سرڙو نَمائي هليو ويو.

9- چُٽي تير چَشمن جا چوٽون چَلائي
سندم دل کي زخمي بنائي هليو ويو.

مقطع:
ڪري ناز نيڻن جا نرمل نهاري
هو ”مائلَ“ ماري ميجائي هليو ويو.

⊙

## غزل (2)

مطلع:

1- اجان مان رمز دلبر کي صحي سمجهڻ نٿو ڄاڻان
سبب ان کان اکين ۾ پرين پاڻ نٿو ڄاڻان.

2- يقينن ذري ذري ۾ خدا جو نُور پوشيده
ڏسان جنهن کي سا اُهائي مان نظر پاڻ نٿو ڄاڻان.

3- سندم دل ۾ متا توکي ڏسان جيئن تو حقيقي سا
زبان سان ڪنهن نموني مان ڪري ڄاڻان نٿو ڄاڻان.

4- نہ آهي درد منهنجي جي حڪيمن وٽ دوا دلبر
اوهين مون تي شفا ڪريو خدا ڪارڻ نٿو ڄاڻان.

5- اچي تي شامتِ اعمال کان تڪليف جيڪا ئي
خدا، رحمت سوا تُنهنجي اُها لاهڻُ نٿو ڄاڻان.

6- کٽي ڪيڏي نصيحت تون ڪرين مون کي پيلا واعظ
نہ تيندو ڪجھ پڇَرَ ڇڏ تون تَندو تاڙَڻُ نٿو ڄاڻان.

7- ڪيم حِيلا هزارين پر، ٿيا بيڪار رَسُ هاڻي
دلِ مغموم کي ڪنهن طرح، پرچائڻ نٿو ڄاڻان.

8- سَرِ تَسليم خَمُ آهي قبولڻ جي عنايت ٿئي
انهي کان وڌ خوشي بي ڪا، متي پاڻ نٿو ڄاڻان.

9ـ ڪبي آخر تہ ڪاميابي سهاري طالب المولي
اجا شعر قابل داد جي ناھڻ نٿو ڄاڻا.

10ـ چڏيم درياءِ دنيا ۾ اميدن دل سندي گشتي
رسائج تنهن کي ساحل ياخدا، تارڻ نٿو ڄاڻا.

مقطع:
محبت ۾ ڪري "مائلُ"، ڏنا جي سور تو سڪ جا
ڪرڻ سي آشنا ڪنهن سان چڱو پائڻ نٿو ڄاڻا.

⊙

## غزل (3)

مطلع:

ڪيو جنهن قرب ۾ قابو انهي ئي يارَ ڏي هلبو
سهارو جو سڄڻ آهي تهين سردار ڏي هلبو.

1- تين تا شرمندا شمس و قمر ڪتيون اڳيان جنهن جي
سين ڪان خوبصورت حُسنَ جي سرڪار ڏي هلبو.

2- ڪري مغموم منهنجي دلِ ڏئي ويو داغُ فرقت جو
ڏسڻ سان جنهن جي لهندو غمُ انهي غمخوار ڏي هلبو.

3- نہ ٻڄ درياءِ دنيا جي هنن لَهِرُن ۾ لوڏن ڪان
توڪلَ جي ٻڏي تُرهو پرين جي پارَ ڏي هلبو.

4- ڇڏي دنيا ۽ عقبيٰ ڪي خيالِ يارَ ۾ ئي رهہ
سَٺي سِرَ ساهہ جو سانگو مٺي مٺار ڏي هلبو.

5- پياري پُر ڪري جو ڏي سوئي سُرڪَ ساغر مان
انهي ئي ساقي ڪوثر سين سالار ڏي هلبو.

6- مليو لولاڪَ لَمّا جو جهين ڪي شانُ آ اعليٰ
محمّدَ ﷺ مير مدني مصطفيٰ منهندار ڏي هلبو.

مقطع:

محبت ۾ ڪيو "مائلَ" وجهي جنهن دامَ زُلفن جا
دِلاوَرَ دوستُ دلبَر تنهن دِلي دلداري ڏي هلبو.

⊙

## غزل (4)

مطلع:

آهه هرڪو فعل پنهنجي جو ئي فعل المختيار
ڏوهه ڪريو پاڻ پو ان کي قضا ڪيئن تا چئو.

1- هي مثالُ آ رنگ و بُو جو گڏُ هجڻُ گُلَ ساڻُ جيئن
آهِ جانبُ جيءَ ۾ تيئن پو جدا ڪيئن تا چئو.

2- مون ته هن جي ئي وفائن کان متاثر ٿي چيو
هي عجب آهي سڄڻ کي بي وفاڪيئن تا چئو.

3- ڪين جنهن آهي سڃاتو ماڻ ۾ "مَن عَرفَ" کي
تنهن کي ٻُلجي پو ٻَلا مَردِ خدا ڪيئن تا چئو.

مقطع:

آهِ تعجبُ واعِظَن ۽ ناصحن کي هيءُ ٿيو
رشاعري ۾ شعرَ "مائلَ" هيتيرا ڪيئن تا چئو.

⊙

## غزل (5)

مطلع:

عاشقن ڪي عشق جا ئي، بارَ سِر ڪٽڻا پيا
پيار ۾ پلپل زماني جا سَتَمَ سَهڻا پيا.

1- جي وصالِ يارَ جي، عاشق رکين تو آرزو
هر ڪهين سان قربداري، جا قدم پرٽا پيا.

2- نيڪ نيّت، دل صفاتي، هر عمل جو آ مدار
ڪاملن جا هي قبولي، قول ڪم ڪرڻا پيا.

3- بس فراقِ يار ۾ سُڪَ، موڪلائي ويا هَلِيا
دردِ غمَ ساتي رهيا، ڏُکَ سور سَوَ چَرڻا پيا.

4- جو ڪري محبوب وٽ، منهنجي شڪايت روز شب
تهن مخالف جي هنئين تي، منگ اڄ ڏَرڻا پيا.

5- سَندُ ڪو سيٺاهُہ ناهي، ۽ سُجَهن تا ڪُنَ گهڻا
بندهِ ناچيز ڪي، دريا وڏا اترڻا پيا.

6- رَسُ محمّد ﷺ مصطفيٰ، بي واهَ جي تون واهَ تي
وقت مُشڪل ۾ مٺا، توکي ئي سڏَ ڪرڻا پيا.

مقطع:

عاجزي ڏي دل، ڪندين، ”مائلَ“ تہ ٿيندين ڪامياب
هر طرح توکي خُودي جا، خيال سڀ ڇڏڻا پيا.

## غزل (6)

مطلع:

پرينءَ سان پيچ پائي پو نپائي يار تو ڪو ڪو
محبّت محب جي دل ۾ سمائي يار تو ڪو ڪو.

1- ڏسي ميدانِ اُلفت ۾ سوين سختيون، ڀڄا سَڌرِڙيا
قدم پُختا انهي پِڙَ ۾ ڄمائي يار تو ڪو ڪو.
2- نگاهِ تيغ سان جو نازنين عاشِقَ ڪُهي ويٺو
اڪيون اُنَ سان وڃي پنهنجو اڙائي يار تو ڪو ڪو.
3- اماره نفس تو جنهن دم وڪوڙي نفس ناطق کي
وٺي همت ڪان ڪم ان کي ڇڏائي يار تو ڪو ڪو.
4- لڳي هرڪنهن کي وئي پنهنجي ٻڌي تو ڪونہ ڪو ڪنهنجي
اذيت دل ڏکويل جي هٽائي يار تو ڪو ڪو.
5- محبت ۾ اچن وهم و گمان دل کي هزارين تا
انهن کان پاڻ کي بلڪل بچائي يار تو ڪو ڪو.
6- گهڻئي لفظن جا مجموعي لکن تا نظم اڄ شاعرَ
حقيقت فطرتِ انسان ٻڌائي يار تو ڪو ڪو.
7- خُواريون خلق جون آهن سَهڻ ڏاڍيون ڏکيون ليڪن
مٿي محبوب لءِ سِرَ تي سَهائي يار تو ڪو ڪو.
8- پڙهن تا علم ڪئي استاد وٽ شاگرد مڪتب ۾
عَمَلُ اُنَ تي ڪري نيڪي ڪرائي يار تو ڪو ڪو.

مقطع:

هڻن دعوا جو دم "مائلَ" محبت ۾ گهڻئي تا
مگر جند جان جان لءِ جلائي يار تو ڪو ڪو.

⊙

## غزل (7)

مطلع:

جتي ڏاهن جو ڪَپُ ناهي، اُتي ديوانا گُهرجن تا
جي پائِن پارَ ۾ توکي، اُهي مَستانا گُهرجن تا.

1- نوازش تُنهنجي نيڪيَ جي، هلي اَرِضُ و سَما پيئي
نوازج نُور سان نُوري، نہ بيا پيمانا گُهرجن تا.

2- مقدرَ ۾ جو منهنجي آهہ انهيَ کان مٽي وڌائي ڏي
سخي آهين سخاوت ڪر، اجان پيمانا گُهرجن تا.

3- پيارجُ جام اهڙو تون، جو وحدت ساڻ مون واڳي
نہ خالي ڇڏ سُواليءَ کي، اجان پيمانا گُهرجن تا.

4- پيڻ کان پوءِ چا ٿيندو خبر اُنَ جي خدا کي آہ
ڏسڻ سان ڪيفُ ڪن طاري، اُهي پيمانا گُهرجن تا.

5- پيارينديِ پلا وينو دعا ڏينديئي اُجايل دِل
اجا مان تِشنہ لَب آهيان، اجان پيمانا گُهرجن تا.

6- ڏسڻ سان مَستُ ڪن جيڪي، پِيَڻَ سان پرِتِ ڪن پُوري
”چُمِيا جِن تُنهنجا لَبَ ساقي، اهي پيمانا گُهرجن تا.

7- اُجان پهريون پياريو تئي، تِيُس مان تو ۾ گُم ساقي
فنا کان پوءِ باقي ڪن، اهي پيمانا گُهرجن تا.

8- مون کي اهڙو پياري پُر، ڪري ڇڏ اي صنم ساقي
پِيان پو پارَ مان وينو نہ بيا مئيخانہ گُهرجن تا.

9- رهي منظوم تنهنجي ياد، مون کي اي سچا سروَرَ
تئي آباد منهنجي دل، نہ ڪي ويرانا گھُرجن تا.

10- حقيقت، معرفت جي حال جا، اڄ ڪي مِلَن ماڻڪَ
نظر ڪر ڪيف وَرُنُوري، نہ ٻيا افسانا گھُرجن تا.

11- رڱَن ۾ روحَ ۾ تنهنجي، رهي آ تاتِ هيَ طالبَ
عطا ڪا ڪر حقيقتَ ۾، نہ ٻيا افسانا گھُرجن تا.

12- ٿيان مان لا اِلٰہَ کان پوءِ، اِلا اللّٰہُ جو عاملُ
اهو ڪلمون پرهان قلبئون، نہ ڪي بتخانا گھُرجن تا.

13- مڙَن مَچ تي اچو ڪي ئي، پَتنگ پڙَ ۾ لَهن تا اُتِ
ٿِيَن جي شمع تي قُربان، اُهي پَروانا گھُرجن تا.

مقطع:

مان تنهنجوئي آهيان "مائلَ"، ۽ تنهنجي دَرَ سچڻ سائلُ
پياري پُر ڪجَئين پارَي، اجان پيمانا گھُرجن تا.

⊙

بروز سومر 11 رمضان المبارڪ 1391هجري 1 نومبر 1971ع حيدرآباد کان ڪراچي ويندي ويگن ۾.

## غزل (8)

مطلع:

مردُ ئي تون جيت بازي عشق جي ميدان ۾
قرب سان ٻڙِ پيرُ غازي عشق جي ميدان ۾

1- جي هُجين عاشقُ تہ ڪر منتار تان سِرُ جانثارُ
ڪم رڳو ايندءِ نہ آزي عشق جي ميدان ۾.
2- تو ڪري ليکيو پرينءَ سان گهورٽي جت جان ٿئي
ٿَرڪُ ڪر تورا ترازي عشق جي ميدان ۾.
3- بس چڙهيين مَنمبرَ واعظَ ڪجهہ نہ ورندءِ وعظ مان
تون ڪري ڏِسُ عشق بازي عشق جي ميدان ۾.
4- سرد دمَ صدما سَوين هي عاشقن جو ٿيو مَرڪُ
رمز رک عاشق ايازي عشق جي ميدان ۾.
5- نفس هن نادانَ کي ماري مجائج مام ۾
نينهن جو بنجي نمازي عشق جي ميدان ۾.
6- سور سختيون، غم الم ۽ هي جدائي جون گهڙيون
صبر سان سيِ سَهُہ مجازي عشق جي ميدان ۾.
7- نيڪ نيت دل صفا سان تون عمل ڪر پيو سدا
ڪم اچي ٿي پاڪ بازي عشق جي ميدان ۾.

مقطع:

سِرُ سڄڻ جي ڪر حوالي ٿي اي "مائلَ" ڪامياب
پوءِ ملنديئي سرفرازي عشق جي ميدان ۾.

⊙

08- مارچ 1961ع پليڏنو ڪاڪا

## غزل (9)

مطلع:

نشان نظر منهنجي دل کي بنائي
صنم زخم گهڻا ڇڏيا اڄ ڇڪائي.

1- رهي نام زنده انهيءَ جو سدائين
محبت کي جيڪو هتي ويو ڪمائي.
2- سو منزلِ مقصود وچي نيٺ پهتو
ڇڏيو غير دل مان جنهن پنهنجي ڀلائي.
3- جدا دردِ دل تي نه مون کان تون جيئري
اچي لطف، شدتِ غم جڏهن تو ستائي.
4- زباني محبت ڪرڻ وارا ڪئين ٿيا
مگر محب سيني ۾ ڪو تو سمائي.
5- ٿيو نينهن منهنجو آ نروار تو سان
نپايان هي ناتو تو ڳائي وڄائي.
6- وصالِ صنم سان وڃي بيخودي تي
خودي تي هِتي پاڻ پنهنجوئي ڪائي.
7- پنهنجو نينهن ناتو نباهيندو نيهي
هتي هر ڪنهن جي ادا جاءِ ناهي.
8- محبّت ۾ وهم و گمان تا اچن ڪئين
انهن کان پنهنجو پاڻ ڪو تو بچائي.

مقطع:

تا دعوي رکن ڪيئي محبت سان "مائلؔ"
مگر ڄ ، جانب لءِ ڪو تو جلائي.

⊙

بروز جمع 9 جنوري 1974ع منجهند 2:10 ڪراچي کان حيدرآباد ويندي بس ۾.

## غزل (10)

مطلع:

رَوَش ڏِسي اڄ ساقيَ جي، ڪٽي پياسن پيتو آهي سُنُ
ڪنهن خار ڪان اڄ مئخاني کي، مئخوارن آهي ڇڏيو ڪٽي.

1- همدردي نہ حڪيمن وٽ آهي، تشخيص صحي سي ڪين ٿا ڪن
تڏهن ٿن جي دوائن کي، ڪائڻ بيمارن آهي ڇڏيو ڪٽي.

2- افسوس انهن جي حال تي آ، جنهن ائڪٽنگ پنهنجي پوري نہ ڪئي
هن فلمي دنيا جو پارٽ، پنهنجو اداڪارن آهي ڇڏيو ڪٽي.

3- هيرا لال هزارين آهن، پر وِندَڙ وارائي ڪينهي ڪي
جو اصلي پنهنجو عملي ڪم، وينجهارن آهي ڇڏيو ڪٽي.

4- ٿو هرڪو پريشان حال ڏسان، جو اصل اصول اسلام ڇڏيئون
هڪ ٻن جو سوال تہ ناهي ڪو، هي هزارن آهي ڇڏيو ڪٽي.

⊙

1975ع

## غزل (11)

مطلع:

منهنجي تہ ٽيندي توکي ضرورت جڏهن تڏهن
ڏيندئي نہ مون جيان ڪو محبّت جڏهن تڏهن.

1- مطلب پرست ڪيئي وڪوڙي ويا اٿئي
ڪو ڪو ڪندءِ خلوص سان خدمت جڏهن تڏهن.

2- پنهنجن مٿي ستم ۽ پَراون سان چو ڪرم
آهي انهيءَ رمز تي عبرت جڏهن تڏهن.

3- پنهنجن جو رَتُ دانگيءَ تي نيٺ ورندو آهہ
مشڪل ۾ تنهنجي تن کي آ غيرت جڏهن تڏهن.

4- ونڻو اٿئي جي امتحان پنهنجا پروا سڏ
ان وقت ٽيندي توکي حيرت جڏهن تڏهن.

5- دامن چڏي هٿن سان ڪيرائين تو پنهنجا گُلَ
خارن جي ڪيئن خلش ڏيئي فرحت جڏهن تڏهن.

6- چڏبي نہ هٿ مان دامن ڪرندا ڪڏهن نہ گُل
خارن جي وڏي خراش اذيت جڏهن تڏهن.

7- چنبڙي پوي تو خار اها ڪيئن وفا چئون
ان سمجهہ تي وڏي آهہ حيرت جڏهن تڏهن.

8- گل جي وچي سُڪي تہ بہ گُلقندُ تہ ٿئي
ڪارائتي سندس هر صورت جڏهن تڏهن.

9- جيئرن ڳچيءَ جا هارَ مزارَن تي پڙَ پوَن
تن جي ڀَلي ڪئي مولا آ قسمت جڏهن تڏهن.

10- گُل آهہ جي جوان تہ خوشبو انهي ۾ خوبُ
معطر ٿين حواس وٺن فرحت جڏهن تڏهن.

11- پنهنجو تہ نيٺ ماري ۽ چانوَ ۾ چڙي
پنهنجن تي رعبُ تابُ ۾ لذت جڏهن تڏهن.

مقطع:
"مائلُ" هي اصلئون مائلُ توڏي اي يارَ آهہ
ان کي هميشہ پنهنجي ڏي اُلفت جڏهن تڏهن.

⊙

30 مارچ 1975ع

## غزل (12)

مطلع:

اڇي پيو سمجهه ۾ تہ هڪ ڏينهن هُو بہ سوچيندو
اسان جي انتظاريَ جو اثرُ ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي.

1- هي تَڙپي نيٺ آهُون پنهنجو آخر هنڌ هٽي ڪنديون
هن دلڙي ويچاريءَ جو اثرُ ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي.

2- علاجن، آپريشن سان وڃن بيماريون ڀيون ڇڏيو
بِرهہ جي هن بيماريءَ جو اثرُ ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي.

3- گهٽي ڪوشش ڪيرائڻ جي دنيا ڪئي عاشقن لءِ آهہ
سندءِ سائين سَتاريءَ جو اثرُ ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي.

4- مان سمجهان ٿو پُليا آهن گهٽئي ظاهر ڏسڻ وارا
حقيقت هن سچاريَ جو اثرُ ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي.

5- گهٽئي منٿون ۽ ميڙيون مون ڪيون "مائلَ" سيئي ليڪن
وريو ڪجهہ ڪينَ خودداري جو اثرُ ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي.

⊙

30 مارچ 1975ع

## غزل (13)

مطلع:

خلقِ خدا کي پاڻ تان ڪِلائي تہ پئي پتو
دانائي ۽ چرپائپ ملائي تہ پئي پتو.

1- چئي آمنا صدقنا پَل چئي لبيڪ
رمزن ۾ پنهنجي پاڻ کي ڪو رُلائي تہ پئي پتو.

2- ٿهيل ٽُڪيَلُ تي اچيو سيڪو ٿو شينهن بنجي
ويرانُ وَستِيُون وِرهُہ جو ڪو وَسائي تہ پئي پتو.

3- پنهنجي ڪري ڪو پاڻ کي ماکيَ جي مک مثلِ
محنت ڪري ٻين کي ڪارائي تہ پئي پتو.

4- محبّت ۾ وهم دل ۾ هزارين اچن ٿا ليڪن
بلڪُل تنين کان پاڻ کي بَچائي تہ پئي پتو.

مقطع:

محبوب پنهنجا "مائلؔ" ڪيئي ڪري ڇڏيا
مائلُ ڪري ڪو ان کي مچائي تہ پئي پتو.

⊙

30 مارچ 1975ع

## غزل (14)

مطلع:

جڏهن تو نظر ڪئي سڄڻ ڪيفزا
تڏهن ڪان خوشي ويئي حرص و هوا.

1- ڏنيئي سُرڪي اهڙي پيارا پرِتِ
ڪئي دور جنهن ئي مٺا ماسوا.

2- هئي دل تہ وهمن گمانن ۾ قاتل
تي آجي انهن ڪان نظر تي اُها.

3- نظر نيڪ جي ئي نوازش سان دلبر
ڏياريَ فقط ياد هڪڙي خدا.

4- چڏين ڪين خالي تو سائِلَ سڄڻَ تون
هلي هاڪَ هر هنڌ اِهائي سخا.

5- ڪيئي علمَ جي محب امداد عالي
ثنا چا ڪيان، عظيم آ عطا.

6- رضا مند و رهبر سنڌءِ هيئن سمجهيم
اِهائي مٿم تي رسولﷺ رضا.

7- هٽان ڪين دعويٰ جو دم يار توسان
مگر هيَ صورت سندم التجا.

8- جهان وارا منهنجي شڪايت پيا ڪن
نہ پرواھہ آهي انهن جي گِلا.

9- جدائي جو ڪُٺڪو رهي ٿو وصل ۾
حقيقت ڪيان ڇا انهيَ ماجرا.

10- سندم تون ئي مطلوب، استاد، مرشد
آهين روح جي رمز جو رهنما.

مقطع:
هي "مائلُ" ڪري عرضُ اڪثير ٿو
قضا کي مَٽائج ڪان صاحب قضا.

⊙

بروز اڱارو 25 مارچ 1962ع، هالا شريف

## غزل (15)

مطلع:

مون جيئڻ ڪو جان تو لءِ جلائي تہ پو ميجيان
چريو چوائي پاڻ کي خلقَ کِلائي تہ پو ميجيان.

1- ظاهر ريہ جدا ۽ روحي طرح سان هِڪُ
اُلفت کي اهين توسان نيائي تہ پو ميجيان.

2- محبت زباني ڪيئي ڪرڻ وارا ٿيا مگر
سيني ۾ توکي پنهنجو ڪو سمائي تہ پو ميجيان.

3- تنهنجا ستم سهِي ۽ کِلندي گذاري خوش
منُ پوءِ بہ تنهنجي مَنَ سان مِلائي تہ پو ميجيان.

4- مطلب پرست ڪيئي وڪوڙي ويا اٿئي
خدمت خلوص سان نيڪي ڪرائي تہ پو ميجيان.

5- منصف ضمير پاڻ ئي پنهنجي کي ڪري
هر ڏوهہ پنهنجي پاڻ تي وسائي تہ پو ميجيان.

6- ڪامل جڏهن تو عشق اچي قلبَ ۾ وِهي
اُنَ کان قدم ڪو پنهنجو وڌائي تہ پو ميجيان.

7- آهن لکين هين کي ستائڻ وارا مگر
پر پاڻ کي ڪو پنهنجي ستائي تہ پو ميجيان.

8- محبّت جي دامر ۾ تو جڏهن کو وڪوڙجي
ڦٽڪي ڪو پاڻ اُنَ مان ڇڏائي تہ پو مڃيان.

9- ڪوتي نيت ڪي جيڪي سيڪنڊ ۾ هڪڙي سمجهن
تِن کي سبب ڏئي ڪُوڙا ڪو نثائي تہ پو مڃيان.

10- درد و الم غمن سان هردمر رهي خوشين ۾
اذيت تنين جي چاهئون ڪو چائي تہ پو مڃيان.

11- تيغِ نگاهِ نازَ سان جو عاشق ڪُهي تو ڪئين
اک ان جي اک سان پنهنجي ڪو ملائي تہ پو مڃيان.

12- اُلفت ڪرڻ جا يارو آهن گهٽئي قسمَ
پنهنجي پاڻ مان ئي پِرَ ڪي ڪو پائي تہ پو مڃيان.

13- ڪري عشق هرڪو انسان شاعر ڪي هيئن چون ٿا
پر توڙ تائين تنهن سان ڪو نڀائي تہ پو مڃيان.

14- پنهنجو حُڪم هلائڻ سولو بين تي يارو
پر حُڪمُ پاڻ تي ڪو پنهنجي هلائي تہ پو مڃيان.

مقطع:

محبت ۾ مَحوُ اهڙو "مائلَ" جيئن تي ڪري
هر شيءِ دنيا جي دل مان ڀُلائي تہ پو مڃيان.

⊙

31 مارچ 1981ع

## غزل (16)

مطلع:

چوي قلب پيو لاَ اِلٰہ اِلاَّ اللهُ
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ
پيو شافع مُحمّدُ ﷺ رَسُولُ اللهُ
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ.

1۔ هڪُ دمُ تو نفي جو ٻاهر وڃي پيو
اندر تو اثباتَ ڪٺان
ڪري رَڳَ رَڳَ پئي الله الله
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ.

2۔ جيڪو عشق و محبت مان ناهيو هو
وَنَحن اقرَبُ وَاحِدَ چئي
سو بلڪل ڏسان پيو بيتُ الله
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ.

3۔ منهنجو ساقي اچي تيو سَروَرُ خُود
پنهنجي پِرت مان پياري ڪيئين بيخود
سو نوح رحہ فقير بن نعمت الله
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ.

4۔ نَوَ لَکَ ملائڪ مُريدَ تِيا
هُئا جنهن جا تولُدَ ڪان اڳ پر
ڦهريون نالو آ سندُنِ لطف الله
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ.

5- جنهن هڪڙي نظر ڪئي نُورَ ڀَري
دل ٻِرهَہ سان جنهن ئي آهِہ ڀَري
سو ڪامل مڪمل ولي الله
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ

6- اهو غوث الحق ڏسو حالن ۾
آهيان جنهن جي مان مَتوالن ۾
سو هادي آهي حبيب الله
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ

7- سڏي هيَ نوازش سائل تي
ڪئي مُرشد پنهنجي "مائلَ" تي
تنهن خوشرو خوءِ خليلُ الله
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ

8- عليؑ، فاطمہؑ و شبيرؑ و شبرُؑ
ابوبڪر، عمر، عثمان، حيدر
حامي، پنجتنؑ، يا رَسول الله
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ

9- اچي ٻارهن، چوڏهن واهَرَ ٿيا
۽ ٻيا ٻہ مڙئي انبيا اوليا
هيَ هيڏي نوازش للهِ في الله
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ

10- بي نياز وٽ ئي نياز نيمُ
۽ شڪِ ندامت پيش ڪيمُ
سڀ بخشي بديون ڏنو وَهَبُ اللهَ
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ

11- مستي محبت ۾ آهيان مَحوَ اهڙو
جو وسريو وجود تو مون کان وجي
جو قلبُ ڏسان پيو ڪعبتہ الله
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ.

12- تيو جلال، جمال سان جلوه نِما
ڪئي ڪيڏي الله سائينءَ آهِ عطا
هي سچ تو چوان والله بالله
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ.

13- هاڻي ساقي خود، مئخانو خود
مئخوار بہ خود ۽ ساغر خود
پيان بِسم الله کي ڪريو بِسمِ الله
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ.

14- مخلوقُ مِنو ڏاڍو مولا کي
پرَ طَلبي جيڪو سوئي مِلي
اَٿوَ پاجهارو گهڻو ٿي اللهُ
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ.

15- چيو هاڻي جَزاڪ الله چوان
۽ صَبَحَڪَ الله ۽ مَسَحَڪَ الله
جو اِسم اندر ۾ قُل هوَ اللهُ
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ.

مقطع:

نِجُ نيهن نشو چڙهيو "مائلَ" جي
آهي قلبَ تي يارو هي ڪاملُ
تيو حاصلُ وَمَن يَتَوَڪلَ الله
سُبحَانَ اللهُ سُبحَان اللهُ.

⊙

13 صفر 1395 هجري 24 فيبروري 1975ع، سومر رات 1:00 بجي، هالا شريف

## غزل (17)

مطلع:

مَستَ مئخاني ۾ جڏهن، تا اچي وَارِدُ ٿِيَنِ
ساقي گهبرايو وڃي، مئخانا لرزان تا ٿِيَنَ.

1- جي اچن پيئڻَ تا سڀ مئي ڪي پيئو هو ڇڏن
مئخوار بيا مئخاني جا تا سُرڪَ هڪڙيَ لۓ سِڪن.

2- جي بچايو هُو ڇُڪي تا چاهَ مان ڪنهن کي ڏينَ
سي نشي کان نيهن جي پَٽَ تي ڪِريو پَلَ ۾ پونِ.

3- مَستُ نظرون جي کڻن ڪنڌُ ڪونہ تِن آڏو کڻي
ڊنگ ڪيئي خودبخود ڊِجيو اُتي اُن دم ڊَهَن.

4- جي جلالي ڪيفيتَ طاريٰ انهن تي آهِ پو
مئخوار بيا مئخاني مان ڀڄيو وڃو ڪُنڊَ ۾ لَڪن.

5- تي پوي ڪنهن دم لَڪلَ تِن تي اُنهن جي ڪا نظر
تا وڃن ٽُٽيو نَشا تِنِ، سَاهَ تا اُن جا سُڪن.

6- پِرتِ مان پيمانُ ڀَريو تا جَڏهن لَبَ تي رکن
عُمر ڀَر تِن جا نَشا تا ڪينَ قلبن تان لَهن.

7- پاڪ مئي مان پي سدائين سي جلالي تا جِيَن
۽ جَمالي ڪيف طاري تا سدا تِن تي رَهَن.

8- خالصُ خلوص و نيڪ نيّت سان سدا هر ڪنهن هلن
خوفَ ريَ پنهنجي خدا جي ڪين تا ڪنهن کان ڊِجن.

مقطع:

مِحويتَ تي تِن تي طاري ئي سدا "مائلَ" رَهي
دنيا ۽ عقبيٰ کي متي ديدار پيا پَرورَ پَسن.

⊙

17 مارچ 1975ع، هالا

## غزل (18)

مطلع:

ڪڏهن خوفِ خدا ڪان دل جو دل ۾
يار گهٽو ٿي ڏَڙڪون ٿا
ڪڏهن قابضُ تي ڪنهن جي قرب مٿان
يار اچانڪ ڳَڙڪون ٿا.

1- ڪڏهن ڪنهن کي ڳريون ٿا منٿون
ڪڏهن ڪنهن جي پرواهه ڪانه ڪيون
ڪڏهن ڪنهن جي ڪِري پئون پيرَنِ تي
ڪڏهن مُور نه ڪنهن وٽ لَڙِڪُون ٿا.

2- ڪڏهن تِرُ نه ڪنهين لءِ تَرسُون ٿا
ڪڏهن ويتا ڪنهين لءِ واجهايون
ڪڏهن پنهنجي پاڻ ۾ تيون ٿا گُمُ
ڪڏهن ڪنهن لءِ ڏاڍو تڙپون ٿا.

3- ڪڏهن عجزُ نياز ۽ ادب گهٽو
ڪڏهن خودداريءَ جي خوءِ گهٽي
ڪڏهن محبت مان ٿا هر ڪنهن ٻُڌون
ڪڏهن پاڻ اُنهن کي جِهڙِڪِيُون ٿا.

4- ڪڏهن هيٺن سان همراهه تيون
ڪڏهن بي واهَن جي واهَه تيون
هِن دنيا ۾ هِتِ اينهين جي
۽ وِرهَ ۾ يارو وَرُڪون ٿا.

5- ڪڏهن ارض و سما جا سَير ڪريون
ڪڏهن عرش عظيمَ جا رازَ ڏِسُون
ڪڏهن باهِ برهه جي ٻيٽي ٻاري
پَيَــڙَنِ جيئن اُتِ پَڙِڪون ٿا.

مقطع:
ڪڏهن "مائلَ" محبّت مستيَ ۾ ئي
تي خــودِ ڪان وڃون ٿـا خود بيخود
ڪڏهن سوزَ سڄڻَ جيَ سختيَ ڪان ئي
حُــبَ ۾ ڏاڍو هَــڙِڪُــون ٿــا.

⊙

21 اپريل 1977ع، اقبال ڊي، پليڊنو ڪاڪا

## غزل (19)

مطلع:

لڳي دل وئي ديواني سان، تڏهن دانا بہ وسري ويا
صنم جي عشق ۾ سڀ شوق، شاهانا بہ وسري ويا.

1- فقط هُنَ ابروئي خَمدار سان، مون کي ڪيو بِسِمِل
رهي باقي سندُس ئي ياد، افسانا بہ وسري ويا.

2- رُخ جانان ڏسڻ سان ئي، ٿيو غالبُ جُنون آهي
ٿِيُنُس مان هوشَ ڪان بي هوشُ، بيگانا بہ وسري ويا.

3- نگاهِ نازَ سان ساقي، پيالا پِرت جا پياريا
صُراحي، ساغر و مينا ءِ، ميخانا بہ وسري ويا.

مقطع:

نهوڙي نيٺ نيو نرملَ، محبت ۾ ڪري "مائلَ"
پُسايئين پاڻُ اهڙو جو بُتخانا بہ وسري ويا.

⊙

## غزل (20)

مطلع:

ڪيو جنهن قُربَ ۾ قابُو انهي ئي يارَ ڏي هلبو
سهارو جو سڄڻ آهي، تهين سردار ڏي هلبو.

1- تين تا شرمندا شمس و قمر، ڳتيون اڳيان جنهن جي
سپين کان خوبصورت حُسِنَ جي، سرڪار ڏي هلبو.

2- ڪري مغموم منهنجي دل، ڏئي ويو داغ فرقت جو
ڏسڻ سان جنهن جي لهندو غم، انهي غمخوار ڏي هلبو.

3- نہ ٻڄ درياءِ دنيا جي، هنن لَهِرُن ۾ لوڏن کان
توَڪلَ جو ٻڌي تُرهو پرينءَ جي پار ڏي هلبو.

4- تون ڇڏ دنيا ۽ عقبيٰ کي، خيالِ يار ۾ ئي رَهُہ
سَتي سِرَ ساهَہ جو سانگو مِٺي منتارَ ڏي هلبو.

5- پياري پُر ڪري تو ڏي، سوائي سُرڪَ ساغرَ مان
انهي ئي ساقي ڪوثر، سچي سالار ڏي هلبو.

6- مِليو لولاڪَ لما جو جهين کي شانُ آ اعليٰ
مُحمّد ﷺ ميرُ مدني مصطفيٰ، مهندار ڏي هلبو.

مقطع:

محبّت ۾ ڪيو "مائلُ"، وجهي جنهن دام زُلفن جا
دلاور دوست دلبر تنهن، دلي دلدار ڏي هلبو.

⊙

## غزل (21)

مطلع:

سُورَ دل جا ئي سَليَم اي يار بس هاڻي ٿيو
تي اثرُ توتي متان منٺار بس هاڻي ٿيو.

1- جي تمنائون رکي دلبر سندءِ دَر آيا
سي وڃن واپس. وري پينار بس هاڻي ٿيو.

2- نامِ خدا چڏ وعظ تون واعظ اجائي بَڪَ نہ بَڪُ
ماتِ ڪر چو تو ڪرين بيزارُ بس هاڻي ٿيو.

3- تشنہ لبُ تنهنجي پيار در تي پُڪارون قياس ڪر
مَئي سوا موتي وڃن مئخوار بس هاڻي ٿيو.

4- درگُذر دل سان ڪري مون سان اچي مل تون مِنا
تُرشُ ايڏو ڪينَ تي دلدارَ بس هاڻي ٿيو.

5- قول جي تو ها ڪيا سي پار هاڻي تون پرين
ڪئن وساريا تو اُهي اِقرار بس هاڻي ٿيو.

6- ڪر نظر پنهنجن پراون جي سجاڻڻ جي مِنا
تو ڪيا پيارا ڪئي اغيار بس هاڻي ٿيو.

مقطع:

منزلِ مقصود ڏي "مائلَ" هليو هل هاڻ تون
چڏ زماني جا پيا دلدار بس هاڻي ٿيو.

⊙

28 جولاءِ 1961ع، هالا شريف

## غزل (22)

مطلع:

هجي ڪيڏي حياتي پرَ اُها بي مُختصر رهندي
خُدا جي ياد ۾ گذري اُها ئي ڳارگر رهندي

1- چڏيو توکي نوازي هو نگاهِ فيضَ مُرشد جي
نہ تنهنجي ڪا ادا، زنده يا مرده بي اثر رهندي

2- محبت تو چڏي اهڙي جا لهندي ڪينَ قَلبَن تان
"هميشہ ياد اي "مخمور" تنهنجي دل اندر رهندي"

3- گهڙيون توسان حياتيءَ ۾ محبّت جون جي گهاريون ٿم
انهن جي ياد اي "مخمور" تنهنجي دل اندر رهندي

4- هليو هرڪو ئي ويندو نيٺ رهندو هڪُ انهي جو نانءُ
محبت کان سواءِ اهي زندگي ئي بي اثر رهندي

5- ڏي خالق تو خلقتَ ۾ فنا کان پو بقا جنهن کي
چوي "مائلؔ" اُهائي زندگي هِتِ سربسر رهندي

⊙

---

29 جون 2006ع، بروز خميس، پنهنجي اوطاق، پليڏنو ڪاڪا

نوٽ: "مصري فقير مرحوم جي ڪتاب "پڳهہ چوڙي پنڌ پيا" جي مهورت 1 جولاءِ 2006ع تي سندن اوطاق سرهاڙي ۾ رکيل تقريب جنهن ۾ مخدوم جميل الزمان "جميل" سائين ۾ "MPA" جن کي ڪتاب جي مهورت ڪرڻي آهي، ان جو دعوت نامون فقير صاحب جو پيو نمبر پاءُ محمد رمضان "مسڪين سروري" کڻي آيو ۽ طرح بہ ان دعوت نامي ۾ لکيل هئي جيڪا فقير صاحب جي پاڻتي عبدالحفيظ "خوشدل" صاحبِ طرح هو. ان موقعي تي سالن کان پوءِ شاعري ڪئي وئي ۽ تنهن تقريب ۾ سائين جميل الزمان ۽ نويدالزمان جن جي سامهون پڙهيو ويو."

## غزل

ہمارے دل سے تم کھیلو، نہیں شیشہ جو ٹوٹے گا
محبت اس میں ہے محفوظ، نہیں سپنہ جو ٹوٹے گا۔

بھلے تم ٹھیس اس کو دو، مگر کچھ بھی نہیں ہوگا
ستم کتنے بھی ہم کو دو، مگر کچھ بھی نہیں ہوگا
اس کو پیار ملا سچا، نہیں جھوٹہ جو ٹوٹے گا۔

میں تم سے تیری صورت کا، تصور لیے ہی بیٹھا ہوں
اثر ان سے صرف دل میں، محبت کا ہی لیتا ہوں
ہے یہ اب آشیاں تیرا، نہیں میرا جو ٹوٹے گا۔

نہ اپنا آشیاں کس نے نہ چھوڑا ہے نہ چھوڑے گا
اپنے مکاں کو خود، اپنے آپ توڑے گا
تمہارا گھر ہے یہ، نہ اوروں کا جو ٹوٹے گا۔

بھلا تیری جُدائی کیوں، نہیں محسوس ہوتی ہے
جو سینے میں تیری صورت، صنم منقوش رہتی ہے
السّتی ہے یہ "مائل" نہیں، ابگا جو ٹوٹے گا۔

⊙

21-03-1975، سول لائینز بنگلا، کینٹونمینٹ، حیدرآباد صبح 9:00 بجے۔

## غزل

جب دل میں میرے تو آئے خدا، سبحان اللہ سبحان اللہ
حیران ہوں میں، مجھ پہ عطا، سبحان اللہ سبحان اللہ۔
تو ہی بنایا ہے مجھ کو، اک خاک کی مٹی میں ہی سے
پھر شرف ہے تم نے ہم کو دیا، سبحان اللہ سبحان اللہ۔
تم نے ہی بنا کر ہم کو پھر، شرف دیا ہے ملکوں پر
سب قدرت تیری ہے مولا، سبحان اللہ سبحان اللہ۔
کی ذات تیری پنہان تونے، تب سجدا کیا ہے ملکوں نے
کیا کیا سے تونے کیا نہ کیا، سبحان اللہ سبحان اللہ۔
مجھے بندہ بنایا ہے تونے، اور مالک خود تو میرے ہوئے
میں ادنیٰ ہوں تو ہے اعلیٰ، سبحان اللہ سبحان اللہ۔
کل شیء یُحرکُ میں پنہاں راز، ہے تیرا کہاں میں کہوں
ہر جا ہی تیرا ہے جلوہ نما، سبحان اللہ سبحان اللہ۔
تو گل ہے تیری ہوں میں خوشبو، ہے فرق نہ اس میں کوئی ذرا
ہوں اک ہی لیکن نام جُدا، سبحان اللہ سبحان اللہ۔
کہیں عشق ہی بن کر آئے تو، کہیں حُسن ہی ہو کر بیٹھے ہیں
ہے تعجب کیسے رنگ بدلا، سبحان اللہ سبحان اللہ۔
اب اپنے آپ سے ہوں ڈرتا، جو قلب میں میرے بیٹھے ہیں
مجھ سے ہوئے حق تیرا ادا، سبحان اللہ سبحان اللہ۔
کہاں "مائل" کہاں سائل ہے، کہاں حق ہی بن کر حائل ہے
ہر صورت میں ہے نُور تیرا، سبحان اللہ سبحان اللہ۔

⊙

18-02-1975، سپر ھائے وے کراچی سے حیدرآباد آتے ہوئے بس میں۔

# قطعا

### قطعو

سياست جي صحيح سمجهي، تہ سياست ئي پيار آهي
سياست ڪئي سچي سرور، جو ڪُل تي مختيار آهي.
ڪرڻ خدمت خدا جي خلق جي نالو سياست جو
ائين اڄڪلهہ ادا ناهي، تڏهن هرڪو بيزار آهي.

### قطعو

ياد هونديون محفلو هي، تنهنجو سدائين ياد ياد
ٻُڌڻ وارن جون دليون، جنهن ۾ تين تيون شاد شاد
ديدهہ ور دليون ڏسن، تيون حضورِ قَلبِ هتِ
حسن تنهنجو مرحبا هي، زنده باد و زنده باد.

### قطعو

بِرهہ باهہ پيئي، سندءِ دل ۾ پڙڪي
تپش تاب ڪان پئي، مِنا دلڙي تڙپي
نظر ناز جي ئي، چِڏيو گُهورَ گهائي
هَڻي جادو جانب، وئين جنهن کي جهڪائي.

### قطعو

دل کي آهي دلرُبا، دلدار دل واري جي تانگهہ
خوبصورت، خوب سيرتَ، محب موچاري جي تانگهہ
جنهن نَشا نِجُ نينهن جا ڏئي، مست محبت ۾ ڪيو
ساقي سرور سخي، سردار سونهاري جي ٿانگهہ.

5 مارچ 1962ع، اڱارو هالا شريف

## قطعو

اچي منزل اهڙي وئي جو مشڪل جي خبر پوندي
انهيَ حالاتِ ۾ اُتِ، قوتِ حل جي خبر پوندي
جتي پاڻ سان گڏ ڇولين جا، تِين ڇوهئون تِين ڇڇڪارا
اُتي تنهنجي بہ طاقت جي، اڙي ساحلَ خبر پوندي.

## قطعو

خوشن جي انتها ۾ ۽، مصائبَ جي ڪمالن ۾
هٺي دعوي جو دم جيڪا، انهي دل جي خبر پوندي
جتي ساقي بہ مئخوان سان، پيئي پاڻ پيو پيمان
اُتي وارِدُ تيڻ مَستن سان، محفل جي خبر پوندي.

## قطعو_8

محبت جي ميدان ۾، توسان ڪبي "وَارو وَٽي"
مَئلُ سوئي ماريندو، جو راند ويو پوئين ڪَٽِي
تو "ٻنها ٻاريون"، "ٻلهڻ" "وارا" گهٽئي مون کي کنيا
جوش مان "جاڻنو" لَڳُئي، تان تون ڪرئين انهي پَٽِي.

نوٽ: هي قطعو سيد احمد شاهہ "اُستاد بخاري" دادو واري جي پُٽ قاسم شاهہ کي فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري وٺي ڏيڻ لاءِ سائين جن جي حُڪم تي مسٽر الله بخش سومرو جيڪو حيدرآباد ۾ ڪمشنر بہ رهيو هو ۽ اُن وقت سيڪريٽري فوڊ هو. ان وٽ وياسون جتي صاحب ميٽنگ ۾ هو. اسين ٻئي ٻاهر انتظار ۾ ويٺاسون. جتي پٽيوالن هڪ ٻي کي لفظ "وارو وٽي" پئي چيو اُن تي استاد بُخاري چيو تہ پاڻ اُن لفظ تي شعر لکون جيڪو مون اهو قطعو جلندي لکيو ۽ شاهہ صاحب نہ لکي سگهوي، جيڪا ڳالهہ پاڻ سائين طالب المولىٰ کي اچي ٻڌائين تہ اڄ "مائل" صاحب مون کي شاعريَ ۾ ملهہ ماري آيو آهي ۽ قاسم شاهہ کي مون فوڊ انسپيڪٽر جو آرڊر وٺي ڏنو جنهن منهنجي ڳوٺ پليڏنو ڪاڪا ۾ بہ ڪجهہ وقت نوڪري ڪئي ۽ پوءِ دادو بدلي ڪرائي ويو.

تمت باالخير

# قبلہ سائين طالب المولىٰ جن وٽ آئون ڪيئن پهتس
# ان جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو

قرآن شريف ۾ "يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ۚ قُلْ مَاۤ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ خَيْرٍ فَلِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۗ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ۝" (سورت البقره، آيت نمبر 215) جنهن جي معنيٰ آهي تہ ترجمو: "اوهان کي ظاهر ۾ ڪنهن شيءِ مان فائدو ٿئي ٿو ان بابت اوهان کي ڪهڙي خبر تہ ڪنهن ڏينهن ان مان نقصان ٿيندو يا وري اوهان کي ظاهري طرح سان ڪو نقصان ٿئي ٿو تہ ان لاءِ اوهان کي ڪهڙي خبر تہ اوهان کي فائدو ٿيندو اها خبر سڀ الله جي ذات کي آهي."

اسان جي ڳوٺ پليڏنو ڪاڪا کان ڏکڻ طرف تقريباً اڌ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي ديهہ ڇپر خان ۾ سائين جن جي زرعي زمين آهي، اتي اسان جي ٿر جي خفتين خنزير جو شڪار ڪيو ٿي. اسين ان زماني ۾ پنجون درجو پڙهندا هئاسين، آئون مون سان گڏ محمد قاسم ڪاڪا جيڪو اسان جي ڳوٺ جوئي آهي ۽ اسان گڏ پڙهندا هئاسين. گڏجي شڪار ڏسڻ ويا هئاسين. شڪار ختم ٿيڻ بعد موٽندي اسين ٻئي هٿ هٿ ۾ ڏئي آياسون پئي آئون ڏکڻ طرف هئس ۽ محمد قاسم اُتر طرف هو مون ساڄو قدم اڳتي رکيو ڪاٻي ٽنگ ۾ پيڏيءَ وٽ لُنديءَ بلا ڪڪي وئي، مون هڪدم پنهنجي ٽنگ کي قابو ڪيو ۽ ٽنگ کي ٽُوال سان ٻڌوسون. اسان جي پويان طاهر ملاح گهوڙي تي آيو پئي اُن مون کي گهوڙي تي ڪڍي ڳوٺ پهچايو (ٻلا جي ڏنگڻ سان سور ڪونہ ٿيندو آهي پر ڳهَر ٿيندي آهي). ان زماني ۾ اسپتالون ڪونہ هيون، مون کي سنڌي بصر ۽ نِجو گيهہ گڏي کارايائون. جنهن تي مون ڪافي اُلٽيون آيون ۽ زهر جو اثر گهٽجي ويو. ان بعد حاجي محمد حسن لاشاري مرحوم کان جَهاڙَ رکرايائون ۽ مون کي ٽي راتيون ۽ ٽي ڏينهن ننڊ ڪرڻ نہ ڏني وئي ۽ پندرهن ڏينهن آئون ڪمري اندر هئس. ان عرصي ۾ مون

منٺار فقير جو رسالو "رهنمائي" سچو ياد ڪيو جنهن ۾ فقير صاحب جا مرشد جي باري ۾ ڏهر لکيل هئا. ڪجهه تائيم کان پوءِ اسان جي ڳوٺ جي اوير طرف ڳوٺ منڊو ڪاڪا ۾ سائين طالب المولىٰ جن ڪنهن جي دعوت ۾ آيل هئا. پاڻ ان وقت درگاهه شريف جا سجاده نشين هئا. جتي مون سائين جن کان مريد ٿيڻ لاءِ ذڪر ورتو ان وقت خليفو مرحوم حاجي غلام محمد شاهه هو. مون کي ياد آهي ته پاڻ ان وقت اهي لفظ فرمايائون ته "هي ڇوڪرو اڳتي هلي تمام چڱون نڪرندو."

جيئن ته سائين شڪار جا شوقين هوندا هئا، سندن زمين تي ديهه مناهي ۾ پنج، ڇهه هزار ايڪڙ آهي ان ۾ اندازاً ٻه سئو ايڪڙن ۾ هڙهيون رکيل هيون، جن ۾ سندن شڪار لاءِ تمام گهڻا خنزير ڇڏيل هئا. هڪ دفعي شڪار ڪندي، هڪ خنزير اچي اسان ڳوٺ جي اوير طرف پهتو ۽ پاڻ گهوڙي کي ڊوڙائيندا اچي ان خنزير کي پهتا ۽ گهوڙي ان خنزير کي سُنبن سان ڪيرائي ورتو. پويان گهورن تي سوار خفتي به پهچي ويا. پوءِ ان خنزير کي ٻڌي سائين جن جي مناهي واري زمين تي کني اَلَڙُ ڪرايائون ۽ پوءِ آئون به گهوڙي تي چڙهي وچيٰ اتي پهتس، پاڻ جنهن وقت هالا روانا ٿيا پئي ته مون ان وقت منٺار فقير جو هيٺيون ڏهر ڏنو هو.

ڏهر

**چئو لاالِـه اِلا الله مُحمّد رسول ﷺ. اينهين چئي ويو چاڳلو مولا جو مقبول منجهان دل منٺار چئي ڪيو جن قبول، مٺان تن محصول لطف سان لهي ويو.**

اتي پاڻ گاڏي مان لهي مرحوم خير محمد ميربحر کان پڇيائون ته اهو ڏهر ڪير ٿو ڏي، جنهن کين ٻڌايو ته حاجي مصري ڪاڪا آهي. ان کي شايد حڪم ڏنائون ته سڀاڻي اسان وٽ ان ڇوڪري کي وٺي اچ. ڏينهه صبح جو مرحوم خير محمد ميربحر مون وٽ ڳوٺ منڊو ڪاڪا ۾ آيو جنهن مون کي چيو ته سائين جن توکي پاڻ وٽ گهرايو آهي تون تيار ٿي اچ ته هلون. آئون پنهنجي گهوڙي تي چڙهي ۽ گڏجي سعيدآباد آياسون، اتي اسان پڙيءَ تي گهوڙن کي ٻڌي ۽ گاهه ڏياري پوءِ ريل گاڏي جي ٽڪيٽ وٺي هالا روانا ٿياسين اتي لهي، تانگي ۾ چڙهي سائين جن جي دروازي تي

پهتاسين ان وقت دربان قاسم ڪيريو هوندو هو. ان کي خير محمد چيو تہ سائين جن کي عرض ڪر تہ خير محمد ۽ حاجي مصري ڪاڪا جن حاضر آهن پوءِ جيڪو حڪم ٿئي. قاسم اندر بنگلي ۾ ويجي سائين جن وٽ عرض ڪيو ۽ سائين جن فرمايو تہ ٻين ماڻهن جا ڪم لاهي پوءِ هڪ بجي انهن کي سڏائيندا سون. هڪ بجي اسان کي سڏُ ٿيو آئون سائين جن جي بنگلي تي پهريون دفعو ويو هئس ۽ خوف کان ڏڪيس پئي، اندر پهتاسون پاڻ مون ڏي نهاري چيائون تہ بابا تون خوف نہ ڪر تون اسان جو پنهنجو آهين، تو تي جنن جو نالو آهي ان سان اسان جي والد مرشد غلام محمد سائين عرف گل سائين جن جي تمام گهڻي محبت هوندي هئي ۽ هو راڳ رنگ جي محفل ۾ ڳائيندو بہ هو تنهنجو ڏهر اسان کي اهرو پسند آيو جو اسان چاهيون ٿا تہ تون اسان جي حاضري ۾ رهہ. مون عرض ڪيو تہ قبلہ بابا کان اجازت وٺان ۽ صلاح ڪري پوءِ آئون حاضر ٿيندس، آئون ڳوٺ آيس والد صاحب ۽ ٻين گهر وارن سان صلاح ڪيم، مون کي سيني چيو تون ڀلي وڃي سائين جن وٽ رهہ. ان کان پوءِ سندن صحبت ۾ رهيس ۽ پاڻ هميشہ مون تي مهربان هوندا هئا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

منهنجو جنم 19 سيپٽمبر 1937ع بروز آچر ڳوٺ پليڏنو ڪاڪا تعلقو هالا ضلعو حيدرآباد ۾ ٿيو هو. پرائمري تعليم سنڌي سَتَ درجا (فائينل) پنهنجي ڳوٺ جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ حاصل ڪئي. سال جا پويان ڇهه مهينا گورنمينٽ پرائمري اسڪول پنج مورو ۾ اسين پليڏنو ڪاڪا مان آئون محمد قاسم ڪاڪا ۽ ريڏنو سومرو فائينل جي تياري لاءِ اتي داخل ٿياسون ۽ اتي اسان سان گڏ مختلف ذاتين جا تقريباً پنجاهه شاگرد گڏ هئا. 1951ع ۾ فائينل جو امتحان حيدرآباد ٽريننگ ڪاليجن ۾ ڏنوسون. ان بعد مون سان گڏ جيڪي به ٻيا شاگرد هئا اُهي سڀ پرائمري ماسٽر ٿي ويا. مون کي منهنجي والد صاحب نوڪري ڪرڻ نه ڏني، ڇاڪاڻ ته منهنجي چاچي مرحوم محمد حسن کي اولاد صرف هڪ نياڻي هئي.جنهن جي مون سان نندي هوندي شادي ڪرائي هئون، جنهن جون لائون مون کي سائين طالب المولیٰ جن ڏنيون هيون، پوءِ آئون پنهنجي چاچي جي گهر ڳوٺ منڌو ڪاڪا ۾ وڃي رهيس.

اتي منهنجي گهر کان اولهه طرف خان محمد ڪاڪا مرحوم ۽ سندن ڀائرن جا گهر هئا. جتي خان محمد جو پُٽ محمد هاشم مرحوم هالا هاءِ اسڪول ۾ انگريزي پڙهندڙ هئو ان کان خانگي طرح اي.بي.سي پڙهڻ سکيم ۽ اڳتي ڪونه پڙهي سگهيس. آئون جڏهن سائين جن وٽ رهندو هئس ته اتي راڳ جون محفلون ۽ مشاعرا تمام گهڻا ٿيندا هئا. پوءِ مون کي به شاعري جو شوق ٿيو ۽ مون پهرين ڪافي جنهن جو ٿل هيٺ ڏجي ٿو اها لکي هئي.

ٿل: پٿي ٻاهه برهه جي ٻري سا آگ اجهامي ڪين ڪي.
ٿيءِ ان ۾ نالو مصري وڏو هئم.

ان کان محمد فقير محمد ڪتياڻ جو ڳوٺ سليمان ڪتياڻ ۾ 7 ستين کان 9 نائين سفر تائين ميلو لڳندو آهي، سائين جن هميشه اتي ميلي ۾ رات

ترسندا هئا، اتي مشاعرو ٿيو جنهن ۾ مولانا غلام محمد "گرامي" (مرحوم)، اسدالله شاهه "بيخود" (مرحوم) ۽ احسن الهاشمي بيا بہ ڪافي شاعر هئا جن جا نالا ياد ناهن مشاعري ۾ هئا، اتي مون اها پهرين ڪافي ترنم سان پڙهي هئي. جنهن تي سيني مون کي داد ڏنو ۽ سائين جن کي بہ اها خبر پئي تہ هي بہ شاعري ڪري پيو ان تي سيني صلاح ڪئي تہ مصري شاهه رضوي نصرپوري بہ وڏو شاعر آهي ۽ هن کي پيو ڪو تخلص ڏجي پوءِ مون کي "مائل" تخلص ڏنائون ۽ سروري جيئن تہ اسان جو مڪتب آهي، ان ڪري "مائل سروري" جي نالي سان شاعري ۾ مشهور ٿيس.

# زندگي جا اهم يادگار

1. اسان جي ڳوٺ کان ڏکڻ طرف اندازاً ڪلوميٽر جي فاصل تي ڳوٺ پيربخش ڪاڪا آهي، اتي سيد گهراڻي جا ٻه گهر هئا هڪ دودل شاهه ۽ ٻيو بقادار شاهه. دودل شاهه کي ٻه فرزند هئا. هڪ غلام مرتضيٰ شاهه عرف وڪيل شاهه ۽ ٻيو نورمحمد شاهه جيڪو هڪ بهترين شاعر به هو ۽ هن وقت حيدرآباد ۾ لالو لاشاري جي ڳوٺ ۾ سندس درگاهه آهي. جيڪو منهنجو همعصر (سنُ) هو انهن ٻنهي جي والده بيبي قائمه جو منهنجي والده سان تمام گهڻو رستو هوندو هو. مون کي منهنجي همشيره (مرحومه) ٻڌايو ته امان بيمار هئي بيبي صاحبه گهر آئي ۽ توهان رُنو پئي توکي کڻي بيبي صاحبه جن ٿڃ پياري، اها منهنجي وڏي خوش نصيبي آهي جو آلِ رسول ﷺ جي ٿڃ نصيب ٿي، ۽ منهنجي ٻي شادي جيڪا 10 ڊسمبر 1975ع تي ٿي هئي ان جي نيڪيٺيءَ جون لائون به بيبي صاحبه جن ڏنيون، اسان وٽ ”مستن“ جي نالي سان مشهور آهي ۽ سندن مزار ڳوٺ پيربخش ڪاڪا ۾ آهي.
2. طالب المولىٰ سائين جن جي ٻئي نمبر فرزند سائين خليق الزمان جن جي 1975ع ۾ شادي ٿي هئي، جيڪا حيدرآباد کان ٻاهر ڳوٺ مُلان فراش ۾ پير محمد جمن مرحوم (جيڪو مرشد نوح فقير جي خاندان مان هو) جي نياڻي سان ٿيڻي هئي، سو ان ڪم ڪار ۾ شادي کان پوءِ جيڪو وليمون ٿيڻو هو ان جي دعوتن جا ڪارڊ منهنجي حوالي ڪيا، مون رات جو ماسترن جي وڏي ونگار ڪري سڀ ڪارڊ لکي ۽ صبح جو ڳوٺيون پري ٽانگن ۾ وجهي ۽ پوسٽ آفيس ۾ جمع ڪرائي آيس ۽ صبح جو سائين جن جي حاضري ۾ وڃي ويٺس ته پاڻ مون ڏانهن انهيءَ خيال سان نهاريائون ته هن کي ايترو ڪم آهي ۽ هي هتي ڪيئن ويٺو آهي، جيئن ته اسين حاضري وارا ماڻهو هئاسين تنهنڪري مطلب کي سمجهي ويس ۽ مون عرض ڪيو ته قبله سائين مون ڪم

لاهي ڇڏيو آهي ٻيو ڪو حڪم هجي تہ ٻڌايو. پاڻ فرمايائون سڀ ڪنهن کي پنهنجو ڪم مليل آهي ٻيو ڪوبہ ڪم ناهي. مون عرض ڪيو قبلہ هڪڙو ڪم سُجهي ٿو جي اجازت هجي تہ آئون اهو ڪم ڪريان، پاڻ فرمايائون اهو ڪهڙو ڪم آهي، مون عرض ڪيو تہ خليق سائين جن جي ساهراڻي ڳوٺ ۾ بجلي ڪانہ آهي، جي اجازت ڏيو تہ اهو ڪم وڃي آئون ڪريان، اهو ڏينهن سومر جو هو ۽ ڇنڇ خميس جي ڏينهن هلڻي هئي. پاڻ فرمايائون تہ ٽائيم گهٽ آهي اهو ڪم ڪيئن ٿي سگهندو، مون عرض ڪيو تہ مون کي اجازت ڏيو ۽ سائين جن مون کي اجازت ڏني ۽ پوءِ مون ٻن ڏينهن اندر بجلي جو ڪم ڪرايو. اتي ان وقت جو چيف خليفو سيد حاجي فتح الدين شاهہ (مرحوم) جن مون کي اچي نراڙ تي چُمي ڏني ۽ وڏو دادُ ڏنائين. پوءِ ٻن سالن تائين ان ڳوٺ وارا بنا ميٽرن جي بجلي ٻاريندا رهيا.

ڪم جي جلدي ٿيڻ جو سبب اهو هو جو ان وقت جو چيف انجنيئر واپڊا خليل احمد شيخ (پنجابي) منهنجو دوست هو جنهن جو مون هڪ تمام وڏو ڪم ڪيو هو هن جي ڀاءَ ميجر عامر جيڪو ان وقت راولپنڊي هيڊڪوارٽر ۾ رهندو ان جي نياڻيءَ جي آرمي ميڊيڪل ڪاليج راولپنڊي ۾ هڪڙي مارڪ گهٽ هجڻ سبب داخلا نہ ٿي سگهي هئي، جيڪا مون سائين جن کان پُڇي صاحب جي اي.ڊي.سي برگيڊيئر نوازش علي کي فون ڪرائي ۽ داخلا وٺي ڏني هئي، جيڪا سائين جن کي ياد ڪونہ هئي، ان جي ڪري اهو ڪم جلدي ٿيو ۽ چيف منسٽر غلام مصطفيٰ صاحب جن وليمي ۾ آيا ان کان درخواست تي آرڊر ڪرائي اهو ٽنون مون چيف انجنيئر کي ڏئي ڇڏيو هو تہ هاڻ وڃي پنهنجي ڪاغذي ڪاروائي پوري ڪريو.

ان کان پوءِ سائين جن جا جيڪي بہ ماڻهو شادي ۽ وليمي جي ڪم ڪار ۾ هئا انهن کي بنگلي تي گهُرائي انهن کي بوسڪيءَ جو ٽڪو ۽ حاجي فتح الدين شاهہ کي اجرڪ ۽ ٻين کي ڪپڙن جا وَڳا ۽ لفافن ۾ روڪ رقم ڏنائون. جڏهن سيني کي انعام ڏئي بس ڪيائون تہ منهنجي لاءِ ڪوبہ انعام نہ بچيو، سائين جن ان بعد سائين امين فهيم سان مخاطب ٿي فرمايو

تہ جيڪو ڪم مصريءَ ڪيو آهي اهو ٻئي ڪنهن کان ڪونہ ٿئي ها ۽ اسين هن کي پنهنجي لکڻ واري پارڪر انڊيپين انعام طور ڏيون ٿا. ان تي آئون ڏاڍو خوش ٿيس تہ مرشد ڪان مون کي اها پين علم جي نشاني ملي وئي آهي، جيڪا مون وٽ حفاظت سان رکيل آهي، جنهن جو فوٽو هن ڪتاب ۾ پڻ ڏنل آهي.

3. سال 1996ع ۾ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ منهنجو پٽ، راجا سهيل احمد انين ڪلاس ۾ داخل ٿيو جنهن اُتان ميڊيڪل ۾ انٽر سائنس ڪيائين ۽ ان ڪاليج ۾ سال 1998ع ۾ مون طالب المولىٰ ڪارنر ڪاليج جي لائبرري ۾ کولرايو هو جنهن ۾ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار اداري ۽ شاهہ لطيف ڪلچر سينٽر جي ڪتابن جا مڪمل سيٽ وٺي ڏنا هئا ۽ سائين طالب المولىٰ جن جي تصنيفات جو سيٽ پڻ وٺي ڏنو هو جيڪو اڄ ڏينهن تائين ڪيڊٽ ڪاليج جي لائبرري ۾ مون کان سواءِ ڪنهن بہ سنڌي ڪتاب نہ ڏنا آهن. ان لائبرري جي افتتاح جو فوٽو پڻ هن ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

4. سال 1999ع ۾ درگاهہ حضرت غوث الحق مخدوم رحہ جنهن جي وراندي جو ڪم مون اوقاف کاتي وارن کان پنج لک روپيہ منظور ڪرايا، جنهن ۾ پير ضياءَالحق سهروردي نوشهري فيروز وارو ان وقت چيف ائڊمنسٽريٽر اوقاف هو ۽ سائين سعيدالزمان ۽ مون صلاح ڪري ليبر جماعت جي ماڻهن مان ڏني ، باقي مٽيريل جو سڄو خرچ اوقاف کاتي جي طرفان ڏنو ويو. هن وقت وراندي ۾ جيڪي ٽيئر لڳل آهن اهي ٽيئر نہ پر گارڊر آهن، ان ڪم ۾ مرحوم دوست علي ٻاهوٽي رازا ڏنا ۽ ليبر کي ماني کارائڻ جو ڪم رسول بخش ٻاهوٽي جيڪو ان وقت سائين جن وٽ نوڪري ۾ هو اهو ڪم ان تي رکيو ويو اها منهنجي خوشنصيبي آهي جو اهو ڪم بہ الله سائين مون کان ورتو.

5. هن کان اڳ پيپلز پارٽي جي دور حڪومت ۾ چام صادق علي مرحوم لوڪل گورنمينٽ کاتي جو وزير هو ان کان پنج لک روپيہ گرانٽ اوقاف کاتي کي ڏياري جنهن مان درگاهہ شريف جو وضو خانو جيڪو

ٺهيل آهي (جيڪو داتا گنج بخش لاهور واري جي درگاهه تي ٺهيل وضو خاني جي نقشي مطابق ٺهيل آهي) ۽ ٻيا پنج لک روپيه منظور ڪرائي ٽائون ڪميٽي هالا کي ڏياريا. (جنهن ۾ ان وقت مخدوم اعجاز حسين چيئرمين هو) جنهن مان باب نوح رحه کان درگاهه شريف تائين روڊ ٺهيو ۽ مخدوم صاحب جن جي روڊ کان ون وي به اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس تائين ٺهيو هو ۽ ٻيا پنج لک روپين جو باب مخدوم امين فهيم کان ٽلهي تائين پڪو روڊ ٺهيو.

6. وزيرِاعظم نواز شريف جي ٻئي دور ۾ ڄام صادق علي مرحوم سنڌ جو چيف منسٽر ڄام صادق علي هو. انهيءَ زماني ۾ ٽائون ڪميٽي هالا جو چيئرمين سائين مخدوم سعيدالزمان هو ان جو ڪم ڪار ڪوبه نه ٿي ٿيو ان سائين طالب المولىٰ کي عرض ڪيو ته آئون چيئرمين تان استعفىٰ ڏيان ٿو سائين جن فرمايو ته ڇا جي ڪري استعفىٰ ڏيو ٿا؟ پاڻ عرض ڪيائون ته منهنجو ڪوبه ڪم نٿو ٿئي، تنهنڪري منهنجي چيئرمين هجڻ جو ڪوبه فائدو ناهي. ان تي سائين چيس ته مصري ڪاڪا کي گهرائجي ان توسان ڪم ڪرڻ جي هام ڀري ته تنهنجا سڀ ڪم ٿي ويندا، ان بعد سعيدالزمان مون کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ڪم ڪار جو تفصيل سمجهيائون. جنهن تي مون کين عرض ڪيو ته هلو ته سائين وڏن وٽ هلون ۽ سائين جن کان ڄام صادق علي خان کي فون ڪرايون. پوءِ اسين گڏجي سائين وڏي وٽ وياسون جتي پاڻ سعيد سائين کان پڇيائون ته توهان پاڻ ۾ صلاح ڪري ٺهي آيا آهيو؟ سعيد سائين عرض ڪيو ته هائو هاڻ سائين جن ڄام صادق علي خان کي فون ڪيو ته هائو هاڻ سائين جن ڄام صادق علي خان کي فون ڪن ته اسين ان سان وڃي مِلون. سائين جن فون ڪئي ۽ ڄام صاحب جن ٻئي ڏينهن سان کي ملاقات جو ٽائيم ڏنو ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن اسين ڄام صادق جن ڏي وياسون ۽ اهو منجهند جو ٽائيم هو ڄام صاحب مِليو ۽ منجهند جي ماني اسان کي پاڻ سان گڏ ڪارايائين، ڪمن جي سلسلي ۾ منهنجي نالي سائين کي چيائين ته

پلي اچي ۽ جيڪي ڪم آهن مون کي ٻڌائي ۽ امتياز شيخ جيڪو سندس پرسنل سيڪريٽري هو ان کي گهُرائي منهنجي نالي چيائين ته هي جنهن ڪم لاءِ به اچي اهو ڪم جيتريقدر ٿي سگهي ڪري ڏيو. ان بعد هيٺيان ڪم ڄام صاحب جن کان مون هالا لاءِ ورتا.

1. هالا ٽائون ڪميٽي کي ميونسپل ڪميٽي ڪرايو ويو.
2. درگاهه شريف جي پڪي ڪوٽ لاءِ 18 لک روپيه بلڊنگ ڊپارٽمينٽ کي ڏياري جنهن مان اهو ڪوٽ ٺهيو.
3. ڀاڄي مارڪيٽ هالا لاءِ ٽيهه لک روپيه ميونسپل ڪميٽي کي گرانٽ ڏياري جنهن مان ڀاڄي مارڪيٽ تعمير ٿي.
4. واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينج اسڪيمن جي واڌاري لاءِ پنجونجاهه لک روپيه ٽائون ڪميٽي کي ڏياريا. جنهن مان اهو ڪم مڪمل ٿيو ۽ ان ڊرينج جو پاڻي شهر کان ٻاهر ٻه ٽي ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي مخدوم غلام محي الدين جن جي زرعي زمين آباد ڪري ٿو.
5. ايس. آر. پي. سي بس اسٽينڊ لاءِ پنج لک روپيه گرانٽ ڏياري جيڪو اسٽينڊ ٺهيو پر بعد ۾ اها بس سروس بند ٿي وئي، هن وقت اتي مختلف ماڻهن جا دڪان ٺهيل آهن.
6. گوشت مارڪيٽ هالا لاءِ پندرهن لک روپيه ميونسپل پارٽي کي ڏياريا جنهن مان اها مارڪيٽ ٺهي.
7. ان بعد سائين سعيدالزمان ٽائون ڪميٽي ۾ هڪ فنڪشن ڪرايو جنهن ۾ ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين جي حيثيت ۾ مون کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنائون. جنهن جو فوٽو هن ڪتاب ۾ پڻ ڏنو ويو آهي.
8. ايوب خان جي دور ۾ سائين طالب المولیٰ جن قومي اسيمبلي جي بجٽ سيشن لاءِ اسلام آباد هليا هئا ۽ مون کي به گڏ وٺي ويا هئا ته تون ديوانِ طالب المولیٰ جي پريس ڪاپي هلي تيار ڪر. پوءِ اسين ڪوهه مري ۾ انفارميشن ڊپارٽمينٽ جي طرفان بنگلو جيڪو سائين جن لاءِ غلام نبي ميمڻ مرحوم ۽ ويسٽ پاڪستان گورنمينٽ لا اينڊ

انفارميشن ڪاتن جو وزير هو، ان بوڪ ڪرايو هو. جتي آئون ٻه مهينا رهيو هوس، ان وچ ۾ سائين طالب المولىٰ هالا ڏانهن واپس آيا ۽ سائين امين فهيم جن ڪوهه مري ۾ آيا ۽ ان بنگلي ۾ اچي رهيا هئا. شام جي ٽائيم تي پاڻ چيائون هلو ته ٻاهر چڪر ڏئي اچون پوءِ اسان ٻئي گڏجي ٻاهر وياسون. اتي ڪلڊنا روڊ تي ماڊل فوٽو اسٽوڊيو هو جتي سائين جن فرمايو هو ته اتي فوٽو ڪيڊرايون ٿا. آئون احترامن سائين جن جي پويان بيٺو هوس، مون کي سائين جن ٻانهن مان وٺي پاڻ سان گڏ ويهاريو. سائين جن ۽ آئون هم همر آهيون ۽ اهو فوٽو اسان ٻنهي جي جواني جو آهي، جيڪو پڻ هن ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي.

9. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جن جو رسالو "گنج شريف" جيڪو ڀٽ شاهه درگاهه جي ڏکڻ شريف وڏي اوطاق سڏبي آهي، ڀٽائي صاحب جي ڏاڳن سان گڏ اتي رکيل آهي ۽ اتي اوطاق انچارج "تمر فقير" جي اولاد مان ميهار فقير مرحوم مُتولي هو جنهن کي سائين جن گهرائي ۽ منهنجي رسالي لکڻ لاءِ اجازت ورتي، مون کي ياد آهي ته پهرين محرم شريف کان مون اهو ڪم شروع ڪيو ۽ ڏهين صفر تائين مون ان رسالي جو ڪم مڪمل ڪيو. ان رسالي جي صورتخطي ابوالحسن جي سنڌي ۾ آهي، رسالي کي کولبو ته ائين محسوس ٿيندو جيئن قرآن شريف ۾ عربي زبان جا اکر محسوس ٿيندا آهن. بيت يا وائي جو لفظ ڳاڙهي مَسُ سان لکيل آهي ۽ صورتخطي تمام سٺي ۽ سهڻي لکيل آهي. اها منهنجي خوشنصيبي آهي جو اهڙي بزرگ جو رسالو مون لکيو ۽ ان رسالي جو نقل اڄ ڏينهن تائين سائين جن جي لائبرري ۾ يقيناً موجود هوندو. اهو رسالو سائين جن انهيءَ لاءِ لکرايو هو ته سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپرايو ويندو پر اهو ڇپجي ڪونه سگهيو. حالانڪ سائين جن ان وقت بورڊ جا چيئرمين هئا. ڪهڙن سببن جي ڪري نه ڇپجي سگهيو معلوم نه آهي.

10. سال ياد ناهي نياز اسٽيڊيم حيدرآباد ۾ عبدالله جي ميمڻ ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن جي ملاکڙو لڳرايو جنهن ۾ ان وقت پير ضياءالحق سهروردي، نوشهري فيروز وارو حيدرآباد تعلقي جو اسسٽنٽ ڪمشنر هو ۽ حاجي هارون ميمڻ حيدرآباد سٽي جو اسسٽنٽ ڪمشنر هو. انهن ٻنهي مون کي چيو تہ اسان کي ڀهراڙين مان اُٺَ ۽ گهوڙن تي سوار ماڻهو آڻڻ ۾ مدد ڪريو جنهن تي مون پندرهن ويهہ اُٺ ۽ تقريباً پنجاهہ گهوڙي سوار ماڻهو گهُرائي ڏنا. جنهن تي مون کي ڪمشنر صاحب تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏياريائون اهو سرٽيفڪيٽ ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

11. پيپلز پارٽي جي ورڪ لاءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب ۽ سائين طالب المولىٰ سنڌ ۾ گڏ نڪتا هئا. جنهن ڀهريون جلسو ٺٽي ۾ ٿيو هو ۽ ٻيو جلسو عمرڪوٽ ۾ رکيو هئائون. جنهن جي بندوبست لاءِ سائين جن اهو ڪم منهنجي حوالي ڪيو جيڪو جلسو اتي ڪامياب ٿيو ان ۾ سروري جماعت جي ماڻهن بہ تمام وڏي مدد ڪئي پوءِ ڀٽي صاحب کي ٽائون ڪميٽي عمرڪوٽ ۾ چانهہ پياري سون. جتي سائين طالب المولىٰ ۽ آئون گڏ هئاسون. اهو فوٽو بہ هن ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي.

12. 11۔ جنوري 1994ع تي سائين طالب المولىٰ جن جي ڀهرين ورسي جي موقعي تي (جيڪا هالا هاءِ اسڪول ۾ ٿي هئي) جنهن ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه وزيرِاعظم پاڪستان جن آيا هئا ۽ ان موقعي تي سائين امين فهيم جن مون کي سوشل ورڪ جي سلسلي ۾ طالب المولىٰ ميموريل ايوارڊ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبه جي طرفان ڏياريو ويو جنهن جو فوٽو هن ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جن جي سالگره 5۔ جنوري 19ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿي هئي. اتي مشاعرو رکيل هو جنهن ۾ مون کي شاعريءَ ۾ ٻيو نمبر جيڪي جج وهاريل هئا انهن ڏنو ان لاءِ مون کي ست هزار روپيہ قاضي

اسد عابد جيڪو ان وقت حيدرآباد ضلع جو PPP جو صدر هو، ان هٿان انعام طور شهيد محترمه بينظير ڀٽو طرفان حيدرآباد ۾ قاضي صاحب جي بنگلي تي ڏنا ويا، جنهن جو فوٽو به هن ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

نوٽ: هن کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي يادگار آهن، جيڪي لکبا ته جدا ڪتاب ڀرجي ويندو حقيقت ۾ تصرف سائين جن جو هو باقي محنت سڄي مون ڪئي.

**ڪجهه سوشل ورڪ جي ڪمن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:**


1. مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ ڊگري ڪاليج نيو سعيد آباد
2. مخدوم محمدالزمان طالب المولىٰ گورنمينٽ هاءِ اسڪول پليڏنو ڪاڪا
3. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول پليڏنو ڪاڪا
4. رورل هيلٿ سينٽر A ٽائيپ پليڏنو ڪاڪا
5. فوڊ ڊپارٽمينٽ جو سينٽر گودام پليڏنو ڪاڪا
6. پوسٽ آفيس پليڏنو ڪاڪا
7. فيلڊ اسسٽنٽ آفيس
8. اوطاق مخدوم صاحب کان الله بخش ترڪ روڊ
9. سعيدآباد کان سرهاڙي روڊ
10. پليڏنو ڪاڪا باءِ پاس روڊ
11. سعيدآباد بکر جمالي روڊ
12. بکر جمالي کان لالو خاصخيلي روڊ
13. بکر جمالي کان خدابخش ڪاڪا وايا اوير سومرو کان سرهاڙي روڊ
14. بکر جمالي موري کان عليشير خاصخيلي روڊ
15. بکر جمالي موري کان متل موري روڊ
16. غلام محمد مناهجي کان الياس ابڙيجو روڊ
17. اول چيچر کان عبدالواهد ٻرڙو روڊ
18. هالا کان ڀاٽوٽ روڊ
19. نيشنل هاءِ وي کان وايا راٽو ٻگهيو زير پير روڊ


20. شهدادپور کان ڪرم خان نظاماڻي
21. هالا کان ميرجت ايٽ ڪنڊو روڊ
22. نيشنل هاءِ وي کان فريد فارم وايا اولڊ سعيد آباد ۽ نيو سعيد آباد روڊ
23. سعيد آباد کان بچل ڪاڪا روڊ


۽ ٻيا ڪيترائي ننڍا وڏا تعميراتي ڪم ۽ ننڍا ننڍا روڊ ٺهرايا ويا ان کان سواءِ تقريباً پنجاهه ڳوٺن کي بجلي ۽ پرائمري گرلس ۽ بوائز اسڪول منظور ۽ تعمير ڪرائي ڏنا ويا.

## سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيل ڪجھ ڪتاب




Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.